Sindhi Sahitya Uttam

A.J. Uttam



سنڌي ساهت

ادبي ۽ تنقيدي مضمون

Asha Chand
12 B/2 Jethi Behan Society, Mahim
Mumbai - 400016
9769313331 | 9821473200.
www.AJUttam.com
Info@SindhiSangat.com

سنڌي ساهت

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

ليکڪ: آتم

قيمت رواجي جلد ٽي رپيا
ڪپڙي جي جلد سان ست رپيا

ڪتاب چوئيتاليهون] [جون ۱۹۷۱

نئين دنيا پبلشرس
اي-۴، هيراباد مينشن
سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ
مهم، بمبئي-۱٦.

فهرست

١- جيئي سنڌ جي هلچل ٩
٢- سنڌي ساهت ۽ آزادي ٢٥
٣- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت ۴٥
۴- شاهه، سچل ۽ سامي ٦١
٥- حقيقت نگاري ۽ سنڌي ساهت ٨٥
٦- بيوس جي شاعري ١٠٥
٧- سنڌيت جي هلچل ١١٩
٨- ضيا جو مذاقي شعر ١٣١

Printed by Ram Jethanand at Janki Printing Press 77, Kapad Bazar, Mahim, Bombay-16. Owned and Published by him at Naeen Duniya Office, A-4, Hirabad Mansion. Sitladevi Temple Road, Mahim, Bombay-16.

آرپڻ

شاهه، سچل ۽ ساميءَ

کي

اڄ ئي اسانکان هيٺيان ۽ ٻيا ڪتاب گهرائي پڙهو

تو جنين جي تات (سندريءَ جون ٽڙيون ڪهاڻيون)	۳-۰۰
ڪشمڪش (اُتم جي ڪهاڻين جو مجموعو)	۳-۰۰
دودي جو موت (شيخ اياز جا سنگيت-ناٽڪ)	۲-۰۰
جيئي سنڌ (سنڌ جي ليکڪن جون ڪهاڻيون)	۳-۰۰
ڀارت جو دوست لينن (اُتم جو انعامي ڪتاب)	۳-۰۰
روپ ۽ بهروپ (منووگيانڪ ناول، ترجمان اُتم)	۱-۵۰
ڀريون پيار (ناول- سنڌيڪار کيمچند سمن)	۲-۰۰
پياسي ڌرتي، پياسي دليون (ڪرشنچندر جو ناول)	۲-۵۰
گيت سنهري سنڌوءَ جا (شيخ اياز جو ڪلام)	۲-۰۰
مهاتما ۽ لينن (اُتم جو نئون ڪوجنائڪ ڪتاب)	۲-۰۰
ڪرنڊڙ ديوارون (سندري اُتمچنداڻي جو ناول)	۲-۰۰
پريت پراڻي ريت نرالي (سندري اُتمچنداڻي جو ناول)	۲-۵۰
اَڇا وار ڳاڙها گل (سندريءَ جون نيون ڪهاڻيون)	۲-۰۰
اَمن سڏي پيو (سندري اُتمچنداڻي جو انعامي ڪتاب)	۲-۵۰
ڀارت-روس دوستي (اُتم جو انعامي ڪوجناتمڪ ڪتاب)	۲-۰۰
ٽئگور-هڪ جهلڪ (اُتم جو تنقيدي ڪتاب)	۱-۵۰
انسان جو نصيب (شولوخوف جو ناول- ترجمان اُتم)	۱-۰۰
پتنگن پڻ ڪيو (اُتم ۽ ٻين جون سنڌي ڪهاڻيون)	۱-۰۰
چوڏهن ڀارتي ڪهاڻيون (ليکڪ ڀشواڪ ڪرشنچندر)	۲-۰۰
ناچو (مالهي، سندري ۽ ٻين جا سنڌي ناٽڪ)	۱-۵۰

"جيئي سنڌ" جي هلچل

سنڌ ۾ "جيئي سنڌ" جي هلچل شروع ٿيڻ ۽ زور ورتي چار پنج سال مس ٿيا آهن، پر اُنجو ٻج ورهاڱي وقت پئجي چڪو هو، جڏهن پاڪستان جي ڪري هندو سنڌ مان لڏڻ لڳا ۽ پنجابي ۽ مهاجر مسلمانن جا ڪٽڪ سنڌ ۾ اچڻ لڳا. اِهي غير سنڌي مسلمان، اچڻ سان ئي سنڌين جي زمينن ۽ جاين، دڪانن ۽ نوڪرين تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. اُن وقت کان ترقي پسند سنڌين اِهو نعرو بلند ڪيو ته "سنڌ، سنڌين لاءِ آهي." جيئن "نئين دنيا" آگسٽ ١٩٤٧ واري پرچي ۾ لکيو، "پاڪستان وجود ۾ اچڻ کانپوءِ سنڌ ۾ هڪ نئون نعرو لڳڻ شروع ٿيو آهي. اِهو نعرو آهي سنڌ، سنڌين لاءِ. خود ارادِيت جو حق نه ملڻ ڪري، سنڌين جو اِهو رايو آهي ته پنجابي ۽ ٻيا غير سنڌي، سنڌ جي زمين، واپار، نوڪرين ۽ سياست تي غالب پوندا......سنڌ، پنجابين جي غلام رهندي...اِهي انديشا ڪنهن حد تائين ضرور صحيح آهن ۽ ضروري آهي ته پنجابين ۽ ٻين غير سنڌين جي، سنڌ جي زمين، واپار، نوڪرين ۽ سياست ۾ دست اندازيءَ جي هر امڪان کي روڪيو وڃي......"

۽ وقت شيخ اياز "جيئي سنڌ" جو نعرو به بلند ڪيو جيڪو هن پنهنجيءَ ڪهاڻيءَ "پاڙيسري" ۾ ڪم آندو آهي، جا جون ١٩٤٧ ۾ "اسانجي سنڌ" نالي ڪتاب ۾ ڇپي هئي،

جنهن جي مهاڳ ۾ هن ”سنڌ، سنڌين لاءِ“ خيال جي ڪجهه سمجهاڻي به ڏني آهي.

ترقي پسندن جو اهو نعرو انوقت مقبول نه ٿيو ۽ سنڌ ۾ ٻاهران آيل پناهگير مسلمانن فساد ڪيا، جنهن ڪري وڏي پيماني تي هندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي. انجو سمورو فائدو غير سنڌي مسلمانن کي مليو، جيڪي سڄيءَ سنڌ تي ڇانئجي ويا ۽ سنڌي مسلمان آرٿڪ طرح هندن جي تابع ٿي پيا. پر آهستي آهستي اِن آرٿڪ غلاميءَ سنڌي مسلمانن ۾ سنڌ جي خود مختياريءَ لاءِ چاهه پيدا ڪيو جو اندر ئي اندر ۾ پلبو رهيو.

سنڌي مسلمان آرٿڪ ڏک سان گڏ، راڄنيتي ڏک به زبردست کاڌو. ۱۹۴۸ ۾، سنڌ کان ڪراچي کسي وئي ۽ ان عيوض پئسا ڏيڻ ته ٺهيو پاڻ سنڌ سرڪار کان، پاڪستان سرڪار، ۳۰ ڪروڙ رپيا روڪڙا ۽ ۵۰ ڪروڙ رپين جون جايون ۽ دفتري ڪاغذ وغيره ورتا. سنڌ اڃا اهو ڏک سهسايو ئي ڪون هو ته ۱۱-۱۲-۱۹۵۴ تي ون يونٽ سرشتو بحال ڪري پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحدي صوبي کي گڏي اولهه پاڪستان ٺاهيو ويو. انهيءَ سنڌ جو نالو ۽ نقشو صفحي هستيءَ تان ئي مٽايو ويو. سنڌ جو نالو وٺڻ يا نقشو ڪم آڻڻ به ڏوهه ٺهرايو ويو. خطن جي ائڊريس ۾ ”سنڌ“ لفظ براڪيٽ ۾ به نه ٿي لکي سگهبا. رستن، آفيسن، اسٽيشنن، پلن وغيره تان سنڌي بورڊ لاهي اردوءَ ۾ بورڊ لڳايا ويا.

سنڌ اسيمبليءَ تان ون يونٽ جي بحالي وٺڻ لاءِ پيرزادي عبدالستار جي وزارت کي ڊسمس ڪري کھڙي جي وزارت آندي وئي. جي. ايم. سيد ۽ حيدربخش جتوئي جھڙن جن به انجي مخالفت ڪئي، تن کي جيلن ۾ وڌو ويو ۽ ٻين ميمبرن کان بندوقن جي زور تي قبوليت ورتي وئي. ياد رهي ته سنه ۱۹۴۷ کان ۱۹۵۴ تائين سنڌ ۾ ۱۱ وزارتون ٺهيون ۽ ڊٺيون. ان عرصي ۾ ۵ مقرر ٿيل گورنرن مان سنڌي رڳو هڪ هو. گذريل ۱۵ سالن ۾ ڪنهن به سنڌيءَ کي ڪمشنر يا پوليس جو انسپيڪٽر جنرل يا ڊپٽي جنرل جو عهدو نه ڏنو ويو.

ون يونٽ قائم ٿيڻ ڪري سنڌ جي نه رڳو راڄنيتي هستي ختم ٿي وئي، پر انجي تهذيبي حيثيت يعني ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ستياناس ٿي وئي. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري دفترن، ڪاليجن ۽ لئبررين مان نيڪالي ملي وئي. سيڪنڊري درجن ۾ سنڌيءَ رستي تعليم ڏيڻ بند ڪئي وئي. انجي جاءِ اردوءَ والاري. سنڌي ڪاليجن ۾ غير سنڌي ڀرتي ڪيا ويا. ڪيترن ئي سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي شايع ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي. ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ پروگرام نه جھڙو ڏنو ويو. ان وقت جي سنڌ جي حالت جي تصوير اياز جي هن لاثاني بيت مان بخوبيءَ ملي ٿي:-

”ڏهي ڀرڏهي لها، ڀرڏهي ڏهي

آيا گهڙي اوٺڙا، لڪري ويا ليٽي،
ٻاروا ٻيٽي، والاري ويا سنڌڙي.”

ليڪن سنڌي عوام کان اهڙي حالت سٺي نه ٿي. اُن ون يونٽ خلاف آواز بلند ڪيو. سنڌ جو سود و ڪندڙن تي خوب ڦٽ لعنت وڌي وئي، جنهن هڪ شاعر ابن حياط پنهور ١٩٥٦ ۾ لکيو:-

سنڌ جا سوداگر ٽوٽي لعنت لک هزار
صديون گڏ رهيون ڪنهن نه ڪيو هي ذلت جو واپار
سوين سڪندر، قاسم ڪرڙا، احمد شاهه ابدالي
آيا ٽوڪر ڪاٽي هليا ويا، ويٺا ڪين ٿي والي،
سنڌ سوڀاري سالم رهندي، ڪامل آ اعتبار!

ٻئي هڪ شاعر ”سنڌي ليڊر“ ڏانهن مخاطب ٿي لکيو هو:-

”وڃائي سنڌ، سنڌين کان ڀلا ڇو ڪيئن سکيو رهندين؟
منسٽر ٿي به پنجابين جا پادر سر مٿان سهندين.
نه پنهنجن وٽ نه غيرن ۾ ڪٿي ڪو مان تون لهندين
ڏلل گڏ جيان پنهنجي پيو پاڇي کان تون ٿهندين.“

هڪ طرف ون يونٽ جي طرفدارن خلاف ڦٽ لعنت شروع ٿي ته ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سڪ جو جهڙ سيلاب وهي لڳو. شيخ اياز ”مٺڙي سنڌ“ شعر ۾ لکيو:

توتان واريان جند - منهنجي مٺڙي سنڌ!
تنهنجيءَ ٻوليءَ جو مان ٻيلي، واريان تنهن تان ٻاڻ
ڳالهيون تنهنجون ڳايان، منهنجو سر آهي تو ساڻ! تو تان...

تنهنجا ويري ليڏا ڪري ان جي منهن ۾ ڌوڙ،
سالي آسچ لون ٻهني لچ، ڪيسين ڪڍندو ڪوڙا! ٽولان...

اُنوقت اهڙا شعر ٻين شاعرن نياز همايوني، تنوير عباسي، بردو سنڌي، "مجروح،" گدائي، دلگير (جو اُن وقت سنڌ ۾ هو) ۽ ٻين به لکيا. ان باري ۾ جمال رند جي لکيل وَن يونٽ سرشتي تي چوٽ هڻندڙ طنزي ڪهاڻيءَ "واريءَ سنڌو ڪوٽ" خاص ذڪر قابل آهي.

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سڪ سان گڏ، مسلمانن ۾ لڏي ويل هندن جي ياد ستائڻ لڳي. اُنهنجي شهيد ٿيل اڳوالن جهڙوڪ ڪنور ڀڳت، هاسارام پمناڻي ۽ هيمو ڪالاڻيءَ لاءِ قرب جو جذبو اڀرڻ لڳو. جيئن سنڌ هلچل جي هڪ مکيه رهبر جي-ايم-سيد ۱۹۵۲ ۾ لکيل پنهنجي مشهور ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" (جيڪو ضبط ڪيو ويو) ۾ لکيو هو، "هندن جي سنڌ مان نڪري وڃڻ جو ٻورالو ڪٿين ورهين ڳاهه به ڪين ٿي سگهندو... هنن ڪانسواءِ سنڌ ٻسي ٻيٺي لڳي. "آڏي آڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون، نڪاڻا ۽ ڏول ٻيا آهن ٻٽ لي! (شاهه)"

جي- ايم- سيد ان ڪتاب ۾ وڏيڪ اهو به صاف صاف لکيو آهي ته سنڌ جا سڀ هندو توڙي مسلمان هڪ جدا قوم آهن جنهنجي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ ڪي سنڌ جي ٻاهران آيل مهاجر مسلمانن جي ٻولي اُردو ۽ تهذيب جي هٿ هيٺ وڃڻ سان سنڌي قوم جو خاتمو

تي ويندو، جيئن هو لکي ٿو، ”مسلم ليگ جو اهو نظريو ته پاڪستان جا سڀ مسلمان هڪ جدا قوم آهن، فرسودو، بيڪار ۽ نقصانڪار آهي. انهيءَ نظريي کي قائم رکڻ ۾ پاڪستان جي اصلي باشندن، سنڌين، پنجابين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بنگالين جي زبان، اَدب، تهذيب ۽ قديم روايتن، سياسي، اقتصادي (آرٿڪ) ۽ معاشرتي (پگتي) مسئلن، خواهشن ۽ جذبات کي ختم ڪري چند ٻاهران آيل حڪمران طبقي جي ماڻهن جي زبان، ادب، تهذيب، سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي مفاد ۽ خواهشن جي تابع بنائڻ جو راز لڪل آهي. انهيءَ کي قائم رکڻ سنڌي قوميت جي هستيءَ مفاد ۽ ترقيءَ لي فالج پڙهڻ جي برابر ٿيندو ... جيڪڏهن ملڪ ۽ قوم جي بهتري ڳولهڻي آهي ته ملڪ جي سياست کي قوميت ۽ سوشلزم جي سواهري اُصولن تي بيهارڻو پوندو... اسلام ۽ پاڪستان جي خطري جو ٻوڙو هڪ قسم جو ڍونگ آهي.“

جي. ايم. سيد پنهنجي آتم ڪهاڻي جا ٻه ڀاڱا ”جنبي گذاريم جن سين“ ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي هندو سنڌين، اڳواڻن آديبن، عالمن ۽ سماجڪ ڪم ڪندڙن جي قدرشناسي ڪئي آهي. پنهنجي ٻئي ڪتاب ”جديد سياست جا نوَرتن“ ۾ گانڌيجي، جواهر، پٽيل، آزاد، جناح وغيره تي ليک لکيا اٿس، جنهن ۾ گانڌيجيءَ کي سڀني پيغمبرن کان ٿي وڏو ڪري ليکيو اٿس. هڪ هنڌ مهاتما بابت

لکيو، "دنيا جي هڪ عظيم پيغمبرن جا ٻه سندن حياتيءَ جي عرصي ۾ ايترا سرويچ پوئلڳ نه لڌا، جيترا هن ضعيف بدن، ساڌو صفت، سياسي رهنما جا لڌا." هن بيان ۽ جناح تي ڪيل نڪته چيني ڪري سيد جو هي ڪتاب نه رڳو ضبط ڪيو ويو، پر هن تي ڪيس ڪري جيل جي سزا ڏني ويئي پر جي. ايم. سيد پنهنجي رائي تان هٿ نه ڪڍيو.

ساڳيءَ طرح جيئي سنڌ هلچل جي ٻئي مکيه رهنما **حيدربخش جتوئيءَ** اُن وقت پنهنجيءَ اخبار هاري- حقدار جو ١٩٥٥ ۾ خاص شهيد پرچو ڪڍيو، جنهن ۾ ڪنور ڀڳت، هاسارام پمناڻيءَ، هيمو ڪالاڻيءَ ۽ سيٺ هرچندراءِ جا فوٽن سان ليک ڇپيائين. ورهاڱي بعد اهو شايد پهريون دفعو هو جو سنڌي مسلمانن طرفان هندو شهيدن کي ياد ڪيو ويو هو ۽ هنن تي شردانجلي پيش ڪئي ويئي هئي.

"جيئي سنڌ" جي اُهي ٽي جزن- (١) ون يونٽ جي مخالفت (٢) سنڌ ۽ سنڌيءَ لاءِ سڪ (٣) هندن جي ياد هڪ اها هلچل پيدا ڪئي جو اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ ١٩٥٧ ۾ ون يونٽ سرشتو ٽوڙڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ قومي پارليامينٽ کي اهڙي سفارش پڻ ڪئي. اها سفارش عمل ۾ اچي ٿي اچي، ان کان اڳ ۾ آڪٽوبر ١٩٥٨ ۾ مارشل لا جاري ڪيو ويو ۽ ون يونٽ قائم رهيو. پر اڪري جيئي سنڌ جي هلچل سماپت نه ٿي ويئي، جيتوڻيڪ دٻجي ضرور

وڌي ۽ اڳڀران ٿي اڳڀران وڌندي شاگردن کي به ٻاٽا، سمائڻ لڳي ۽ پارٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي سوڀ (١٩٦٦ ۾) مان آساهه حاصل ڪرڻ لڳي. انجو ڀيرون ٽڪر سرڪار سان، ١٩٦٧ ۾ ٿيو، جڏهن ڄامشوري (حيدرآباد) وٽ شاگردن کي لٺيون ۽ ٻيون جنيون سختيون پيئيون. هڪ ڏينهن ۾ ٥٠٠ شاگردن کي جيلن ۾ ٺونسيو ويو. سنڌ جي سڄي اتهاس ۾ ايترا مسلمان شاگرد ڪڏهن به جيل ۾ موڪليا نه ويا هئا.

جيئي سنڌ جي هلچل جي هيءَ عوامي شڪل پهريون دفعو ظاهر ٿي هئي. شاگردن تي جيڪو سرڪار طرفان ظلم ڪيو ويو انهن تي سڄي سنڌ ڏندن آڱريون ڏنيون. ڪوين، ڪهاڻي نويسن، ناٽڪ نويسن، مضمون نويسن ۽ ڪلاڪارن، هن موقعي کي پنهنجين رچنائن جي وشيه بڻايو. هن واقعي بعد ٿي، جيئي سنڌ جي هلچل صحيح معنيٰ ۾ شروع ٿي، اها صاف ۽ سرگرم، وسيع ۽ عوامي هلچل بڻي. ان کي حيدر بخش جتوئيءَ طرفان ”جيئي سنڌ“ جو نعرو مليو. پوءِ ”جيئي سنڌ“ سکڻو نعرو يا رواجي هلچل نه رهي، پر اهو سنڌي جنتا جي جيون جو انگ بڻجي ويو. ”سلام عليڪم“ جي بدران ”جيئي سنڌ - سدا جيئي سنڌ“ جو سلام ڪرڻ ۽ ڪيڪار ڪرڻ جو رواج چالو ٿيو. ”جيئي سنڌ“ سنڌي ادب ۽ آرٽ جو به هڪ اهم موضوع بڻجي ويو. ڪيترا ئي نوان ليکڪ ۽ ليکڪائون نڪري نروار ٿيا جن

پنهنجين لکڻين سان "جيئي سنڌ" هلچل کي هٿي ڏني. ان سلسلي ۾ حميد سنڌيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرندڙ سنڌ جي يگاني ماهوار مخزن "روح رهاڻ" جا صفحا شاهد آهن. ان مخزن ۾ جي - ايم - سيد، جويو، اياز، نياز، تنوير، گدائي، رسول بخش پليجو، ڏيپلائي، گرامي، عبدالله چنا، سراج، آغا سليم، رشيد ڀٽي، جليل، جمال رند، مغل، امداد، قمر، وفا، آثم، رنگريز، فتاح، عابد، ناشاد، پروانو، مسرور، پياسي، محسن، نديم، مجرم، منير، ذوالفقار، شاد، دائود بلوچ، شوڪت حسين، عبدالقادر جوڻيجو، ارباب سنڌي، شيخ عزيز جون رچنائون خاص اهميت رکن ٿيون. جيئي سنڌ جي سرگرم حمايت ڪرڻ ڪري "روح رهاڻ" تي ان سالن کان بندش پيل آهي، جنهنجو خال سال کن کان طارق اشرف جي "سهڻي" ۽ لغاريءَ جي "سچ ڊائجسٽ" پوري رهي آهي.

ان دور ۾ لکيل حيدر بخش جتوئيءَ جي گيت-ڪوتا "جيئي سنڌ" هڪ يگاني حيثيت رکي ٿي. اها ڄڻ سنڌين لاءِ قومي گيت بڻجي پئي آهي. ان ڪوتا ۾ هڪ هنڌ اهڙو خيال ڏنل آهي، جنهن جهڙو خيال سڄي هندستان-پاڪستان جي اڪنڊ ۾، سواءِ شيخ اياز جي ٻئي ڪنهن به شاعر کي همت نه ٿي آهي، جو پيش ڪري سگهي. ان ڪوتا ۾ جتوئي نه هڪ هنڌ لکيو آهي:

(١) "پاڻ آ پنهنجو هر انسان"
پنهنجو آئي هي ايمان!

پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
(٢) "جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءَ منجهه هر هنڌ!
پيار پيار ٿئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!"

ان خيال جي ڪري ئي اها گيت ڪويتا سنڌ ۾ ڪنهن به مخزن ڇپڻ جي جرئت نه ڪئي، پر اها سنڌي "نئين دنيا" ۾ ڇپجڻ لاءِ آئي جا جون ١٩٦٧ واري پرچي ۾ ڇپي وئي. ان ڪويتا ۽ ٻين اهڙين ڪويتائن جي ڪري جتوئيءَ کان پاڪستان سرڪار ويهه هزار ضمانت گهري جا هن نه ڏني. انهن ڪويتائن سان اڳيون جتوئي جنهن "درياهه شاهه" ۽ "شڪوه" شعرن سان شهرت حاصل ڪئي هئي، سو هاڻي وري ڪويتا جي کيتر ۾ واپس آيو. هونءَ آرٽ ۽ راجنيتي کيترن ۾ سرگرم رهنمائي ڪرڻ ڪري، جتوئي ڪافي وقت تائين ڪويتا لکڻ ئي ڇڏي ڏني هئي ۽ هو ڄڻ "جيئي سنڌ" هلچل جو هاري مورچو سنڀالي ويٺو هو. افسوس جو ان ڪويتا لکڻ ڪالپوءِ ٽن سالن اندر، مئي ١٩٧٠ تي حيدر بخش جتوئي سدائين لاءِ جدائي ڪري ويو. ليڪن هو اڄ به امر آهي.

جيڪو خيال جتوئيءَ جي مٿي ڏنل بندن ۾ پيش ڪيل آهي، لڳ ڀڳ اهڙو خيال لوڪ پياري ڪويءَ شيخ اياز

۱۹۶۵ ۾ هندستان - پاڪستان جي جنگ وقت لکيل پنهنجي هيٺئين شعر ۾ ڏنو آهي:-

هي سنگرام!
سامهون آ
ڌاراڳڙ شيام!
هن جا منهنجا،
ڦول ٻه ساڳيا،
ٻول ٻه ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ - ڏٺي ٻر
منهنجا رنگ - رنگول ٻه ساڳيا.
ڀت ٻه ساڳيو،
ڀول ٻه ساڳيو،
هانءُ ٻه ساڳيو،
هول ٻه ساڳيا،
هن ٿي ڪيئن بندوق کڻان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان.
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان...

هن ڪوتا لکڻ جي ڪري نه رڳو شيخ اياز کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ ساڻس جهڙيون ڪيون ويون، سو آن ڪالهوڙه جيل کي جو هندو گهر بڻايو ويو. ڪن تنگدل ۽ تعصبين نه سرڪار

کان تقاضا ڪئي ته اياز کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. مگر جيئي سنڌ هلچل ڏينهون ڏينهن، جا زور پڪڙي رهي هئي، تنهن ڪري سرڪار کي ان قدم جي جرئت نه ٿي. حقيقت ۾ اياز جي هن ڪوتا ۽ سندس ٻين انيڪ ڪوتائن، جيئي سنڌ جي هلچل جو زبردست ڦهلاءُ ڪيو آهي، خاص ڪري ودوان ۽ وچولي طبقي ۾، جڏهن جتوئيءَ هاري ۽ هيٺين طبقي ۾ ۽ جي. ايم. سيد مٿين طبقي ۾ ڪيو آهي. ان کان سواءِ اياز، سنڌي شعر ۾ هڪ انقلاب آندو آهي ۽ ڪيترن ئي شاعرن کي اتساهت ڪيو آهي. باغي خيالن جي ڪري اياز جي اڪثر ڪتابن تي بندش پيل آهي ۽ هي ئي هڪ شاعر آهي جنهن جا گيت ۽ ڪوتائون پاڪستان ريڊيو تان براڊڪاسٽ نه ڪيا ويندا آهن.

مارچ ١٩٦٧ جي واقعي بعد جيئي سنڌ جي هلچل هاڻي نه رڳو وشال ٿيندي رهي هئي، اُگردار ٿي رهي هئي، پر ان کي پنهنجي ماضيءَ جي قيمتي ورثي سان ڳنڍي جيئي سنڌ جي خيال کي مڪمل ۽ وگيانڪ نظرئي جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهو ظاهر ڪيو ويو ته سڄي سنڌي قوم-مسلمان توڙي هندو- موهن جي دڙي جي وارث آهي ۽ راجا ڏاهر اسانجو قومي هيرو آهي ۽ محمد بن قاسم حملو ڪندڙ آهي. سنڌ ۾ راجا ڏاهر جي ورسي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي. ان خيال جي شروعات، پهريان شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۾ ڏاهر جي ڏڻهن بابت نظم

لکڻ ۽ ڏاهر ۽ سنڌس راڻيءَ جي بهادري بابت "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ڪتاب ۾ ذڪر ڪرڻ سان ڪئي.
"ڪلهي پاڻر ڪيترو" ۾ جيڪا عاليشان ڪوتا لکيائين، سا هيٺ ڏيان ٿو:-

راجا ڏاهر!

تنهنجون لياڻيون
سهڻيون سياڻيون

ڪنهن هٿن آنديون!
مانديون! بانديون!

چيلهه ۾ رسا
چڪيا چوٽا
اڳتان گهوڙا

پٽ ڏان پياريون
راج ـ ڪماريون
ننگهون ساريون

ها، پر آهي
پوڄ، انهن جي

منهن تي لفرس
عظمت، جرائت!

آهن منهنجون
جڻ ڪوتائون.

پوءِ ڄ جي ـ ايم ـ سيد ۽ ان خيال جي ڪلي حمايت

ڪئي. جنهن خلاف نه رڳو سنڌ جي پر هند جي اردو اخبارن به هاءِ گهوڙا مچائي ڇڏي. پر آباز، سيد ۽ ٻيا اڳوان نه رڳو اڏول ويٺا آهن، پر پاڻ سان گڏ ٻيا ڏوان ڏوان حمايتي پڻ پيدا ڪري رهيا آهن. انتريقدر جو اڄ سنڌ ۾ زالون پنهنجن ٻارن تي راجا ڏاهر، هيمون ڪلاڻي وغيره نالا رکي رهيون آهن.

ان باري ۾ حيدرآباد سنڌ جي گرلس ڪاليج جي اِنٽر سائنس جي وديارٿڻ **مس ياسمين** سنڌيءَ جيڪو هڪ اردو اخبار کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي، سو اِتهاسڪ آهي. هوءَ لکيتي، ”عابد صاحب، ڪاش مان توهانجي منهن تي ٿڪ هڻي سگهان. توهانجي ليکڻ تي مذهب جو رنگ چڙهيل آهي. مذهب جيڪو ذليل ماڻهن جو بڻايل آهي. توهانکي ان تي اعتراض آهي ته سنڌ جي شاگردن جي ڪنوينشن ۾ هڪ هندو ڪالاڻيءَ کي شهيد ۽ هيرو جي حيثيت سان ڇو پيش ڪيو ويو آهي. چڱيءَ طرح ياد رکجو ته سنڌ جو نئون نسل مذهب تي لعنت ٿو هڻي. راجا ڏاهر هڪ سنڌي هو. چاهي هو هندو هو يا مسلمان اسانجو هيرو آهي. اڄ به سنڌ ۾ هزارين هيمون ڪالاڻي موجود آهن. وقت اچڻ تي هي ثابت ٿي ويندو ته اسين سنڌي **محمد بن قاسم** تي لعنت ٿا هڻون، مذهب تي ٿڪار ٿا هڻون، شاهه لطيف کي سلام ٿا ڪريون جي. ايم. سيد کي سلام ٿا ڪريون. سنڌ جي عظمت

اسلام جي ڪري ڪانهي، پر موهن جي دڙي جي ڪري آهي ان ڪان لڪين اسلام ۾ گهوري ڇڏجن. اسانجو نعرو آهي، "مرسون مرسون، پر سنڌ نه ڏيسون." اسان ڇوڪرين اهو فيصلو ڪيو آهي ته اسين پنهنجن ڀائرن تي نالا ڏاهر، هيمون ڪالاڻي، شيخ اياز ۽ هوشو رکنداسين."

راجا ڏاهر ۽ محمد قاسم جي سوال تان سنڌين ۽ مهاجر مسلمانن جي وچ ۾ ڇڪرارون لڳڻ شروع ٿي ويون. پر جيئي سنڌ هلچل اڳ کان اڳري ٿي هلڻ لڳي ۽ 1969 ۾ هيءَ هلچل چوٽيءَ تي پهچي ويئي ۽ ايوبي ڊڪٽيٽرشاهيءَ خلاف سڄي پاڪستاني جنتا سان ڪلهو ڪلهي ۾ لاهي هلي. مظاهرا سرگسون ته ڇڏيو پر ستياگره ۽ بک هڙتالون ۾ ٽيون جنم ڇوڪرين به سرگرم ڀاڱ ورتو. پهرين ڇوڪري جيڪا ون يونٽ خلاف فيبروري 1969 ۾ بک هڙتال تي ويٺي سا هئي مس صحرا هاروڻي. هن ڪانپوءِ ٻن ٻين ڇوڪرين رياض ميمڻ ۽ اڪرم سلطانه وري 72 ڪلاڪن جي بک هڙتال رکي.

پاڪستاني ڊڪٽيٽر سنڌي زالن کي جيلن ۾ وڌو ۽ ڪين عذاب ڏنا. جيئن تازو حيدرآباد سنڌ ۾ 14 فيبروري 1971 تي ٿيل سنڌي زبان ڪنوينشن ۾ محترمه اختر بلوچ تقرير ڪندي چيو، "اسان ڀائرن کي جوانن ۽ ڌاڙيلن وانگر هٿڪڙين ۾ رسا وڌا ويا، جيل ۾ هٿرادو بيمار ڪري علاج جي بهاني عذاب ڏنائون." هن وڌيڪ چيو

”هن وقت اسانجي آڏو پنهنجي وطن، قوم ۽ ٻولي بچائڻ جو سوال آهي... اسانجي گهرن، دڪانن ۽ ملڪيتن کي باهيون ڏنيون ويئون، ڪتاب سازي شاگردن، هارين، قومي ڪارڪنن کي پوليس ۽ غنڊن هٿان لٺيون ڇرا بندوقون ۽ گوليون هنيون ويئون، جيلن ۾ وڌو ويو، شاگردن ٻڪون ڪڍيون، جنڊ پيهايائون، چهبوڪ سٽائون... اسين پنهنجي امڙ جي اوليءَ واري ٻوليءَ لاءِ گولي کائڻ لاءِ تيار آهيون. جيئي سنڌ.“

هن تازي ڪنوينشن جي رپورٽ مان صاف ظاهر آهي ته جيتوڻيڪ اڄ سنڌ ۾ وَن يُونٽ ٽٽي چڪو آهي ته به اڃان سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي پنهنجي جدا هستي مڪمل طرح واپس نه ملي آهي ۽ سنڌ جا ۳۰، ۴۰ لک غير سنڌي مسلمان، ۷۰، ۷۵ لک سنڌي مسلمانن کي پنهنجا حق ۽ خود مختياري سولائيءَ سان نه ڏيندا! ليڪن اڄ جيئي سنڌ هلچل، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل ئي ڪانهي پر سنڌ ديش جي پرانتڪ خود مختياريءَ جي به هلچل آهي، جيڪا خود مختياري شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نڪتن واري پروگرام موجب ٿيندي. سنڌي جنتا هاڻي ان اديش ئي اٽل آهي ۽ اها تيستائين سانت ڪري نه وهندي، جيستائين جيئي سنڌ هلچل مڪمل طرح ڪامياب نه ٿي آهي.

سنڌي ساهت ۽ آزادي

هندستان ١٨٥٧ ۾ غلاميءَ جا ٻٽيهه ٻنڌن ٽوڙڻ لاءِ ٻهريون دفعو وسيع پيماني تي انگريزي حاڪمن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. سامراجين جي ساري زور هٿي جو هو بغاوت کي دٻائي سگهيا. ليڪن بغاوت جي آڳ صفا اجهامي ڪانه ويئي. ان مان جا چڻنگ رهجي ويئي سا آهستي آهستي دکندي هڪ ٻنيت ٻڻجي پيئي، جنهن غلاميءَ جي گهانگهي کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو.

١٨٥٧ کان ١٩٤٧ تائين، ٦٠ سالن جو دور هندستان جي اتهاس ۾ آزاديءَ جو يگ سڏجي ٿو. ان دور ۾ هندواسين هڪ اهڙيءَ سلطنت سان ٽڪريون کاڌيون جنهن تان سج ڪڏهن به نه لهندو هو.

ساهت سماج جو آئينو آهي، اهو زماني جي پيدائش آهي. انڪري اسانجي ساهت جو ان يگ جي آزاديءَ

جي هلچل کان متاثر ٿيڻ نہ فقط سڀاويڪ هو پر اٽل هو.
جهڙيءَ طرح زمانو ادب تي اثر وجهي ٿو، تهڙيءَ
طرح ادب پڻ ڪنهن حد تائين زماني جي هلچلن کي
اثر انداز ڪري ٿو. ان کان ڪير انڪاري ٿي سگهندو
تہ ٽئگور، پريمچند شرتچندر، اقبال، نذرالسلام وغيره
جهڙن ليکڪن پنهنجين قومي رچنائن سان اسان ۾
آزاديءَ جو جذبو نہ ڦوڪيو ۽ آزاديءَ جي هلچل کي
اوج نہ ڏني؟ ائين ڪندي هنن ڪي جيڪي تڪليفون
سهڻيون پيئون تن کي مرڪندي سٺائون.

اسانجي سنڌي قوم ۾ پڻ اهڙا گهڻيئي لاکيڻا لال
پيدا ٿيا آهن جن پنهنجي ساهت ۾ نہ فقط آزاديءَ جي يگ
جو چٽر چٽيو آهي پر آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم حصو
وٺندي جيل پڻ ڀوڳيو آهي. اڄ بہ اسان وٽ اهي
اديب موجود آهن جن پنهنجو ساهتڪ جيون ان هلچل
کان متاثر ٿي ٿي شروع ڪيو. اسانجون ڪيتريون اخبارون،
مخزنون ۽ رسالا جدا جدا هلچلن جي دور ۾ ئي پيدا ٿيا.

١٨٥٧ واري جنگ جي ناڪاميابيءَ سڄي ملڪ ۾
مايوسيءَ جي لهر اُٿاري. انگريزن جي دٻاءَ تہ آقي
باقي ماڻهن کي بزدل ڪري ڇڏيو. ڌاري سرڪار جي
خلاف ڪجهہ بہ ڪڇڻو هوندو هو تہ جنسي ڳجهيءَ ۾
ڪمرو واحد ۾ گاهہ وجهي مست ڪرڻي پوندي هئي.
ان زماني جي اخبارن کي پڙهڻ سان اها روبڪار ظهوري
ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ليڪن اها مون جهڙي ماٺيڻي زندگي

١٩ صديءَ جي آخر تائين هلي. ١٩٠٥ ۾ انگريزن ٻنگال جي ورهاڱي جو اعلان ڪيو، جنهن سڄي ملڪ ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو. ٻنگالين وندي ماترم جي نعري هيٺ جا ان ورهاڱي خلاف هلچل شروع ڪئي سا سڄي ديس ۾ پکڙجي ويئي. انگريزن کي نيٺ ٿڪا ڪانا چوسڻا پيا. ١٩١١ ۾ ورهاڱي جو اعلان واپس ورتو ويو.

هن هلچل جو سنڌ تي ڪافي اثر ٿيو. ان وقت کان ئي وٺي ان جي زندگي توڙي ادب ۾ سامراج وروڌي لهر اُڀري. ان ٻاري ۾ لعلچند امرڏنومل، جنهن انوقت حيدرآباد ۾ وندي ماترم منڊلي ٺاهي، سو هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته ورهاڱي خلاف پيدا ٿيل هلچل جي اثر هيٺ اچي ”سرڳواسي ٽولارام ٻالاڻيءَ ’ماتا‘ نالي نيٺ سياسي اخبار ڪڍي. هي جوان ٽڪيو ڪونه. نه ته جيڪر رنگ ڪري ها! هوڏانهن سمو اهڙو هو، جو وات مان ٻندي ماترم اکر ڪڍڻ سان سيڪنٽ جڙندي هئي. ۽ هي نرڀي اهڙو، جو سرڪار جي نيتيءَ لي نه رڳو ئي ڏڙڪ نڪته چيني ڪندو هو، پر ماڻهن ۾ قومي جوهر جاڳائڻ سانگي، هڪ لڳا هيٺئن ٻه لکيائين، ته ’اڇو ته سرڪار تي ٻه منٽ کلون!‘ سچ پچ ٽن ڏينهن ٿيل نه، پر پاڻي ٿي پيو. ڪير جو سرڪار نامدار جي نسبت ڪا ڪچي ٿڪي ڳالهه لکي! ٽڪيو نه پيو هجي! هڪدم ’ماتا‘ اخبار سرڪار ضبط ڪئي ته هن وري ٻي اخبار ڪڍي. انهيءَ کي ٻه سرڪار ته سلوڪ

پر مڙيو موٽيو هي ٻوڙ به ڪونه!"

مضمون

جنهن ڀڳتي ٻوليءَ ۾ لعلچند ڌارين جي بيدرديءَ جو بيان ڪيو ۽ جوانن کي آزاديءَ لاءِ للڪاريو، سا ٻئي ورلي ڪنهن ليکڪ ڪم آندي. هندي ٻولي سڀن ۾ به پڌري. ڏسو ته انگريزن لاءِ ڇا ٿو چوي- "پوري ڏيڍ صدي گذري ويئي آهي، پاڻ ته اسان وٽ رهي چڱائي منگوچا ماڻيا اٿن، اسانکي رڳو اِنسانيت جا معمولي حق به نصيب نه ٿيا آهن! قومي تعصب ڌار، رنگ روپ جو ڀيد ڌار، اسانجي نڪو ٿو ٻڌي، نڪو ٿو سڻي! وري اندر پر کهڙو! مٿي جيجل جو هي حال ڏسي اسان مان ڪو واتون حرف ڪڍي ٿو ته مٿس راجدروهيءَ جي تهمت ڌري ٿي وڃي."

"وديارٿي" اخبار ۾ ٢٨ مي واري پرچي ۾ هڪ مضمون ۾ لکي ٿو، "هند جاوا! تون هن سمي هيٺن ويسلو ڪٿن ستو پيو آهين؟ نئين سمي جي پره ٻاکون ڪڍيون آهن ۽ جڳ آڌار جي پڪار سڻي ساري سرشٽي سوميت لاهي اُٿي کڙي ٿي آهي. ڏيهان ڏيهه واڌايون وري ويون آهن. پر هندستان ڪٿي؟ هندواسين جي ليکڻ ڪري اڃا اپالو آهي، تڏهن هند جاوا! اٿ، الي پنهنجي ٻار!"

شري لعلچند سان گڏ، ان زماني ۾ جنهن ٻئي ليکڪ پنهنجن مضمونن سان ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو،

سو هو پروفيسر چينمل پرسرام. هن پهرين روزاني اخبار ”هندواسي“ ۽ بعد ۾ هفتيوار ”ڀارتواسي“ ذريعي لڳاتار ليک ڏنئي، سنڌين ۾ راڄنيتي ڳالهين لاءِ چاهه هڪ طرف پيدا ڪيو ته گورن جا چِرڏا پٽي طرف لاٿائين. هو خود لکي ٿو، ”هندواسي روزانيءَ ۾ مون کي هروڀرو چڱا ڪم ڪونه ڪيا، رڳو هندواسيءَ ۾ گورن جي حجامت ڪانه ٿيندي هئي پر سنڌين جتي چمبڙيندڙن جون به ڪلون لهنديون هيون، جنهن لاءِ آءٌ سنڌين روحن وٽ هميشه معافي طلب آهيان.“

ادي چينمل جي ٻولي جي جوشيلي ۽ نشتر وانگر چڀندڙ هئي. جنهنڪري سرڪار جي نوازش به مٿس ستت ٿي. ١٩١٩ ۾ دهليءَ ۾ رولٽ ائڪٽ خلاف مظاهرا ڪندڙن تي ڪيل گوليبازيءَ تي اخبار ۾ رائزني ڪيائين مس ته ڪٽي ڪاٺ ۾ وڌائونس.

مان سمجهان ٿو ته ادو چينمل ۽ ليکڪ وسنت پهريان اديب هئا، جن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته جيستائين آزاديءَ جي هلچل ۾ پورهيتن (هارين ۽ مزورن) کي نه آندو ويو آهي، تيستائين اها ڪامياب نه ٿيندي، جيئن ڀارتواسيءَ ۾ ڇپيل هنن جي ليکن مان ظاهر ٿئي ٿو.

پروفيسر چينمل ١٨ ڊسمبر ١٩٢٣ واري پرچي ۾ انگلنڊ ۾ ليبر وزارت ٺهڻ متعلق لکيل ليک ۾ هڪ هنڌ لکيو، ”اسانجو رايو آهي ته شاهوڪارن جو هندستان انگلنڊ جي محنتين کان سوراج وٺي ڪين سگهندو. رڳو

مصيبتن جو هندستان، انگلنڊ جي مصيبتن کان سوراج ڇڪي سگهندو.“ ساڳيءَ طرح تيرٿ وسنت ٣١ جنوري ١٩٢٦ واري پرچي ۾ لکيو، ”... جيستائين هندستان ۾ پڙهيل نوجوانن ڪي هارين ۽ مزورن سان رلي ملي ۽ انهن جي ڏکن سورن ۾ همراهه ٿيڻ لاءِ ستياگرهون نه ڪيون آهن ۽ جيستائين عام لوڪن ۾ جاڳرتا نه آئي آهي، تيستائين آزادگي هڪ دراز سهڻي سپني وانگر رهندي.“

سچ پچ جئن وقت گذرندو ويو تئن پورهيتن ۾ نه قومي جاڳرتا ڦهلجڻ لڳي ۽ آزاديءَ جو نعرو تيز ٿيڻ لڳو، جنهن ١٩٤٢-١٩٤٧ واري وقت ۾ چوٽيءَ تي وڃي پهتو. جهڙيءَ طرح وقت سان قومي هلچل وڌڻ لڳي تهڙي قومي ساهت پڻ ترقي ڪرڻ لڳو. ١٩٤٢ واريءَ هلچل کان اڳ ۾ قومي مضمون گهڻو تڻو اخبارن تائين ئي محدود هئا، ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس انهن جا ڪتاب ڇپيا. جهڙوڪ آدي جيٺمل جو ”ترنگ جو تيرٿ“ (١٩٢١)، وشنو شرما جو ”هندستان جي پائمالي“ (١٩٢٧) پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ جا ”جيلي جيوت“ (١٩٣٢) ۽ ”مهاتما سان ڳالهيون“ (١٩٣٥)، ويرومل ملاڻيءَ جو ”ديش ڀڳتي“ (١٩٣٣)، ۽ غلام دستگير مرزا جو ”مهاتما گانڌي“ (١٩٣٥ ؟).

١٩٤٢ واري هلچل کانپوءِ ١٩٤٧ تائين، پنجن سالن ڪن ۾ اٽڪل سو ڪن ننڍا توڙي وڏا قومي مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيا. انهن مان گهڻا مهاتما گانڌي، جواهرلال نهرو

۽ ٻين اڳواڻن جي جيوتين تي، آزاديءَ جي هلچل جي اتهاس وغيره تي لکيل هئا. اخبارن، مخزنن ۽ رسالن ۾ جنجو تعداد ۾ پيٺو ڪن تي ويو هو، تن ۾ بہ ايڪ مضمون ڇپيا. مٿي چيل ليکڪن کانسواءِ جن ٻين بزرگ ۽ نوجوان اديبن قومي مضمون لکيا تن مان مکيہ آهن- ڊاڪٽر چوئٿرام، فتح محمد سيوهاڻي، عبدالڪريم چشتي، هاسومل ماکيجاڻي، تيرٿ سباڻي، دوارڪا پرساد، ٻولچند راجپال، دين محمد وفائي، لطف الله بدوي، پروفيسر ڪي - اين - واسواڻي، لعلچند روچيرام، چوهڙمل هندوجا، پارومل ڪيولراماڻي، وشنداس جگتياڻي، شيوارام پاڻيا، چيتن ماڙيوالا، گوردن شرما، برڪت علي آزاد، موهن پنجابي، آسن پيرواڻي، لڇمڻ راجپال، ليلو رچنداڻي، پيهاريلعل، عيدشي وديارٿي، ڪرشن کٽواڻي، لوڪو هيمراجاڻي، ديو ناٿاڻي، ڪيرت، آتم وغيره. هنن مان گھڻن جڻن تہ جيل جي سزا پڻ ڀوڳي هئي.

ڪهاڻي

مضمون کانپوءِ نثر جي جنهن ٻيءَ شاخ ۾ گھڻي ۾ گھڻيون آزاديءَ متعلق رچنائون لکيون ويون، سا آهي ڪهاڻي. اسان وٽ قومي ڪهاڻي جنهن اسانکي انگريزن جي غلاميءَ خلاف ڀڙڪايو، سا تمام دير سان لکجڻ ۾ آئي- يعني ٻي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ ۱۹۴۷-۱۹۴۲ واري دور ۾. انکان اڳ اهڙيون ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ڪافي

ڇپيون، جن مان گهڻيون منشي پريمچند، سدرشن ۽ ٽئگور جون هيون. ١٩٤٢ واري هلچل کان اڳ ڪافي سٺيون اصلوڪيون ڪهاڻيون ڇپيون، پر اهي سماجڪ ڪهاڻيون هيون، ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ قومي ڪهاڻي هئي.

پهرين پهرين ترجمو ڪيل قومي ڪهاڻي جا سجهيم ٿي سا آهي ”بلوو“ جا سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي رسالي ۾ ١٩٢٠ ۾ ڇپي هئي، جنهن وقت ملڪ ۾ ستياگره شروع ٿيڻ لــي هو. هيءَ، بنگالي ليکڪا شريمتي گهوشال جي ڪهاڻيءَ جو آزاد ترجمو هئي، جا لعلچند امرڏنومل ۽ آسانند جهانگيمل ڪئي هئي. هن ڪهاڻي جو موضوع ١٨٥٧ واري بغاوت بابت آهي. اها قومي غيرت کي للڪاريندڙ نهايت دلڪش طنزي ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه ١٨٥٧ ۾ ڏيهي سپاهين جون ٻه ڌريون، انگريزي استريءَ جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ هڪٻئي ۾ لڙي پون ٿيون، جنهنتي ليکڪا آخر ۾ چوي ٿي ته ڏيهي سپاهين جي ان وفاداريءَ تي ”خوشيءَ وچون ٻيهي ڪلان، ڪين درد جون هنجون هاريان.“

هن ڪهاڻيءَ کي ١٩٤٢-١٩٤٧ واري دور جي اصلوڪين ڪهاڻين سان ڀيٽبو ته ٻن زمانن جو تفاوت نظر ايندو. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ان زماني جي جهلڪ ملي

ٿي، جڏهن ملڪ ۾ انگريزن جي خلاف اڃا پوري طرح شعور پيدا نه ٿيو هو ۽ نڪو ڪو پاڻ ۾ پوري جماعتبندي هئي، ليڪن پوين ڪهاڻين مان ان زماني جي تصوير ملي ٿي، جڏهن ملڪ ۾ شاهي پيماني تي قومي جاڳرتا ڦهليل هئي. ان وقت ملڪ ۾ جڳهه انقلابي حالتون ڦهليل هيون. عام ماڻهن پنهنجن اڳوانن جي گرفتاريءَ تي جيڪو ڪولاهل مچايو، تنهن ڌاري سرڪار جون پاڙون ٿي ڌوڏي ڇڏيون. وري ان سان گڏ آزاد هند فوج جي پنيرائيءَ ۾ ٿيل مظاهرن، خلاصين جي بغاوت، ٽپالين جي هڙتال وغيره ته انگريزن جون مٿيون ٿي منجهائي ڇڏيون. انهن سڀني هلچلن جو هنن ڪهاڻين ۾ چٽو چتر ملي ٿو. ڪن ڪهاڻين ۾ انگريزي ظلم کي بي نقاب ڪيو ويو ۽ انگريزن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ للڪاريو ويو ۽ پورن آزاديءَ لاءِ عوامي انقلاب جي ضرورت ٻڌائي وئي، مثلاً اُتم جون ڪهاڻيون ”شڪست“ (۱۹۴۴) ”آخر ڪيستائين“ (۱۹۴۵) ”ترقيءَ جي راهه تي“ (۱۹۴۶). ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ابهم ٻالڪيءَ جي آزاديءَ ۾ ڏنل آهوتي ڏيکاريل آهي - حشو ڪيولراماڻيءَ جي ”پدم“ (۱۹۴۵). ڪنهن ۾ پنهنجو سرونس لٽائيندڙ قومي والنٽيئر جي ويرتا جا ورق پيش ڪيل آهن - لڇمڻ راجپال جي ”قومي سپاهي“ (۱۹۴۷). ڪنهن ۾ رياستي جنتا تي ٿيندڙ سامراجي ظلم جي تصوير ڏنل آهي - گوبند مالهيءَ جي ”غم جي ڪهاڻي.“ (۱۹۴۷). ڪنهن

۾ نوجوانن کي آزاديءَ لاءِ للڪاريل آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ”آزاديءَ جو سڏ“ (۱۹۴۷). ڪنهن ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ٻڪ جو چٽُ چٽيل آهي. ايسر ڪلياڻيءَ جي ”عجيب ٻڪ“ (۱۹۴۷). ڪن ڪهاڻين ۾ انقلابين جي جيوت ڏيکاريل آهي. رام امرلعل جي ”سرحد“ ۽ لڇمڻ آهوجا جي ”پاڳل“ (۱۹۴۷). ڪن ڪهاڻين ۾ خلاصين جي بغاوت ۽ انگريزي ڏباءَ ڪسي جدا جدا پهلن کان روشني وڌل آهي. ڄڻن آنند جي ”ڦٽڪ“، شيخ اياز جي ”سفيد وحشي“ ۽ رام امرلعل جي ”چڙي“ (۱۹۴۷).

مٿين ڪهاڻين کانسواءِ ٻيون خاص ذڪر ڪرڻ قابل قومي آکاڻيون جيڪي ليکڪائن جون لکيل هيون، سي آهن: چندرا آڏواڻيءَ جي ”اڌ ڀارت جي سنتان“، ڀڳونتي ڏيالاڻيءَ جي ”پارٽي“، ڪرشنا کيولراماڻيءَ جي ”ديش ڊروهي“ ۽ ايشوري جوتواڻيءَ جي ”اڌ ڀارت جي سنتان.“

ناول

آزاديءَ جي ٻين مضمونن ۽ ڪهاڻين جي پيٽ ۾ اصلوڪا قومي ناول ۽ ناٽڪ ڪي ڳاڻ ڳڻيا ڇپيا آهن.

”آشيرواد“ شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻيءَ جو پهريون اصلوڪو ڪامياب قومي ناول آهي، جو ۱۹۳۷ ۾ لکيو ويو. ان ۾ ۱۹۱۷ کان وٺي ۱۹۳۲ واري زماني تائين، جڏهن سوديشي ۽ اسهڪار جون هلچلون هليون ۽ انهن ۾ جهڙو حصو ورتو ويو، تنهن جو حقيقي چٽُ چٽيل

آهي. هيءُ ناول قومي جاڳرتا جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. ان ۾ وڌوا وهانءَ جي پڻ حمايت ڪيل آهي. هن ناول جي ليکڪ به قومي هلچل ۾ ڀرو وٺي ڪري جيل ڀوڳيو هو.

ٻيو قومي ناول آهي گلي سدارنگاڻيءَ جو "اتحاد" جو ۱۹۴۱ ۾ شايع ٿيو. ناول جي نالي مان ئي انهيءَ وشيه ظاهر آهي. اسانکي خبر آهي ته ڪيئن نه گورن حاڪمن، هندو مسلم نفاق جو ٻج ڇٽي غلاميءَ جو گهانگهو مضبوط ڪيو هو. نيٺ اتحاد نه هئڻ ڪري ديس ڀاڱا ڀاڱا ڪيو ويو. ناول ۾ ان اهم مسئلي جي اوک ڊوک ڪيل آهي ۽ انجو حل پڻ ڏنل آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ناول "قيدي"، جو ۱۹۴۳ ۾ ڇپيو، جيتوڻيڪ مکيه طرح سماجڪ ناول آهي ته به ان ۾ آزاديءَ جي هلچل جي جهلڪ ملي ٿي، جنهن پڇاڙيءَ واري حصي ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪئن نه ڪي نوجوان ڌارين کي ديش مان تڙي ڪڍڻ لاءِ دهشت پسند ڪارروايون ڪن ٿا، جن مان ڪو ڪڙ ٿيل ڪونه ٿو نڪري ۽ انڪري هو هنسا ڇڏي اهنسا جي واٽ ٿا وٺن.

پروفيسر جو ۱۹۴۶ ۾ شايع ٿيل ٻيو ناول "اسانجو گهر" سچوئي قومي آهي. ان ۾ تمثيلي روپ ۾ هندستان جي آزاديءَ جو اتهاس ڏنل آهي ته ڪيئن نه ڌاريا اسان وٽ واپاري ٿي آچن ٿا پر پوءِ پنهنجو دڳو جمائي

حاڪم ٻڌجي وڃن ٿا، جنڪي آخر ۾ گول ڪرڻا پوندا.

ناٽڪ

سرڳواسي لعلچند جڳتياڻي پهريون ليکڪ هو، جنهن سنڌيءَ ۾ نئين قومي ناٽڪ جي شروعات ڪئي. هن ماڻهن ۾ قومي سجاڳي آڻڻ لاءِ، سوديشي جو ڀاو پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه نيئا ناٽڪ "هند جاوا جاڳ" (١٩١٩) ۽ "سوديشي" لکيا.

"ٻڪ جو شڪار" جديد سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جي اَبي ڪي. سي. دريانيءَ جو پهريون اصلوڪو قومي وڏو ناٽڪ آهي، جو ١٩٣٢ ۾ ڇپيو. ان ۾ سوديشي مشين واپرائڻ جي زوردار نموني ۾ حمايت ڪيل آهي. هي ناٽڪ آزاديءَ جي هلچل کي ڪافي هٿي ڏيندڙ هو.

ٻيو وڏو قومي ناٽڪ آهي "ديش ڀڳتي"، جو ١٩٣٧ ۾ ٿانوي آر. ايم. شرما ۽ رامچند ڪيولراماڻيءَ جو لکيل آهي. ان ۾ وديشي غلاميءَ لاءِ نفرت ۽ آزاديءَ لاءِ محبت ڏيکاريل آهي. ان سان گڏ سوديشي شين جي واهپي جي حمايت به ڪيل آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ١٩٢٩ ۾ هڪ سٺو قومي ناٽڪ "ايڪتا جو آلاپ" انگريزي ناٽڪ نويس ازرائيل زئنگول جي ناٽڪ "ميلٽنگ پاٽ" جي آڌار تي لکيو.

آزاديءَ جي اڳ ۾ نڪتل سماجڪ ناٽڪن جو الدار قومي ناٽڪن کان ٻهوٽو آهي.

شعر

١٩٠٥ع ۾ بنگال جي ورهاڱي خلاف جا هلچل شروع ٿي تنهن ساري هندستان ۾ سوديشي هلچل جي شروعات ڪئي. سنڌي شاعرن ان متعلق ڪافي شعر لکيا آهن. سرڳواسي لعلچند امرڏنومل شايد پهريون شاعر هو جنهن ١٩٠٧ ۾ اهڙو نظم لکيو. چوي ٿو:-

١- اَن گيهه هوندي اگهه ٻه ڳرا ٿيا، پيٽ پنين ڏي ويا لڙي،
ڪجهه وڃي ٿو مال ولائت، ٻي ڏيل ڏيڻ آ هتي ڳري.
٢- چوڙيون ماٽيون چاهه چڱي مان، ويو اسانجو جوهر ٽري،
گهر اندر جو ڪاٽ لڳي پيو، خبر نه تنهنجي لهون ڪري.
٣- سائين سڀاٽي اچو ڪٺون سنهه، شيءِ ورتايون ديسي وري،
ملڪ جتي پوءِ موٽو ٿيندو، دين اَڏين جي پٽ پري.

نئين شاعريءَ جي باني ڪوي بيوس به للڪاريو:-

١- واهه منهنجي ورت ڌاريو آهه، ڌارئي مال جو،
ملڪ جو ڄاٽي منو ڪارو خوشيءَ سان ڪاٽبو.
٢- ڀل هجي سادو ٿلهو، ڀل لاک جي لوئي هجي،
ديس پنهنجي جو ڪتو کهرو خوشيءَ سان پائبو.

ههڙن شعرن مان سوديشي هلچل جي چٽي تصوير ملي ٿي. اهڙا ڪيترا شعر سرگسن ۽ ميڙن ۾ ڳايا ويندا هئا، جن سوديشي هلچل کي وڌي هٿي ڏني.

سوديشي هلچل وڌي جڏهن سامراج وروڌي هلچل ٿي تڏهن ملڪ ۾ انگريزن جي غلاميءَ خلاف سخت نفرت ڦهلجڻ لڳي. اسهڪار هلچلن جي ڌم مچي وئي.

جنهن ڌارين کي ديس مان تڙي ڪڍڻ جو محڪم ارادو ڪيو، جنهنجو ثبوت هيٺين ٿو اظهار ڪري:-

”پهڻ سهندو پٽيون ليندو غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڌنو جنهنکي نيدي هوندي اَمٽ آزاد اوڙاٽو.“

”مردن جو مان قيد يا آزادگي ۾ آهه
عزيز ڇيو، جيٺري چونٺا موت غلاميءَ کان مراچي.“

حيدربخش جتوئيءَ وري طنزي نوع ۾ انهن هندستانين جي پت وائکي ڪئي، جنکي ڌارين حاڪمن لاءِ سڪ هئي پر پنهنجن هموطنين لاءِ ٻچان ٿي آئي. شاعر چوي ٿو:

”جاهل آهن اُهي انگريز کي جي ڪن دشمن
پاڳل آهن جي نه ٿا پنهنجو وطن لڌڻ ڪن
هنديئو! جلد حوالي ڪيو تن تن من ڌن
جن ڪيو بند هر آواز آ آزاديءَ قوم
”ڪڇ ڪرڻ گهرجي نه انگريز جي خوشنودي لئي
ڪڇ مرڻ گهرجي نه انگريز جي بهبوديءَ لئي
ڪڇ جيئڻ گهرجي نه بس ديس جي نابوديءَ لئي
خوار زار آهه، نه اعزاز آ آزاديءَ قوم.“

هي طنزي شعر اڄ به نت نئون آهي ڇو جو اڄ به اسان وٽ اهڙن شخصن جي کوٽ ڪانهي، جيڪي انگريزي غلاميءَ واري حڪومت جي ساراه مان ناپيدا ٿي ڪونهن.

اسانجي شاعرن نه رڳو انگريزي غلاميءَ خلاف نفرت پيدا ڪئي، پر ڌاري حڪومت خلاف لڙڻ لاءِ

تساهه ۽ اُمنگ، قوت ۽ قربانيءَ جو جذبو به پيدا ڪيو، جيڪو هيٺين شعرن مان ظاهر آهي:-

"اهي مائر پلي مرڪن جي ٻارن ۾ لولي ڏين
نه صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت
جگر پنهنجا ڪڍي ڏينديون، منو اولاد موڪينديون
اهائي آس ٻاسينديون ته رهجي ملڪ جي عظمت." (بيوس)

"دشوار نه ٿيو ديس لءِ سر پنهنجو وڃائڻ
هڪ سر ڇا، هجن سؤ ته ڪپن خوش ٿي ڪپائڻ
مان خون سان رنگين ڪندس ديس جي ڌرتي
ٿيو فرض وطن ساڻ مري نيهن نڀائڻ
ڀارت جي فدائين ڪي هي هٿيار ڪندا ڇا
توبن ڪان عبث آهه جگر تنهنجو ڏڪائڻ." (عزيز)

"مٿي هن ملڪ تان صدقي ڪري نه پران جو پنهنجو
جئي ڇو دين! سو جڳ ۾؟ اهو ڪهڙو بيچارو آهه؟" (دين محمد)

"ڪاٿي ٿا حق اچن ڌڙڪن ۽ ڪوڪارن سان
ڪاٿي ٿا ملڪ ملن منٿن ۽ نيزارن سان
جي ملن ٿا نه هٿن ساڻ ۽ ڪجهه ڪارن سان
جي رهن ٿا نه سرن سان ۽ تلوارن سان."

"نوڪرون ڪاٿي ۽ شب روز نه ٻي مان ٿي مرو
گهر ڪي بستر ڪي ڇڏي ديس تي قربان ٿي مرو." (جتوئي)

"لاش منهنجو شل ڪڇي آزاد هندستان ۾
ٿئي مرڻ منهنجو نه شل ناشاد هندستان ۾." (ڏکايل)

اسانجي آزاديءَ جي هلچل جي اڳيان هندو-مسلم نفاق هڪ هماليه جيڏي رنڊڪ هئي، جنهنجو فائدو

اڄ ٻ اسانجا فرقيپرست شخص ۽ ڌاريا ونڊي رهيا آهن. انکي دور ڪرڻ لاءِ اسانجي شاعرن ويهن نهن جو زور لڳايو. ڪڏهن اهو نفاق ڏسي جنسي نير وهايو، ڪڏهن دربلي دانهون ڪيون، ڪڏهن ڦٽڪاريو، ڪڏهن انسانيت جو واسطو وڌو ته ڪڏهن اتحاد لاءِ استدعا ڪئي. هنن جي اهڙن شعرن مان هيٺ جنس طور ڪي بند پيش ڪريان ٿو:-

۱- ساز هنديءَ ۾ سرن جي ٻ ملاوت نه رهي،
موج ميناج جي ۽ راڳ جي راحت نه رهي،
ڪاٻه اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي،
يڪ زبانيءَ جي زبردست سا طاقت نه رهي،
هرڪو ٻر پنهنجي ۾ "بيوس" ٿو نيارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڌند ٿو ڪارو ڏسجي. (بيوس)

۲- تفرقي ملڪ جي بيڙي کي نگونسار ڪيو
هي وڙهي ٻاڙکي پارٽ جي ٻڻن خوار ڪيو
... ...
قوم جو حال اهو ملڪ ويو رهجي غلام
فرقہ بندي کان ٿيو ديس سڄوئي بدنام
ملڪ آزاد اڃا ناهه نه پاڳا ٿا ٿين
قوم ڪش ڪيئن نه ٽوڙي باطل ڌاڳا ٿا ٿين. (عزيز)

۳- جيڪڏهن هند مٿل آهه ته آزاده ڪرو
چاهي، چاليهه ڪروڙن جو آ مردن جو ٻڌو
هاها! اڄ ڪرلي مسڻا لسي ڪهاڻي هت ٻيو

جو جياري مٿان ڪي، ڪيڏي سڀ وير ۽ مهر
جنهنجي پيرن جو نشان ناز آ آزاديءَ قوم. (جتوئي)

۴- هندو ۽ مسلمان جو دل تان اکر پساريو
اغيار جي چوڻ تي پنهنجو نه پاڻ ماريو
هن مادر وطن ۾ اڄ پاڻ ٿي گذاريو.
ٻئي شوق ساڻ گڏجي اڄ ديس کي سڌاريو
ايڪو هزار نعمت ايڪو عجب پيارو
ڀارت زمين تي هڪ سرڳ جو نظارو. (عبدالڪريم گدائي)

جئن جئن وقت گذرندو ويو تئن تئن اسانجي آزاديءَ جي هلچل تيز ٿيندي ويئي. مقصد چٽو ۽ شعور پختو ٿيندو ويو. نوان نوان شاعر نڪري نروار ٿيا. هننجي شعرن ۾ بغاوت ۽ انقلاب جو جذبو ڪنا ڏار ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ اهي ڪيترن هند آزاديءَ جو وڌيڪ چٽو تصور پيش ڪن ٿا! انهن مان ڪن جي شعرن مان ڪي بند هيٺ ڏيان ٿو:-

۱- ٿوڪ هڪ ساڻ فنا ظالم ٿئي،
دل اندر تيز سو طوفان کپي.
ملڪ لئه مرڪندي مرندا مانجهي،
اهڙو نشڪام ٻليدان کپي.
ڪونڌر ڪيڏا ٻه هجن، پيا ٻه کپن
هر جڳهه جنگ جو ميدان کپي.
ڪاڏو پيٽو آ غلامنءَ کي حرام
ديس پنهنجي ۾ هي اعلان کپي. (هري دلگير)

۲- جو ڪري پيدا صداءِ انقلاب
بس اهو نغمو ٽيڻ چاهيان ٿو مان
ويڄ جي در جو ٿيان محتاج ڇو
خود مسيحائي ڪرڻ چاهيان ٿو مان
جي بغاوت آهي حق جي لاءِ لڙڻ
هڪ وڏو باغي ٿيڻ چاهيان ٿو مان. (پرسرام ضيا)

۳- صدين کان جو بڻيو آيو تنهن کي هاڻ بگاڙ
بگڙي پئي پنهنجي بگڙيءَ جو عيوض پاڻ اڳاڙ
حق پلئه آ تنهنجي باقي
باغي! بي چاجي غمناڪي
دور ڪرين آزار نه ڇڏ ڪو زوراور زردار. (ڪيئلداس فاني)

۴- صحرا ۾ هجون يا هجون دريا جي ڪپ تي
ڇا بزم ۾ ڇا رزم ۾ جنهن هنڌ گذاريون
تنهنجوئي هجي پيارو مٺو نانءُ چپن تي،
دشمن سان سدا صلح جي وائي ۾ نه واريون!
ان ڏينهن نه دنيا ۾ رهي جسم اسانجو
جو تنهنجو ڪسڻ واري اڳيان ڪنڌ نوايون.
دشمن جو رهڻ ٿي نه ڏيون نانءُ نشان ڪو،
۽ تنهنجي اڳائڻ لئه ڪلهي ڪنڌ ڪپايون. (نارائڻ شيام)

۵- انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
ڇڏن زمين آسمان
جي ڪلي ٿئي زبان
شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ،

ڪڙڪ ڪڙڪ، چونڪ چونڪ
ڄڻ ڏني اٿي جواب، انقلاب
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
ڏوڙ هڻ سماج کي
لوڙ سامراج کي
ڦاهه پيو ٿون نظام
جو چڳو، چٿي عوام
هي نظام آ خراب، انقلاب
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ. (شيخ اياز)

٦- ڪين اهڙو ڪڏهن به شاهه ٿجي
جو پيا پالي پاڻ پاهه ٿجي!
مري لڙي جي نه ٿين لڙي آزاد
جي غلاميءَ ۾ جيو تباهه ٿجي!
زور سان انقلابي نعرو هڻ
جيو ٻجي موت جو گراهه ٿجي! (ارجن شاد)

شيخ اياز جي انقلابي شعرن ۽ گيتن جيڪا انوقت گونج مچائي هئي، سا هاڻ ته وسرڻ جي ناهي. اڄ به ماضيءَ کي ياد ڪندي زبان مان ازخود هنجي گيت جون سٽون نڪري وڃن:-

"او باغي، او ديش ڏروهي
ڀارت ۾ ٻلوي جا باني."

مٿي ڏنل شاعرن ڪانسواءِ ٻين شاعرن، جن پنهنجين رچنائن سان قومي شعر جو خزانو ڀريو آهي، سي آهن-

ٽولارام ٻالاڻي، الله بخش ابوجهو، غلام احمد نظامي، حافظ محمد احسن، حڪيم وتيارام تدواڻي، ڪيمچند پارواڻي ”نماڻو“، نرمل جيوتاڻي، عبدالرزاق راز، سگن آهوجا، پيسو ناشاد، سنتو دريائي، روچو ايم- ”خوابي“، لچمڻ آهوجا، راڌي سپاهيملاڻي ”بلبل“، آسناڻي ”اداسي“، ڪنيو ٻجلاڻي وغيره.

ان آزاديءَ جي يگ جو گهڻو قومي شعر اخبارن ۽ مخزنن ۾ ئي ڇپيو. ڪن ڳاڻ ڳڻين شاعرن جي قومي شعرن جا به چار مجموعا مس ڇپيا. جي آهن- عزيز جو ”پيغام عزيز“، حيدر بخش جتوئيءَ جو ”آزاديءَ قوم“ دڪايل جا ”لاتيون“، ”سنگيت ڦول“ ۽ ”جهونگار“ وغيره. جتي پيغام عزيز ۾ جوش ۽ للڪار آهي اُتي دڪايل جي مجموعن ۾ اٿاه جذبو ۽ سنگيت جي لهر آهي ۽ جتوئيءَ جي مجموعي ۾ لاثاني طنز، جدت ۽ آزاديءَ جو ڀرپور ۽ چٽو تصور ۽ تصوير ڏنل آهي.

۱۹۴۷ کانپوءِ به ڪيتروئي سامراج ورودي شعر لکيو ويو، جنهن ۾ ورهاڱي بعد پيدا ٿيل نوجوان شاعرن جو خاص حصو آهي. ليڪن ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ واري لکيل قومي شعر ۾ ڪافي تفاوت آهي. جتن ورهاڱي کان اڳ، گهڻي تڻي شعر ۾ آزادي جي راجنيتي پهلوءَ تي گهڻو زور ڏنل آهي، تن پوءِ واري شعر ۾ وري آزاديءَ جي آرٿڪ ۽ سماجڪ پهلن تي زور ڏنل آهي، (جتن جتوئيءَ جي شعر ۾ آهي) جنکي پنهنجي خاص اهميت آهي، جنهنجو ذڪر هن مضمون ۾ نٿو ڪجي.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت

سنڌي ساهت لئي ترقي پسند ڌارا ڪانپوءِ، جنهن يءَ ڌارا وڏو اثر ڪيو آهي، سا آهي سنڌيت جي ڌارا. اها ڌارا، ورهاڱي وقت ئي شروع ٿي هئي، پر پنهنجو وراٽ روپ ورهاڱي ڪانپوءِ ٿي ڏيکاريو اٿس، جيڪو حالتن مطابق آهستي آهستي صاف ۽ دلڪش ٿيندو ويو آهي.

هيءَ سنڌيت جي ڌارا، سنڌ ۽ سنڌي جاتي (نيشنلٽي) جي هستيءَ کي قائم رکڻ ۽ اوچ ڏيارڻ جي ڌارا آهي. ان ڌارا جو بنياد ان ويچار تي آهي ته سنڌي پنهنجي زمين، اتهاس، پرمپرا، ڀاشا، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ناتي هڪ جدا جاتي آهي. ورهاڱي جي ڪري اڄ اها جاتي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سنڌ ۾ ٻيو هند ۾. ٻنهي حصن جي ليکڪن پنهنجي رُوءِ سوءِ ٻن، ته هڪ ٻئي کان متاثر ٿي، سنڌي ساهت جي لڳ ڀڳ هر ڪنهن شاخ ۾ سنڌيت جي ڌارا پيش ڪئي آهي، ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌ. ٻنهي حصن جي ليکڪن سنڌ، سنڌي ٻولي، ساهت، سنسڪرتيءَ جي حق ۾ قلم هلايو آهي ۽ صحيح ۽

سچي احساس ۽ سٺي پرمپرا سان ناتو جوڙڻ لئي زور ڏنو آهي. هنن ٻين، ڌارين ڄاتين ۽ سرڪارين جي سنڌي ڄاتيءَ کي ختم ڪرڻ يا نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش جو مقابلو ڪيو آهي.

ڀارت جي سنڌي ليکڪن سنڌ ۽ اُتان جي سنڌين سان پنهنجا ناتا جوڙڻ ۽ وڌائڻ تي زور ڏيڻ سان گڏوگڏ، هتي پنهنجي لاءِ هڪ الڳ ٺڪر جي تقاضا پڻ ڪئي آهي. اِنڪري ٻنهي ڀاڱن جي سنڌي ليکڪن جي ساهت ۾ سنڌيت جون ڪيتريون ساڳيون خصوصيتون به آهن ته ڪي نراليون خصوصيتون به آهن. ليڪن پوءِ به سڀن اُديش اِهو ئي آهي - سنڌي ڄاتيءَ کي زنده رکڻ ۽ اوچ ڏيڻ. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌي ساهتڪار پنهنجي ان اديش ۾ ڪافي سوڀارا ٿيا آهن، جيتوڻيڪ ڄاتيءَ کي ختم ٿيڻ جي خطري کان اَڃا سو سيڪڙو بچائي نه سگهيا آهن.

ساهت جي جدا جدا شاخن - ڪويتا، ڪهاڻي، ناول ناٽڪ ۽ مضمون - مان گهڻي ۾ گهڻو اثر سنڌيت جي ڌارا جو، سنڌي ڪويتا تي ٿيو آهي. ان شاخ تي ان ڌارا سان ڀرپور ساهت ايترو ته اَٿاهه نڪتل آهي جو اُن سان انصاف ڪرڻ لاءِ هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. اِن ڪري هن ليک ۾ پاڻ کي فقط سنڌي ڪهاڻيءَ جي شاخ تائين ئي محدود رکڻو ٿو پوي.

سنڌي ساهت ۾ هن ڌارا کي پيش ڪرڻ جو شرف پڻ ترقي پسند ليکڪن کي ئي آهي. ورهاڱي جي ڳالهين شروع ٿيڻ سان ئي فسادن جي ڊپ (جو صحيح ثابت ٿيو) ڪري سنڌين جي دلين ۾ ورهاڱو شروع ٿيڻ لڳو ۽ سنڌي هندو لڏ پلاڻ ڪرڻ لڳا. ان وقت شيخ اياز پنهنجي ڪهاڻي ”پاڙيسري“ (جون ١٩٤٧) ۾ ان وشيه تي ڪٿي ”سنڌ، سنڌين لاءِ“ خيال پيش ڪيو آهي. هڪ ڪردار واتان چرايو آهي، ”سنڌ، سنڌين جي آهي. اڄ اسان سنڌين جي قوميت ۽ علحدي شخصيت خطري ۾ آهي. هي پنجابي، بهاري، گجراتي، اسانجي تهذيب، ٻولي، واپار، زمين کي ڳڙڪائڻ ٿا چاهين. اسانجو فرض آهي ته ان وڏڙي وبا کي ٽالي لهوڙي نيون. هن ئي ڪهاڻيءَ ۾ اياز ”جئه هند“ جي نعري جي طرز تي ”جئه سنڌ“ جو نعرو ڪم آندو آهي، جيڪو نعرو ان وقت ته مقبول نه ٿيو، پر اڄ سنڌ ۾ اهو ”جيئي سنڌ“ نعرو ٻڌجي، ڏاڍو لوڪ پيارو ٿيو آهي.

ڀارت ۾ ان ڌارا جي پهرين ڪهاڻي آنند گولاڻي جي لکيل ”گامڙو“ آهي، جا ’نئين دنيا‘ ۾ نومبر ١٩٤٩ ۾ ڇپي هئي. ڪهاڻيءَ جي نائڪ کي، گجرات جي ڪاليج جي اتسو ۾ ناچ گيت جي پروگرام کي ڏسندي، سنڌ جي پنهنجي گامڙي-ڳوٺڙي جي ياد ٿي اچي ته

گهرائي ڇوڪريءَ کي چوندو، ”ڏسندي ڏسندي پنهنجي ڳوٺ جو چڪر ڏيئي آيس ڄڻ ڪو لڳاتار جو سالي جوڙ جي لوڪ واري ڪهاڻي جي اهڙي سڌي وهيو هو ته مونکي اڄ دوست! هي جوڙو جا ڳڀا وسري ويا، مٺا سٺا ڪمند جهڙا ڳڀا توکي پڻي هيٺ ڪٿي ملندا؟...“ ڊاڪٽر کي ان تي افسوس ٿو ٿئي ته سندس ٻولي ڪان شايد سندس ڳوٺ وسري وڃي. البت سندس دل ۾ سنڌ موٽڻ جي آس لڳل آهي، جو چوندو، ”انسان ته پاڪو ڏيري مونکي ويهنداسين.“

آنند جي ٻي ڪهاڻي آهي ”سنڌڙيءَ جا شل ڳوٺ وسن.“ (۱۹۵۱) جنهن ۾ وري سنڌي مسلمان ڪردار ڏيکاريو آٿس جو ڪراچيءَ مان ڪاليج جي موڪلن ۾ ڳوٺ ٿو اچي، ته اتان هندن کي پارت ۾ وال ڏسي دکي ٿو ٿئي. ليڪ انهي وانان چوندو، ”تون سنڌڙيءَ جا ڳوٺ ڦٽائي ڇو ويٺين... تون موڪلان ڏيئي ويٺين. انهي ٿنهنجا سڳا پاڻو وهنا آهن ته، جي توکي مال ملنڊا ڪاراڻيندا، ملال ۾ رهائيندا؟ تـوکي سنڌ ولديءَ جي ماڻي ڇڏڻ جو حق ڪهڙو هو؟... سنڌ ولديءَ ۾ هاڻي اهو چوڻ ته آهي، اها سوڻهن نه آهي، اها ڪلراڙي نه آهي... تون نه ايندين؟ ياهي ته اڄ. اچا ۽ توکي موڪلي گهٽو ڪجهه سهڻو آهي؟ جڏهن لڪڪي آهي ته؟... ڳوڻ هڪ پڻي کي خبر ڪنداسين؟ ... هند پاڪ جڏهن،

ٽون ۽ مسان، اهي ملڪن جا عام ماڻهو روڪيندا.“ ليکڪ پڇاڙيءَ ۾ ٻـڌايو آهي ته ان ڪردار کي پڪ آهي ته سنڌڙيءَ جا ڳوٺ وري وسندا... دلين مان خرابي ڌوپجي ويندي.

هنـد پاڪ جنگـ ۽ ٽيـڪ وارو خيال سندري اتمچنداڻيءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ ”ممتا“ (١٩٥٢) ۾ ڏنـو آهي ۽ ٻڌايـو آهي ته ڪيئن ته فسادن وقت سنڌي مسلمان، هندن جي جان بچائي هئي.

١٩٥٢ ۾ ناراڻ ڀارتيءَ ٻه آکاڻيون لکيون ”ڪليم“ ۽ ”دستاويز“. ٻنهي ۾ سنڌ ۽ سنڌي مسلمانن جي ياد جو جذبو ڏيکاريل آهي. ”ڪليم“ ڪهاڻيءَ جو ڪاڪو سڄي سنڌ لاءِ ڪليم وجهڻ ٿو چاهي. چوي ٿو، ”سنڌ ته اسانجي رڳـ رڳـ ۾ ٻي وئي. مان سنڌي، سنڌڙي منهنجي آهي. مونکي حق آهي ته مان ان تي ڪليم لکي ڏيان... اسان ڪهڙو گناهه ڪيو آهي، جو اسانکي سنڌ نه ملندي.“ ان جي جواب ۾ سنـڌي ڪلارڪ چوي ٿو، ”ها ڪاڪا، سنڌ واپس ضرور هلبو. سنڌ اسانجي آهي، توهانجي آهي، هر سنڌيءَ جي آهي.“

’دستاويز‘ ڪهاڻيءَ جو ڪاڪو وري پنهنجي جاءِ جي ڪليم لاءِ انڪري نه ٿـو زور ڀري جو ان جاءِ ۾ سندس هاري ويٺل آهي ۽ مٿان انکي، پاڪ سرڪار جڳهه نيلام ڪري، دربدر ڪرائي.

پاروءَ جي ٽين ڪهاڻي ”سنڌي“ (١٩٥٣) ۾ سنڌ جي پاڙ ۽ سنڌي مسلمانن جي قرب ڀانت آهي. جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه سنڌي مسلمان هندن کي پاڻ ۾ سوکڙيون ڏيئي موڪلين. ڪهاڻيءَ جو نائڪ چوي ٿو، ”جي هو (سنڌي مسلمان) اُتي خوش ناهن ته ڇا اسين وري هتي ڪو راضي آهيون. اڄ ٻئي پاڪستان هندستان جو نالو ٿي وڃي ته هيڪر سڀ ٺڪي راحت ۾ وڃي گوٺ ۾ گذاريون. پنهنجا ڪهڙا نه ڀلا هجن، پر آهن ته پنهنجا نه! جيترو سنڌيءَ جو سنڌيءَ لاءِ هڏ ڪرڪندو اوترو ڪو مرهٽي يا پنجابيءَ جو سنڌيءَ لاءِ ٿورو ئي ڪرڪندو؟“

منوهرلعل جي ”ڏاچي واليان“ ڪهاڻي (١٩٥٠) ۾ لڏ پلاڻ جي وقت سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي وڇوڙي جو چٽو چٽيل آهي ته ڪيئن هندو مجبور ٿي سنڌ ڇڏين ٿا ۽ سندن مسلمان دوست ڪين ڪيترو نه رهي ٻوڙ لاءِ زور ڀرين ٿا. هڪ مسلمان دائي، نه هندوءَ کي چوي ٿي، ”ڪي چريا ٿيا آهيو ڇا؟ اسان کي ڇڏي ويندا؟ بس.. آخر ۾ نه واڻيا آهيو نه!“ ۽ هندو سوچي ٿو، ”هوءَ، هو ۽ برابر واڻيو... زندگيءَ ۾ هنن هميشه ڏاڍ و ڪيو هو... ۽ اڄ هو پنهنجي وطن سان ڏاڍ و ڪري رهيا هئا.“

سنڌي هندن ته برابر وطن ترڪ ڪري ڏاڍ و ڪيو، پر سنڌي مسلمان ان پنهنجو وطن وڪڻي ڇڏيو ۽ مفت

ڀائرن! ۱۹۴۸ ۾ ڪراچي و ڪهائون، جيڪا سنڌ کان جدا ڪئي وئي. اڄ سنڌ و ڪهائون، جنهنجو نالو نشان ۽ نقشو ميسارڻ جي وسو، جڏهن ڊسمبر ۱۹۵۴ ۾ ون يونٽ (پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحدي ايجنسيءَ جي هڪ ئي حڪومت) ٺهيو. انگريزن جي پٺو ڪاسه ليس شخص کي چونڊي اُن پٺڪو را، ڪوڙ، ڪپٽ ۽ بندوق جي گولي ذريعي، سنڌ ۽ سنڌين کي وسري ويا. وري به شڪر آهي جو سنڌ جي ساهتڪارن ۽ فنڪارن ڪڏهن ڪڏهن ون يونٽ خلاف ڳجها يا پڌرا ڌڪ هنيا ئي. اُن وقت جي "هاري حقدار" "آواز-سنڌ" "وطن" هفتيوار اخبارن سماهي مهراڻ وغيره جا پرچا شاهد آهن. جيڪي ڪوتائون، ڪهاڻيون، مضمون ۽ خط ڇپيا هئا. اُن زماني ۾ ئي شيخ اياز پنهنجون هيٺيون شاهڪار ڪوتائون ڇپيون هيون :-

(۱) ڏاهي ارڏاهي ٿيا، ارڏاهي ڏاهي!
آيا گهر ۾ اوپرا، نڪري ويا نيهي،
پراوا پيهي، والاري ويا سنڌڙي.

(۲) جاڳ، پنائي گهرت، سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مون ماڻهن مارئيون، ڦاسو آهن ڪوٽ،
اچ ته لهنجي اوٽ، ڏاين کي ڏاري ڇڏيون.

(۳) جيڏون لهنجي جند سان، مون توسان ماڪ،
ڳرڙها ڳاڙ ته سنڌڙي، وري ورندو واڪ،

جڏهن ٻڌون جهنڊيون، ان مان آهي ته،
اڙون لوڻ مڇ لڳائي، سڀ کي آساڻهه جو.

ان وقت سنڌ ۾ سنڌيت وارن ڪوششن ۾ ڪهاڻيءَ لکيون ويون پر ڪهاڻيون تمام ٿوريون لکيون ويون. جن مان مکيه آهن - سجاڳ سنڌيءَ جي لکيل "استاد ٻاجهه بادشاهه" ۽ جمال رند جي "واريءَ سندو ڪوٽ". ٻئي طنزي آهن. ٻنهي ۾ ون يونٽ ۽ ان جي طرفدارن تي ڪڙي چوٽ هنئي آهي. البت ٻهراڻيءَ ۾ طنز گهٽ ۽ ڪهاڻي گهڻي آهي. ٻوليءَ ۾ ته ون يونٽ جي ٽٽڻ جي ڄڻ اڳڪٿي به ڪيل آهي، جا اڄ سچي ثابت ٿي آهي.

ان وقت جوڙيل هڪ ٻئين آکاڻي "يوسف جي خريدارن ۾" به ذڪر قابل آهي، جيڪا صادق انصاريءَ لکي هئي. ان ۾ وري سنڌي زبان کي، سرڪاري ٻولي ڪري تسليم ڪرائڻ جي حمايت ڪيل آهي.

وقت گذرندي سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ پوءِ ١٩٥٨ ۾ مارشل لا قائم ٿيڻ ڪري، پارٽي جي سنڌين جون جيڪي سنڌ مرڻ جون اميدون هيون سي خاڪ ٿي ويون. انڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جا سنڌيت پيش ڪرڻ جي لهر هلي آئي هئي، سا به لهي ويئي ۽ ١٤، ١٥ سالن ۾ ٤، ٥ ڪهاڻيون ڇپيون. ليڪن ان ساڳئي عرصي ۾ پارٽي جي سنڌي ڪوتا، سنڌ ۾ ڦهليل سنڌيت واريءَ ڪوتا

(خاص ڪري اياز جي ڪوتا ڪان) ڪان اُتساهت تي چڱو جلوو ڏيکاريو.

اُن دور (مارچ ١٩٥٣ ڪان ٩٦٦ تائين) ۾ ڀارت جي سنڌي ليکڪن جون سنڌيت جي ڌارا واريون جيڪي ڪهاڻيون ڇپيون سي هيون - ڪلا پرڪاش جي "خانواهڻ"، اُتم جي "انساني جذبو"، موتي پرڪاش جي "رحمون موالي" (ٽيڪي ١٩٥٦ ۾) آنند گولاڻي جي "سنڌو" (١٩٥٨)، سندري اُتمچنداڻي جي "سنڌوءَ جو روپ" (١٩٦١)، ڪرشن کٽواڻي جون ۽ "مان راجا" ۽ "سانئين" (١٩٦١) ۽ "آشا" (١٩٦٢)، رام پنجواڻيءَ جي "محمد ٽانگي وارو" (١٩٦٣)، گوردن ڀارتيءَ جي "پنهنجو پرائو" (١٩٦٦).

هي سڀ ڪهاڻيون نرالي نموني ۾ لکيل آهن ۽ سنڌيت جي لڳ ڀڳ سڀني خصوصيتن - سنڌ ۽ سنڌي مسلمانن، سنڌي ٻولي ۽ ساهت، سنسڪرتي ۽ جاتيءَ لاءِ سِڪ ۽ ڀارت ۾ الڳ زمين ٽڪر هجڻ جي تمنا- جي جهلڪ ڏسائين ٿيون.

ڪلا جي ڪهاڻي ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي چيزن جي ياد ۽ سِڪ جي اظهار جو واهڻ هڪ ننڍو ٻار آهي، جيڪو احمدآباد ۾ ماءُ ڪان ٻڌل "خانواهڻ" ڳوٺ جون پياريون چيزون طلبي ٿو.

اتم جي ڪهاڻي سميڪت مهاراشٽرا جي هلچل

جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جيڪو هڪ سنڌي ڪردار ۾ سنڌي ساهت، ڪلچر ۽ سنڌ لاءِ سڪ جو جذبو اڀاري ٿو.

موتيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ رحمون مواليءَ جو مسلم ڪردار پيش ڪيل آهي، جو هندو مالڪ جي لڏي وڃڻ تي پنهنجو پاڻ کي ڳوٺ کان جلاوطن ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڀارت ۾ مالڪن جي سقيم حالت ٻڌي کين پئسن جي مدد ٿو ڪري.

آنند جي ڪهاڻي آفيس جي ٻن ملازم ڇوڪرين گوداوري (سنڌڻ) ۽ سنڌو (مرهٽياڻي) جي گفتگو معرفت سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي ياد تازي ڪرائي ٿي ۽ انهن لاءِ سڪ پيدا ڪري ٿي.

سندريءَ جي ڪهاڻي سنڌي گهرن ۾ سنڌيت جو وايو منڊل قائم ڪرڻ (مثلاً ڪانوينٽ بدران سنڌي اسڪول ۾ پڙهائڻ، ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ شاهه ۽ ساميءَ جي ڪلام ۽ سنڌي سنگيت لاءِ قرب ڏيکارڻ) تي زور ڏنل آهي.

ڪرشن جي ”مان راڄا“ ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه هڪ شاهوڪار سنڌيءَ جي دل ۾ سنڌيت جو سمهيل جذبو بيدار ٿئي ٿو. ”آشا“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ان ڪردار جو چتر چٽيل آهي، جيڪو سنڌي ساهت ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جي بچاءَ لاءِ جنگ جي ميدان ۾

کڙو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين آشاوادي رهي ٿو. "سائين" کهاڻيءَ ۾ ڪرشن، ڀارت جي سنڌين لاءِ الڳ زمين جي ٽڪر جو سوال کنيو آهي، جنهن سنڌي دڪاندار (جن جا جميل دڪان ٻرايا وڃن ٿا) به محسوس ڪندا.

پنجواڻيءَ جي کهاڻي هڪ سنڌي مسلمان "محمد" جي فسادن وقت ڏيکاريل انسانيت جي تصوير آهي.

گوردن جي کهاڻيءَ ۾ ورهاڱي سبب هندن جي لڏ پلاڻ بعد سنڌ جي هڪ ڳوٺ جو چٽر پيش ڪيل آهي. ۽ اشاري ۾ اهو خيال ڏنل آهي ته وقت ايندو جڏهن ورهاڱو نه قائم رهندو.

مٿين کهاڻين کان سواءِ به کهاڻيون سنڌ جي ليکڪن جون به ڀارت ۾ ڇپيون هيون، جيڪي آهن: نثار بزمي جي "گوبند ماءُ" (١٩٦١ع) ۽ محمد دائود بلوچ جي "ستا اُٿي جاڳ" (١٩٦٣ع). ٻنهين ۾ ليکڪ هڪ هندو عورت گوبند ماءُ جو ڪردار پيش ڪيو آهي، جنهن جو پٽ سنڌ ڇڏي ٿو وڃي پر پاڻ وطن ڇڏڻ کان نابري واري ٿي وهي. بلوچ وري فئنٽسيءَ جي عبارت ۾ پاڪستان جي مارشل لا تي زبردست چوٽ ڪئي آهي ۽ ڀارت جي لوڪشاهي سرشتي جي ساراهه ڪئي آهي.

سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ مارشل لا جي ڪري جتي سرڪار سنڌيت جي ڪلچر کي ڌڪ هنيو اتي سنڌي

ساهتڪارن سنڌيت لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ خوب ڪوشش ڪئي ۽ رچنائون لکيون. سنڌيت جي هلچل به وڌڻ لڳي. اُن کي ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ واريءَ هلچل مان به اتساهه ملڻ لڳو. اياز جي ڪوتائن جو مجموعو "ڀنور ڀري آڪاس"، ١٩٦٢ ۾ ڇپيو ته اُن خلاف ڪٽر پنٿين طوفان کڙو ڪيو، جنهن سنڌيت جي پريمين کي چست بڻايو. ١٩٦٣ جي آخر ۾ اَياز ۽ رشيد ڀٽي ڀارت ۾ سنڌي ليکڪن سان ملڻ آيا ۽ ١٩٦٤ ۾ وري اُتم ۽ سندري، سنڌ ۾ ليکڪن سان ملڻ آيا. ائين ٻنهي طرف سنڌين جي هلچل کي هٿي ملي ۽ جڏن ئي ١٩٦٦ جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جو هند سرڪار پاران اعلان ٿيو، تيئن ئي سنڌ جي هلچل تي ان جو زبردست اثر ٿيو.

٤ مارچ ١٩٦٧ تي ڄامشورو (حيدرآباد) وٽ شاگردن طرفان سنڌيت جي حق ۾ زبردست مظاهرو ٿيو. جنهن تي سرڪار لٺبازي، گوليبازي ڪئي ۽ سوين گرفتاريون ڪيون. ان واقعي بابت ڪوين ۽ ڪهاڻي نويسن تمام گهڻيون رچنائون لکيون. ڪيترا نوان ليکڪ نکري نروار ٿيا.

پهرين ڪهاڻي هئي رسول بخش پليجي جي قلم مان "ويڙهو هٿين نه وهه" جنهن ۾ خوبصورتيءَ سان ان واقعي جو چٽر چٽيل آهي. ان بعد منير احمد جي

"شيرو" ڪهاڻي سڌي نئين دنيا وٽ آئي، جا جون ١٩٦٧ ۾ ڇپي. اُن جو نائڪ "شيرو" ڪاليجي شاگردن کي سنڌي سڃاڻپ، سنڌيءَ ۾ قسم کڻڻ ۽ "جيئي سنڌ" جو نعرو ڪم آڻڻ جي ۽ سنڌيت جي حقن لاءِ لڙڻ لاءِ ڪٺو ڪري ٿو ۽ جيل وڃي ٿو. اُلوقت رشيد ڀٽيءَ جي "جيئي سنڌ" ڪهاڻي به ڇپي، جيڪا اُن نعري ۽ ۽ تحريڪ جي حمايت ۽ اُن جي مخالفتين جي اوگهڙ لي ڪري. ڀٽيءَ جي ١٩٦٣ ۾ "خدن چريو" آکاڻي به ڇپي هئي، جنهن ۾ هند - پاڪ جي ورهاڱي تي زبردست چوٽ ڪيل آهي.

ائين سنڌيت جي ڪهاڻين جو هڪ سلسلو شروع ٿيو، جيڪو خاص ڪري روح رهاڻ ۾ ٻه سال جاري رهيو، جنهنڪري جنوري ١٩٦٩ ۾ روح رهاڻ تي بندش وڌي ويئي. روح رهاڻ ۽ ان کانپوءِ ٻين مخزنن ۾ جيڪي اهڙيون ڪهاڻيون ڇپيون آهن سي مکيه طرح ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون اهي، جن ۾ ڌارين جي هر ڪنهن غلاميءَ لاءِ ڌڪار ۽ سنڌيت لاءِ پيار سمايل آهي. ٻين جو نوع ڪٿي علامتي ته ڪٿي طنزي آهي. مثلاً اَرباب سنڌيءَ جون "منصور هزار" "منهنجي ماءُ"، "مان سنڌي" ۽ "آءٌ اُلهنجي آهيان." پٿر سنڌيءَ جي "ٻڪر جي لڄ"، عبدالحق عالمانيءَ جي "ٻوٻاڙيءَ جي ٻهار"، محمد دائود بلوچ جي

”ڏالد“، شوڪت حسين جي ”جيئي سنڌ“، عبدالقادر جوڻيجو جي ”اُجهاڻل مچ ۽ اڏندڙ رڪ“، غلام مسرور جي ”جيئي سنڌ“، اَمر جليل جي ”سچل سرمست ٽربل ۾“، منير احمد جي ”شاهه لطيف، رسو ۽ هٿڪڙيون“ ۽ قمر شهباز جي ”سوريءَ سڏ ٿيو“ وغيره. ٻيون اهي آهن، جن ۾ سنڌ جي لڏي ويل هندن لاءِ سڪ جو اظهار ڪيل آهي. جهڙوڪ: شيخ عزيز جي ”مدجهيل ليڪون“، شوڪت حسين جي ”آئيني سمان سپنا“ مدد علي سنڌيءَ جون ”پڪا پڪن سامهڙا اوري اَچي اَڏ“ ۽ ”ويا گذري ڏينهڙا“ ۽ اَمر جليل جي ”هواي“. گلزار احمد جي هڪ ڪهاڻي آهي ”سڪ سمهڻ نه ڏي“ جنهن ۾ هانگ ڪانگ جي سنڌي هندن جو سنڌ لاءِ سنيهو ڏيکاريل آهي. جنهن ”مان“ کي هڪ چٺو شيام چوي ٿو، ”پيو ڪو نه ڪم ڪو نهي، رڳو دعا ڪجه ته ڪڏهن پنهنجي وطن جو ديدار نصيب ٿئي، جو هاڻي سڪ سمهڻ نٿي ڏئي.“

هنن مان گهڻيون ڪهاڻيون ٽئين دنيا جي ڇپايل ڪتاب ”جيئي سنڌ“ ۾ به ڏنل آهن. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هنن مان ڪافي ڪهاڻيون نون ليکڪن جون لکيل آهن، جنجي ٻولي به سليس ۽ سهڪ آهي.

سنڌ ۾ سنڌيت جي هلچل جي زور وٺڻ سان، سنڌي ڪهاڻيءَ به ترقي ڪئي آهي. پر هند ۾ سنڌي

ٻوليءَ جي تسليمي بعد لڳاتار هڪ ٻئي پٺيان جو سميلن نہ ٿيا تہ نہ رڳو سنڌيت جي هلچل ٿڌي ٿي وئي، پر سنڌي ساهت (ڪهاڻيءَ جي شاخ سميت) بہ ٺنڍي پئجي ويو. نومبر ١٩٧٠ واري الور سميلن کان پوءِ وري هلچل تيز ٿيڻ لڳي آهي ۽ ساهت بہ ترقي ڪرڻ لڳو آهي. ان کان پوءِ جو بنگلا ديش جو تحرڪ شروع ٿيو آهي ۽ سنڌ ديش جي پرانتڪ خود مختياريءَ بابت هلچل جون خبرون اچڻ لڳيون آهن، تہ انهيءَ ڪري بہ ساهتڪارن جو ڪجهہ اتساهہ وڌيو آهي ۽ سنڌيت لاءِ سڪ بہ وڌي آهي.

١٩٦٧ کان وٺي اڄ تائين ڀارت ۾ سنڌيت واريون ڪهاڻيون گهٽيون نہ ڇپيون آهن، پر جيڪي ڇپيون آهن، سي ڪافي اهميت واريون آهن ۽ اُن ڌارا جي بخوبي ترجماني ڪن ٿيون. انهن مان گهٽيون ڪهاڻيون يعني چار سندري اُتمچنداڻيءَ جون لکيل آهن، جي آهن - ”ٻڪي سُونهبو ڀينهنجي“ ”معصوم اِلتجا“، ”جهڙ وارو“، ۽ ”تو جنين جي ڳاٿ“. اهي چار ئي ڪهاڻيون سنڌيت جي وايو منڊل سان ٽمٽار آهن. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ هرڪو سنڌي پنهنجي سنڌي سماج سان ئي سُونهندو. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي زالن جي لاڏن، چرچن - گهٻن جي محفل جو چٽو چٽيل آهي. ٻيءَ ۾ معصوم ٻالڪيءَ جي اِلتجا پيش ڪيل

آهي ته ”امي، مونکي نئون سڪول ٺهرائي ڏي“ جيڪ ڪانوينٽ اسڪول وانگر شاندار هجي، جتي هوءَ سنڌيءَ ۾ تعليم وٺي. ”چمن وارو“ ۾ سنڌ جون يادگيريون ڏنل آهن. ”لو جنين جي تات“ ۾ هڪ راڻائوءَ جو ڪردار آهي، جنهنکي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ جيڪا تات تنوار لڳي پيئي آهي، انجي تصوير پيش ڪيل آهي.

سنڌري ڪانسواءِ ٻين ليکڪن جون هي ڪهاڻيون آهن- موهن ڪلپنا جي ”وطن“ جيڪا مڪاني ماڻهن لاءِ جواب آهي ته ڀارت ۾ رهندي سنڌي، سنڌ کي ڇو ياد ڪنتا. وطن ڪا وڃائي ڇڏڻ ۽ وساري ڇڏڻ جهڙي چيز ناهي. وشنو ڀاٽيا جي ”زمين کان اکڙيل“ ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ ٻڍو جيڪو سنڌ ڇڏڻ نٿو چاهي، تنهنکي مائٽ زوريءَ اسٽيمر ۾ وٺي اچنتا، پر هنکي جا سنڌ لاءِ سڪ آهي، سو سمنڊ تري ڪراچيءَ موٽڻ چاهيتو، پر ٻڏي وڃيتو. ڀڳونتي ڪڪڙيجا جون ڪهاڻيون آهن- ”ساجنداس جو سڏڪو“ ۽ ”ڏيهي پرڏيهي ٿيا“. پهرينءَ ۾ انهن نقلچين کي بي نقاب ڪيل آهي، جيڪي سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتي ڇڏي ٻين جو نقل ڪنتا. ٻيءَ ۾ يورپ ڏانهن ويندي هوائي جهاز ۾ سنڌي هندوءَ ۽ مسلمان جي سڪ ڀري گڏجاڻي ڏيکاريل آهي. ڀڳونتيءَ جهڙي نئين ليکڪا، ڪهاڻي لکڻ جي شروعات سنڌيت جي ڪهاڻين سان ڪري، سو پنهنجي سر تي ڏيکاريتو ته هنني سندي ڪهاڻي تي سنڌيت جو اثر آهي.

شاهه، سچل ۽ سامي

ليکڪ: اُتم

هرڪنهن قوم کي پنهنجي پنهنجي روايت (پرمپرا) ٿئي ٿي. اُنجي ننڍي ٿهيءَ کي پنهنجن بزرگن کان ڪن چيزن جو ورثو ملي ٿو، جنهنجي حفاظت ڪرڻ اُنجو هڪ مکيه ۽ اول فرض آهي. نه رڳو اُنجي حفاظت ڪرڻ، پر اُنکي نئين زماني جي روشنيءَ ۾ مدي خارج جزن کان آجو ڪري، اڳتي وڌي وڃڻ لاءِ نئين ٿهيءَ کي پاڻ پتوڙڻو پوي ٿو. شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا، اسان سنڌين لاءِ هڪ اهڙو ئي ورثو آهي.

شاهه، سچل، سامي، اسانجي لوڪ پياري ڪلاسيڪل ڪوين جي ٽمورتي آهي. اُنهن جي ڪوتا ۾ اهڙيون کهڙيون ڳالهيون آهن، جنجي ڪري اڄ سوين سالن ڪانپوءِ هنجو شعر (سڀ جو سڀ نه) دلڪش ۽ دلچسپ لڳي ٿو ۽ اُنهن ۾ کهڙيون چيزون آهن جنکي ڇنڊي ڇاڻي اسانکي ڪٺي اڳتي وڌڻو آهي. اها اوک ڏوک ڪرڻ لاءِ، اسانکي نه رڳو سنڌن ڪوتا - ساگر ۾ ٽٻيون ڏيڻي سهون هٿ ڪرڻيون آهن، پر اتهاس ۾ جهاتي پائي، اُنهيءَ زماني جي سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي

ڪٽ ڪرڻي پوندي ۽ ڏسڻو پوندو ته هنن زندگيءَ جي کهڙي ۽ ڪيتري ترجماني ڪئي آهي.

شاهه (١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع)، سچل (١٧٣٩ کان ١٨٢٩) ۽ سامي (١٧٤٣ کان ١٨٥٠) جو زمانو جاگيرداري نظام وارو هو، جڏهن ملڪ ۾ ننڍن راجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جو راڄ هلندو هو ۽ سنڌ ۾ پهرين ڪلهوڙن جي (١٦٥٧ع کان) ۽ پوءِ ٽالپرن جي (١٧٧٢ع کان) حڪومت هئي. اُنوقت هندستان ۾ ڪٿي مغلن جي، ڪٿي مرهٽن جي، ڪٿي سکن جي ته ڪٿي راجپوتن جي حڪومت هئي. چوگرد لڙايون راڳا رچائي رهيون هيون. سنڌ کي نادرشاهه، احمدشاهه ابداليءَ ۽ افغان بادشاهه تيمورشاهه جي ڪاهن جو جنسي قتلام سهڻو پيو. حاڪم شيل شڪار ۽ پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. عام ماڻهو ڏڪارن ۽ بيمارين ڪري ڏهڪايل هئا. مجال آهي جو ڪير ڪڇي سگهي!

جهڙيءَ طرح راجنيتي ۽ آرٿڪ کيترن ۾، اهڙيءَ طرح سماجي کيتر ۾ به جنسي جٽ لڳي پيئي هئي. چوگرد اوچ نيچ، ذات پات، ڇوت ڇات، مذهب نسل، رسم رواج ۽ ڪٽنب قبيلي جو ڀيد ڀاءُ ڦهليل هو. سماج ۾ ڪٽنب جي وڏي اهميت هئي. جنهن هن دنيا جو هلائيندڙ خدا يا ايشور ۽ حڪومت جو هلائيندڙ ايشور جو "مرتي پت" يعني راجا، نواب يا جاگيردار سمجهو

ويندو هو، تن ڪٽنب جو هلائيندڙ، اهو وڏو هو، جنهنکي پنهنجن ٻالين تي ايترو ئي اختيار هو، جيترو هڪ راجا کي سندس رعيت تي هو. گهر جا ٻالي گويا سندس ملڪيت هئا. هنجي آڳيا کانسواءِ هو ڪو بہ ڪم ڪري نہ سگهندا هئا. ايتري قدر جو ڪٽنب جي ڌيءَ يا پٽ جي شادي وڏي جي مرضيءَ ۽ منظوريءَ کانسواءِ ٿي نہ سگهندي هئي. انڪري سياويڪ پيار جي آزادي نہ هئي. مائٽن جي مرضيءَ کانسواءِ محبت ڪرڻ معنيٰ هئي هنجي قهر کي دعوت ڏيڻ.

اُن زماني ۾ ڌرم-مذهب جو ايترو زور هو، جو حاڪمن کي خود اُنجي اوٽ وٺڻي ٿي پيئي. عولين ۽ پنڊتن جو اثر نہ رڳو حڪومت تي هو، پر زندگيءَ جي هر کيتر - تعليم، تهذيب، قاعدن قانونن، انصاف وغيره تي بہ هنجو رعب ڇانيل هو. انڪري اُن دور ۾ جيڪي بہ اعتراض يا تقاضائون ڪيون وينديون هيون، تن کي بہ مجبور ٿي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪرڻو پوندو هو.

دنيا جي اتهاس جو اڀياس ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ وچولي زماني (مڊل ايجز) ۾ نہ رڳو هندستان ۾، پر ٻين ملڪن ۾ بہ حڪومت، مذهب يا جاگيردارن خلاف جيڪا وڏي ۾ وڏي هلچل هلي، سا هئي رهسياوادين (مسٽڪس) يعني صوفين ۽ سنتن - ڪوين جي هلچل.

هنن ڪوين جي گهڻي ڪوتا ٻاهرولي طرح نه روحاني ۽ آتمڪ رنگ ۾ رڱيل نظر ٿي اچي، پر باريڪبينيءَ سان ڏسو سان اُن ۾، عام جنتا جي دک درد، تعصبن ۽ تنگدلين ۽ مٿين طبقي جي ڏاڍائيءَ جي تصوير چٽيل نظر اچي ٿي. هو پاکنڊ، ۽ ڏيکاءَ، مذهبي خارج رسمن رواجن ۽ خيالن قدرن جي ڪڙي ٽيڪا ٽپڻي ٿا ڪن. هو هڪ ايشور (خدا) جي ڀڳتيءَ (عبادت) جي سکيا ٿا ڏين. هو گهڻن اوتارن ۽ پيغمبرن، ديوتائن ۽ فرشتن جا نه پر وحدانيت يعني هڪ خدا يا ايشور جي هستيءَ جي ويچار جا حامي آهن. اهو ايشور جو سڄي خلق ۾ وسي ٿو. هو ايشور کي آڪاس مان لاهي ڌرتيءَ تي ٿا وهارين، پٿرن پهاڙن، ڪتابن شاسترن، مندرن مسجدن، ورتن اشنانن، روزن نمازن مان ۽ سرڳ، نرڳ ۽ جنت جهنم جي خيالي قلعن جي قيد مان ڪڍي، عام ماڻهن جي وچ ۾ ٿا وهارين، جن صدين کان سڪايل، نيچ ۽ ٽيچ سڏايل انسان هن جو مشاهدو ماڻي سگهن ۽ درشن ڪري سگهن ۽ ڪيس پنهنجا ڏک سور سڻائي سگهن نه ڪيئن نه سندس ”مک مان نڪتل“ عيوضين (پنڊتن ۽ مولوين) خالق ۽ خلق جي وچ ڪاهي ڪوٽ ڇڏي آهي، سائنس ملڻ لاءِ راهون ۽ واهون بند ڪري ڇڏيون آهن.

هي صوفي ۽ سنت ڪوي هر ڪنهن قسم جي ڀيد ڀاؤ جا دشمن آهن، پوءِ چاهي اهو راڄنيتي هجي، آرٿڪ

هجي يا سماجڪ هجي. هن وٽ ذات پات جو فرق ڪونهي، ڪو به اوچ نيچ، غريب شاهوڪار، راجا رنڪ ڪافر مومن، اڇوت برهمڻ ڪونهي، سڀ هڪجهڙا انسان آهن.

هن ڪوين پنهنجي ڪوتا ۾ ٻولي- پنڊتن ۽ مولوين جي ڏکي ٻوليءَ بدران عام جنتا جي سليس ۽ سنگيتمئه ٻولي ڪم آندي آهي. هن ڪوين جي ڀڳت ۾ ٿي ڀارت جي جدا جدا پرانتن جون ٻوليون لوڪ- پياريون بڻيون.

هندستان ۾ انهن صوفين ۽ سنت ڪوين جي هلچل ١٥ صديءَ جي شروعات ۾ آرنڀ ٿي ۽ ١٩ صدين تائين هلي. اُنجو اڳوان هو رامانند (١٤٠٠ع کان ١٤٧٠ع). هو جيتوڻيڪ پاڻ برهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو، ته به پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا، جنتا جي ٻوليءَ هندي ۾ ڇپائين. نه رڳو ايترو پر هن اوچ نيچ، ذات پات، ڌرم مذهب جي ڀيد ڀاوَ جي زبردست مخالفت ڪئي. انڪري هنجا جيڪي به شش ٿيا سي جدا جدا جاتين ۽ مذهبن مان هئا. ڪو ڪوري ڪبير هو ته ڪو ڪسان ڌنو ڀڳت هو، ڪو چمار سنت روداس هو، ڪو نائي سينا ڀڳت هو ته ڪو راجا پيپا هو وغيره. رامانند پاڻ جيتوڻيڪ نرگڻ وادي (نراڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريه

جي اَدوئيت وادي (جيڪو ايشور ۽ انسان ۾ دوئيت يا ڀيد نه ڏسي) هو ته به هن اهي واد ۽ وشواس پنهنجن ششن لئي نه مڙهيا. هو سهپ ۽ سهجيون جو سروپ هو. ٿوري ۾ هن ڪوين اسانجي ڀارت جي سباهت ۽ سنسڪرتيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، عام جنتا جي دلين کي مرهم جو ڪم ڏنو ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڀيد ڀاوَ کي پريم ۽ وشالتا، عشق ۽ انسانيت جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

ان ٻاري ۾ **گرديو ٽئگور** چويٿو، "اسانجي اڄڪلهه جي مرڪب وسيع تهذيب (سنسڪرتي) کي سنت ڪوين ٿي جنم ڏنو، جن برهمڻ ڌرم جي تنگدل ۽ مسلم مذهب جي ڪٽرپڻي کان آجو ٿي، هڪ اِنساني ڌرم اَپنايو هو." ساڳيءَ طرح **ساڌو واسواڻيءَ** پونا ريڊيو اسٽيشن تان هڪ وياکيان ۾ چيو، "انڪان انڪار ڪري نه سگهبو ته هي سنت ڪوي اتهاس جي هڪ آزمائشي دور مان لنگهيا. هندو مسلمان جي وچ ۾ هلندڙ سخت ڪشمڪش ٻنهي جاتين جي سماجڪ جيون لئي گهرو اثر ڪيو. اُن سماجڪ ڪشمڪش ۽ راڄنيتي مونجهاري وقت تهذيب ۽ وشواس جي هڪ نئين جاڳرتا جنم ورتو. ڪٻيرن، ڪورين، ڪاريگرن ۽ ٻين جن کي هيٺاهين اَڇوت سمجهيو ويو هو، تن آشا ۽ وشواس جا نوان گيت ڳاتا."

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا کي، سندن زماني جي حالتن، جنهن جو مختصر ذڪر مٿي ڪيل آهي، جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته اُنجي اهميت ۾ اضافو نظر ايندو ته معنيٰ جا نوان موتي به ملندا، زندگيءَ جي تنقيد ۽ زماني جي تصوير نظر ايندي ته سنڌيت لاءِ سڪ ۽ روايت پرستيءَ خلاف بغاوت جي جهلڪ به ملندي. البت ڪنهن ۾ گهٽ، ڪنهن ۾ وڌ. پر اهي سڀ حقيقتون اسانکي مادي نگاهه سان ٿي ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪا ٿي اسانکي پنهنجي صحيح ورثي کي سمجهڻ ۽ سنڀالڻ ۾ سهائتا ڪري ٿي.

ٽنهي ڪوين جو هڪ مکيه ۾ مکيه سنيهو آهي انساني ڀيد ڀاءُ کي مٽائڻ جو سنيهو. اُهو ڀيد ڀاءُ جيڪو ڌرم مذهب، ذات پات، اوچ نيچ جي بنياد تي بيٺل آهي. هنن ٽنهي شاعرن اهو سنيهو پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ ڏنو آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني مَن،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
آيا ائين چون ته پرين ڪجو پانهنجو.

هيءُ هڪ بيت ڏسي اُن مذهبي تنگدلي ۽ تعصب کي پرزا پرزا ڪيو ڇڏي، جنهن هندو مسلمان جي وچ ديوار کڙي ڪري رکي آهي ۽ عام ماڻهن کي نرڳن جي دڙڪن ۽ سرڳ جي سپنن سان ڀيلائي ڇڏيو آهي.

شاهه جــي اهڙن باغي ٻيتن کي لــي خيال ۾ رکندي مرحوم قليچ بيگ پنهنجي ليک "شاهه صاحب عالم" ۾ لکيو ته شاهه "اهڙيون ٻوليون ٻڌايون آهن، جي ظاهري شريعت جي برخلاف آهن ۽ مست صوفين وانگي جيڪر متس ڪفر جو الزام اچي سگهي."

ساميءَ هندو مسلم ميلاپ کي خيال ۾ رکي چيو هو:

* ويد، پران، قرآن ڪو سيني ۾ هڪ سؤت
* فارسي ۽ هندي سنت چون ٿا ڳالهه هڪ
* پاوين أللحق، پاوين ٻولي رام رام
* سڀيئي مارگ مت ڳالهه ڪرن ٿا هڪڙي

هڪ هنڌ ته ساميءَ، ملن مولوين جي مذهبي ڪٽرپڻي کي ٺوڪر هڻندي باغي سر آلاپي ٿو:

"ميخاني مسجد ۾ جاڻي ڪونه فرق"

ساميءَ اهڙين ڪوتائن ذريعي سيني ڌرمن ۽ پنٿن جي ايڪتا لــي زور ڏيندي سهپ ۽ سهڄيون جــو سنديش ڏنو آهي، جيڪو اُن زماني ۾ ته اَهم ترين هوئي، پر اڄ به ڪو گهٽ اهميت نٿو رکي.

ليڪن سچل سرمست ته مذهبي ڪلفت ۽ ڪٽرپڻي جي جنسي جڙ وڍي ڪاٽي آهي. داي ٻادلي چوي ٿو:

* مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
* مذهب مؤر نه منجهيا، آءٌ مشرب منجهه مدام
* لاشڪ آهيون لامذهب، اسان غرق ٿياسين د وغيره

* هندو مومن ناهيان......

ناهين مسجد، ناهين حجرا، اندر پير لــه پايان
ناهين ڪعبه، ناهين قبله، مڪي مُول نه جاوان
ناهين نانڪ، ناهين ڇمڻ، گنگا مُول نه جاوان
يار ته ميڏان درس درازي، سچل ناو سڏايان

هي صحيح معنيٰ ۾ سيڪيولر واد (غير-مذهبيت) جو اظهار آهي، جيڪو اڄ به لت لٽون پيو لڳي. ان ڏس ۾ سچل اڃا به اڳتي وڌي هي باغي اظهار ٿو ڪري جيڪو سچي سنڌ هند جي ٻئي ڪنهن به صوفي يا سنت ڪويءَ وٽ ڪونهي.

* ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مُورون مسلمان،
نڪي **احمد** موڪليو **عرب** ڪــان ايمان،
سچوُ سو **سبحان**، عــالم ليکي آدمــي -
* ڪلمو پڙهان ته ڪافر ٿيان، گهران نه الهيءَ گهير
جــاڏي راهه **رسول** جي، تاڏي پايــان نه پير،
* الله الله ڇو چوين، پاڻ ٿي الله اچاڻ
* جان جان طالب مسجد منبر، ڪين ڪرين ويرانا
تان تان راهه قلندر واري، ڪين ملي مردانــا.

سچل مذهب جي ڪٽرپڻي جي مخالفت سان گڏ هندو مسلمانن کي آگاهه ڪيو ته جي پاڻ ۾ ساز سلوڪ ۾ نه هليا ته پوءِ پڇتائڻو پوندو. هنجي اها پيشين گوئي اڄ اکين ڏسي رهيا آهيون.

چوڻو:

وقت اِها آئي ويل، ڏُوئي ڏُور ڪرڻ جي،
ڪي مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، سڀڪُو اولهه سج لهي.
اولهه سج نه ألهي، متان ٿئي اوير
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ ٽير.

ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ خلاف شاه لطيف جو هڪ لاثاني بيت آهي:

ذات نه آهي ذات لئي، جو وَهي سو لهي

شاهه جي هيءَ هڪ ست اج ۽ ڪلاسڪ آهي ۽ سماجڪ ڀيد ڀاوَ ۽ ڇوت ڇات جون ڌجون اڏائيندڙ آهي. شاهه پنهنجي شعر ۾ ڌوٻياڻي سسئي ۽ سردار پنهونءَ، ماڇياڻي نوريءَ ۽ بادشاهه ڄام تماچيءَ، ڪنيارڻ سهڻي ۽ سردار ميهار جي محبت جو چٽر چٽيندي ان سماجڪ ڀيد ڀاوَ کي زبردست ڌڪ هنيو آهي.

ساميءَ، وري ڇوت ڇات جي وروڌ کي هن نموني پيش ڪيو آهي:

* وڏي وڏائي، سامي ڄاڻ ڄڳت جي
نيچ اوچ ٺيا ڪيترا، ڪري ڪمائي
نه ڀيد چمار، جولاها، ڀهارا نائي

جنهن لڌو لاڳي، سي سهڄي سڌ رهيا
* **پتت** کي ڀاڙن، ساميءَ ڪيو سنگرو.

* **جات**، ورن، ڪل، ڪرم ڏي سامي ڪين ڏسن

هنن ڪوتائن جي آتمڪ پردي کي لاهي ڏسندا سين ته اسانکي ڪيترائي معنيٰ جا موتي ملندا. انهن ۾ ساميءَ نه رڳو سماجڪ ڀيد ڀاو مٽائڻ جو سنيهو ڏنو آهي، پر پنهنجي زماني جي حقيقت جو به چٽر چٽيو آهي ته، جن ماڻهن کي هيٺانءِ نيچ ۽ پتت سمجهي ايشور جي ڀڳتيءَ کان به وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو اهو حق حاصل ڪيو هو ۽ سڌ ڪيو ته ايشور اڳيان به اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نٿو هلي. هنن، ساميءَ هيٺين طبقي مان آيل سنت ڪوين- ڪبير، ڏنو، روداس، سينا وغيره ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

سچل چيو:

نه مين سني، نا مين شيعا، نه مين ڏوهه نا ثواب،
ذات سچوءَ دي ڪيهي پڇدئين، نالي تان ناياب.

سچل ذات پات، اوچ نيچ وغيره جي ڀيد ڀاو جي رسمن رواجن کي ٽوڙي، وهمن جي ٻانهپ کان ڇوٽڪارو پائڻ جو آواز بلند ٿو ڪري. چوي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد لڳين مردانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

شاهه، سچل - ساميءَ انساني ڀيد ڀاو کي مٽائڻ لاءِ

ريکو ڏم مذهب، ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ڀيدن کي نه لکيو آهي، پر پاکنڊين ۽ ڀهروپين، ڍونگين ۽ ڏيکاءُ پسندن ۽ ڪوڙن ڪپٽين جي ته قلعي کولي آهي. انهن ۾ خاص ڪري ملن قاضين، پنڊتن ۽ جوڳين جي ته هن خوب لاهه لاٿي آهي. جئن شاهه چوي ٿو:

* ملن منو ماءُ، پٽو ڦتو پيٽ ۾
سڃاڻي اَللهه نبي ڏانئون ڏُوڙ ۾
* اَکر پڙهي اَياڳيا **قاضي** ٿئين ڪياءِ؟
پيرئين ۽ پانئيئن ايڏان لائين نه، آءُ
ان سرڪيءَ سنڌو ساءُ، پڇج **عزازيل کي**
* اَندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو ٿلهو ڏسانءُ، پڇي چونه پورا ڪرين
* مورک مام نه ٻجهنا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
سي ڪيئن ٺرين پسن، **ڪڌر** جن اکين ۾.
* روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اُهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين.

هتي شاهه، ڪوڙن ڪانئن ۽ ڪڌر وارن ملن ۽ قاضين جي سامهون سچي صدق واري عزازيل کي آڻي ۽ روزن نمازن کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن ”فهم“ کي پسند ڪري، روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هڻي آهي. اهڙي ئي نوع ۾ هن، پيٽ جي پوڄارين جوڳن جوڳين ۽ سوامين جي ڇڳي جوڙ پڌائي آهي. چوي ٿو:

* گولا جي گراهه جا جوڙا سي جوڳي
ڌڙل او ڌوڙي، جنين شڪر ساليا
* جنهن سياسي ساليو گند ۽ گراهه
انهين کان الله اچا آڳاهون ٿيو.
* سامي چائين سڪ طلبئين، تسا ڏئين نه ٿن
ماڙهن کان منهن ڪيو، پڌهن آڏا ۽ آن
ڪاپڙي! تو ڪن، ڪ چيرايا **چشن** لءِ

ساميءَ به اهڙن ڍونگين ۽ ڏيکاءَ پسندن جي خوب چنڊڙي لاتي آهي، جيڪي ٻاهران ساڌن جو ڀيک ڌري، اندر ۾ ڪوڙ ڪپٽ جون ڪاليون ۽ کهاڙيون پيا لکيون ڪن ۽ حرام جي هڏيءَ تي هري ويا آهن. جئن چويٿو:-

* لکين لباڙي ڳالهيون ڪن اگم جون
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا، مٿو ۽ ڏاڙهي
ڪلڪائين ڪپٽ جي ڪاتي ڪهاڙي
پاڙ ڪاٽي پاڙي ڌهيا وڃن وهه ۾!
* اَندر گند ۽ گند، ٻاهرون اَڇو اُجرو
پير سڏائي پاٽکي، ڪرين فاضل ڦند.

سامي اچا به اڳتي وڌي پنهنجي زماني جي حاڪمن، ميرن، حاجين ۽ مکين چوڌرين جي لڱين چورن جا پول پڌرا ڪيا آهن. جئن چويٿو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا مير متعدي چوڌري

راليون ڏيهان لوپ جا گهر ٻڌن ٻوڙا
ويساهي ويساهه سان ۾ وهن وسوُڙا
* چوري نہ ڇاٽان، مال پرائو نہ ڇڏيان
ديان بار اُتن جا، ڦريا نماٽا
تنهنکون ٻچاٽا، ڪريان حق حلال جون ڳالهڙيون.

سامي اُنهن ملن ۽ قاضين، گيانين ۽ ويراڳين کي چڱي ڦٽ ڪئي آهي، جيڪي رڳو ٻاهران پيا پڙهي ڄاڻن يا پٿر پوڄي ڄاڻن ۽ جپ تپ پيا ڪن ۽ تيرٿ ۾ ان پيا پيئين. پر اندر ۾ ٻاهرين کي لوچي لتا لهن ۽ نڪو سچ کي ٿا سمجهي سگهن. چوي ٿو:

* پنن منجهه پيهي تو حرف نہ لڌو هيڪڙو
لوڪي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن جي؟
* ملا! مني ماء پڙهي پر جهي ڪينڪي.
* ليهه ٻيا نادان، ويد پڙهي وادي ٿيا
* **ويدن ٻگاڙي،** ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا
* اَهنڪاري اَحمق سچ سڃاڻن ڪينڪي
ٻڌي واڪ ويدانت جا در در ٻڪن ٻڪ
* پٿر پوڄا ڪن، ديو نہ ڏسن ديهه ۾
* مورک ڪين ڏسن، سامي سڀن کي
تپ تيرٿ، ورت نيم، جڳ جهد ڪيو جاڳن
غفا، ٻن، پهاڙ ۾ ٻڪ اڄ ڏک سهن

سامي ۽ متين ڪوتائن ۾ اهي ڳالهيون بہ چيون آهن،

جيڪي روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هڻندڙ آهن. ڪوڙن ساڌن سنتن کي جڏهن ويدن جي ٽالي ۾ عام ماڻهن کي ٺڳيندو ڏٺائين ته ٻاڻ ۾ چئي ويٺو:

ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪينڪي
لڳي ڄاڻون چت ۾، أٽڪل أستادي.

سچل ته ملن مولوين، پاڪبازن ۽ پيٽ جي پوڄارين کي پريءَ سنگت ۾ جنسي ننگو ڪري تو ٻهاري جڏهن چيو:

* **ملان** ته ڪارڻ مالين جي، ختما پڙهنتا خاصا أللھ
هلي اچن ٿا ڪنن ٿي، هٿ ۾ ڪيئون عاصا
جڙي ويهن ٿا مانين ٿي، ڪکيون ڀرن ٿا پاسا
ملان چون ٿا، ڪين ڪائون ٿا، ڪائي وڃن ٿا ڪاسا
سچو سچ چوي ٿو ظاهر، ٻنيون گهمن ٿا ناسا.
* لڪن نقش، ڪمائن ڪيميا، ميڙن مال خزانا
خوءِ خضر جي، ڪار **شيطاني** حفظ ڪرن قرانا
* مڪر ساڻ ملڪ ڪي **لٽيرا** لٽين.
ڪريو پيا ڪرڻ أٽڪلون اللھ سان
* عشق پيو سي زور زور
ڪٽ ملان دي ٺوڙهه ٺوڙهه

جيڪي سڄو ڏينهن جنت ۽ انجي حورن کي حاصل ڪرڻ لاءِ يا دوزخ جي ڊپ کان، خدا جي عبادت جو ڍونگ ڪري مسجد ۾ مٿا پيا آهن، تنکي

جواب ڏيندي سچل چيو:

* نڪي قاضي ملان معلم پير پٺياسين
نڪي ناهه نگيءَ جا ناهي، رنگ رساءِ رکياسين

* نه مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نه ڪيڙم زهد عبادت
نڪي مسجد مدر ويڙس، نه ڪيڙم تقوي طاعت
سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت

* مسجد ڇڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪيف ڪياسي
ڏوهه ثواب کان آجا ٿي، پوءِ سچل سچ ٿياسي

* عشق ٻاجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سوَلي ٿي منصور
نه ڪوئي دوزخ نه ڪوئي جنت، نه ڪا حوُر قصور

سچل جي هڪ مشهور لاثاني ٻيت توڙ ڪافي آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو نه پنهنجي پرينءَ جي ناز کي ڏسي مولڪان روزو نماز ٻه وسري ويا آهن. ڏسو مذهبي ظاهر پرستيءَ جي، جنهن اُن زماني ۾، انساني زندگيءَ کي گهڻي پُوساڻي رکيو هو، ڪيڏي نه کل ٿو اُڏائي:

ڪيڙو مست پرين، جي ڪٽي ناز مولڪي
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مولڪي
شرق شراب پيان، پڙ وٽ راتو ڏينهان
ڪونهي وري قاضي ملان جو ڪو لحاظ مولڪي
وائي واس ڪهائي، مٽيءَ کي جيڪا پران
اڄي ري هوُ هوُ پران، جو ٿو آواز مولڪي
سچل مقصد سارو، ڏوُلهين وس ٿولهين الله

ڏس ڪو راز پنهنجي، جو ڪو ليار مونکي.

شاهه، سچل، ساميءَ جهڙي پاڪبازن ۽ بهروپين، ڪوڙن ڪهڙين جا وڪ پڌرا ڪيا آهن. انهي هنن سڀني انسان هجڻ جي سکيا ڏني آهي ۽ اهڙن سڀن انسانن جي واکاڻ پڻ ڪئي آهي. ساڳئي وقت هنن ايشور ۽ خدا کي پاڻ لاءِ پنهنجي من جي وڪارن - ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ۽ اهنڪار کي دٻائڻ لي نه زور ڏنو. ليڪن هنجو ايشور ته هن دنيا جي عام جنتا ۾ وسندڙ آهي جئن چونٿا:-

* خلق وسي خالق ۾، خالق منجهه خلق
* ملڪ ڏس مالڪ ۾، مالڪ منجهه ملڪ
* جڳت ڏٺو جانيءَ ۾، جانيءَ منجهه جڳت.

(سامي)

خدا ڪس جاءِ نهين ڇپندا،
الله جڳ لوڪ سارا هئه.

(سچل)

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن **صاحب** سامهون

(شاهه)

اهڙي طرح هي ڪوي ائين ڪونه ٿا چون ته ايشور کي پاڻ لاءِ سڀ وقت هنجو جاپ ويهي جپيو، يا هن لي پاڙي ويهي رهو؟ پنهنجا وڪار دٻائي ڪوبه ڪرم نه ڪريو. هنن ان ڳالهه لي زور ڏنو آهي ته انسان ڪسي

پنهنجي آدرش ۾ ڪوشش ڪرڻ کپي. جنهن سامي چوي ٿو:

سامي سڀ جو ديو آهي، پرشارت پنهنجو

شاهه جو ته هيءَ هڪ يادگار بيت آهي:

لٽيءَ لڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي

ساڳيءَ طرح ٿي سچل چيو آهي:

متان وهين مات ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه.

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر ۾ اسانکي اهڙا ڪيترائي اشارا ملن ٿا، جن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هنن شاهن ۽ شاهوڪارن، مايا جي مريدن ۽ مهاجنن، ظالمن ۽ شڪارين جي سڌي يا اڻسڌيءَ طرح اوگهڙ ڪئي آهي.

شاهه پنهنجي هڪ ڪلاسڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو:-

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پنڌ رهن ٿيا، اُن ٿا ٿورق ٿرن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال مُوڏي سڀ مرن.

شاهه هن شعر ۾ ريگو ڏڪارين ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي ٺٺ لٺو وسائي، جنهن بين نقادن به چيو آهي پر سرمايداري سرشتي جي بنياد جي سمجهاڻي پڻ ڏئي ٿو، جيڪو اُن زماني ۾ وڌي رهيو هو. اسانکي خبر آهي ته سرمايداري سرشتي جو بنياد ئي آهي نفعي لي- مهانگو لهي ميڙڻ ۽ پنجن مان پنڌ رهن ڪرڻ. جيڪڏهن اهو بنياد ڪڍيو وڃي ته سڄو سرمايداري سرشتو اچي ٺپ ٿئي. شاهه ان لئي سڀني جي ڀيٽ ۾ سرمايداري

سرشتي جي اوت ڪسوٽ تي لعنت هڻڻ لاءِ، ڄڻ ساگر کي ڪوزي ۾ سمايو آهي.

سچل نه ايبانگ چيو:

نه مان حاڪم، نه مان ظالم، آهيان اَمن جو اَمير

سامي جيڪو پاڻ هڪ ڌنوان سيٺ ۽ واپاريءَ جو پٽ هو، تنهن کي مايا (پئسي) ۽ اُنجي مريدن جي افعالن جي اونهو اڀيڙ ٿو ڏسجي، جو هن پنهنجين ڪوتائن ۾ مايا کي جنسي حرف پٽيا آهن. چي، مايا نانگڻي، منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي، ڏائڻ، بلا آهي. چوي ٿو:-

ڏاڍي ڏيوالي مايا ڏائڻ ڏندري
سامي ڪيو جنهن سڀ کي ڪرڻ ڪنگالي.

اهڙن انسانن، جن مايا سان پنهنجا محل ڀريا آهن ۽ ٻين کي اُنجو فائدو نٿا ڏين، تن کي سامي اجهو هيئن ٿو ياد ڪري:

هڪ ڪٺو نه ڏئي پاڻ، ٻئي کي ٻنگ وجهي پائي
مايا تنهن موڙڪ جي آهي اجائي
سو وڏو پاپي پڌرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي

تنهي ڪرين، جتي شاهوڪار ۽ مايا جي مريدن تي ملامت مڙهي آهي، اُتي هن غريبن ۽ محنتين لاءِ قرب جو اظهار ڪيو آهي. شاهه جي شعر ۾ نه اُن اظهار جي جنسي پلٽان پلٽ لڳي بيٺي آهي. هن هارين نارين، ڀوهارن ۽ سنگهارن ۽ اُنهنجي ”ڏت ڏهاڙي سومرا“

واري جيرهه جو چٽُ چٽيو آهي، جيڪو خاص ڪري سر سارنگ، سر ڍهر، سر ڪاموڏ ۽ سر مارئي ۾ ڏنل آهي. چوي ٿو:-

* مند ٿي مندل مند پيا، تاڙي ڪي تلوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا

* چنل ڇيڄ هٿن ۾، کهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پانهنجي اٿن سوارا
اوڏ ٻي ويچارا، لاڪا! وڃن لڏيو.

* جاريون، ڪاريون، ڇيڄ، ڇيڙيون، جنجي محبت مڇيءَ ساڻ رهن، وهن، سر ٻانڌين، سيپٽي ٻڌيوءِ هاڻ لڏڻ جن لطيف چئي، پاڻيءَ وجهن پاڻ تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پانهنجي.

* آٽين کي چاڙهين، ڏٺ ڏيهاٽي سومرا
ستا ڪيو، سيد چئي سانوُڻ سڪائين
منجهان لب لطيف چئي، چاڙهه ڪيو چاڙهين
پلاءُ نه پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

* ٻٽين پٽين پير، مهين ماروئڙن جا
ٻائر سپ ٻچي پيو، گهر گهاريندي کير
ڪونئين لکن کير، **محلين** منجهي مون هنئون.

* سنهيءَ سٽيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهه
ويٺي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه

هنئون منهنجو هٽ ٿيو، هٽ مٽيءَ ۾ ماهه
پڪن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

غريبن ۽ هيٺين طبقي وارن ماڻهن جي جيڪا دلڪش تصوير ڪشي شاهه لطيف ڪئي آهي، اها سچل ۽ ساميءَ برابر نه ڪئي آهي ته به هنن پنهنجيءَ ڪوتا ۾ اهو اهڃاڻ ضرور ڏنو آهي ته هنن جو انهن ماڻهن لاءِ هڏ ڪڙڪي ٿو. ساميءَ جي هيٺين هڪ سٽ ئي ان اظهار جو آئينو آهي:

غريبي گلزار آئي مرچاري مينگهو چوي

هڪ ڏلوان سيٺ، جنهنجو واپار وڏن ڏيساورن سان هلندو هو، انجي پٽ ساميءَ جي ان زماني ۾، چيل مٿين هڪ سٽ به ڪافي اهميت واري آهي.

ساڳيءَ طرح سچل به سر مارئي جي ڪن ڪافين ۾ سانگهيڙن جي جيون جي جهلڪ پسائي آهي. ماروئيءَ واتان چوائي ٿو:

* سارو سنگهارن ڏي، حال منجهان روئي
وجهان پرڏيءَ ٻاهه ۾ شالون پٽ سيوئي
آنديم ڪٽي ڪوهه تون، آب ٻري اوئي
اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي لوئي
* شال نه وسارين مارو ملڪي شال نه وسارين.

درد جنين جو آهي دل کي
ڀورن ڀوهسر ٻانهنجا، ويڇها وهارين

جوڙ اسانجا جهُونڙا، ماڻهو ن ڏيون ماڻهن

شاهه، سچل ۽ ساميءَ، جني ڪوتا جي وشيه (موضوع) جي لحاظ کان پنهنجي زماني جو سڌ (جيڪو انسانيت جو سڌ هو) اُٺايو، اُلي هو ڪوتا جي روپ جي وچار کان گهربل تقاضا پوري ڪرڻ ۾ اُهي پٺتي نه پيا. اُن زماني ۾ سنڌي ٻولي اڃا ڄڻ ٻاروتڻ ۾ هئي، جنهنڪري هنن اصطلاحن ۽ محاورن سان ٽمٽار نيٺ سنڌيءَ واريءَ ڪوتا سان جوڀن بخشيو. هنن شاعرن پنهنجا صوفي ۽ ويدانتي ڳُوڙها ويچار به سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيا، جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ ڌرمي شاسترن ۽ مذهبي ڪتابن جون ٻوليون هيون پارسي، عربي ۽ سنسڪرت. ساڳئي وقت هنن ضرورت آهر، پارسي، عربي ۽ سنسڪرت جون تشبيهون ۽ لفظ به ڪم آندا، جيڪو ڏيکاري ٿو ته هو هر لحاظ کان تعصب کان مٿي هئا.

هنن ٽنهي جو شعر (سواء سچل جي اُردو ۽ پارسي شعرن جي) اڪثر ڪري گيت ۽ سنگيت جي لئه ٺهي ٻڌل آهي، جنهنڪري اهو مڌرتا سان ٽمٽار آهي. هنجي اڪثر ڪوتا، بيت، وائي ۽ ڪافيءَ ذريعي پيش ڪيل آهي، جيڪي ديسي صنفون آهن.

هي سڀ ڏيکاري ٿو ته هنن کي سنڌيءَ لاءِ ڪيڏي نه اُڪاهه سڪ هئي، جنهنجي اڄ به سخت ضرورت آهي ۽ جيڪا اڄ اسانجو قيمتي ورثو آهي.

حقيقت نگاري ۽ سنڌي ساهت

ساهت انساني سماج جو آئينو آهي. جئن آئيني ۾ اسين پنهنجي شڪل شبيهه چٽيءَ ريت ڏسي سگهون ٿا، تئن ڪنهن به دؤر جو ادب پڙهڻ سان اسان کي ان زماني جي صورت - ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، ريتين رسمن، راڄ مهاڄڻ وغيره جي چٽي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

سماج جي وڪاس سان ساهت جو به وڪاس ٿيو آهي. جهڙيءَ سماج طرح جئن دؤرن - پراچين ساميواد (جڏهن طبقا پيدا نه ٿيا هئا - ويدڪ زمانو)، غلامگيري (آقا ۽ ٻانها - مهاڀارت وارو زمانو)، جاگيرداري (ڪاليداس کان وٺي شاهه وارو زمانو) ۽ سرمايداري مان گذري، هاڻي پنجين دؤر ساميواد ۾ پرويش ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح ادب پڻ ٽن دؤرن مان گذريو آهي - ١- ديومالا (Mythology) ٢- رومانيت (Romanticism) ۽ ٣- حقيقت نگاري (Realism).

ديو مالا

قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهن جو شعور (چيتنا) ان حد تي نه پهتو هو، جو هو قدرت جي قانونن کي سمجهي سگهن، تڏهن هنن جي دلين ۾ پنهنجي ارد گرد ڦهليل قدرتي چيزن لاءِ خوف، عجب ۽ شرڌا جو ڀاؤ پيدا ٿيو. ان جذبي جي اظهار ديو مالا جي ساهت کي جنم ڏنو، جنهن ۾ اسان کي ديوتائن ۽ فرشتن، ديون ۽ پرين، جنن ۽ ڀوتن، جادن ۽ ڪرامتن جو مکيه هٿ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ان ادب تي جيتوڻيڪ ڪلپنا غالب پيل هئي ته به ان ۾ حقيقت جا عناصر موجود آهن. ان ساهت جا خدائي (Supernatural) ڪردار ۽ بي جان چيزون جهڙوڪ جبل، نديون، ڪڪر وغيره اهڙيءَ طرح هلت هلن ٿا، جئن انسان هلندا آهن. اهو جيڪو انساني عناصر آهي، سو اسان ۾ ان ادب لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ جو مکيه سبب آهي.

ديو مالا جي ادب جون ٻه مکيه خصوصيتون آهن. ان مان انسان جي ٻن تمنائن جو اظهار ملي ٿو. هڪ قدرت تي قبضو ڪرڻ جي تمنا ۽ ٻيو ٻورهئي کي سهنجو ڪرڻ جي ڪوشش. جئن گورڪي لکيو، ”انهن جي (ڏند ڪٿائن) بنيادي معنيٰ اها آهي ته قديم زماني جي ماڻهن ڪيئن، پنهنجي ٻورهئي کي هلڪو ڪرڻ پيداوار کي وڌائڻ، چوپائي ۽ ٻه، ٻائي دشمن خلاف

ٻاٽڪي هٿيار ٻند ڪرڻ، لفظن، اشارن ۽ منترن ذريعي قدرت جي منش - وروڌي روپ تي اثر ڪرڻ لاء ڪوشش ڪئي ......“ هو اڳتي لکي ٿو، ”...... ڏند ڪٿا جي جڙ ۾ حقيقت لڪل آهي.“

رومانيت

جڏهن پيداوار جا ذريعا بدليا، تڏهن سماج ۾ پڻ تبديلي آئي. ان ۾ طبقا پيدا ٿيا ۽ خانگي ملڪيت وجود ۾ آئي. خانگي ملڪيت سان استري پڻ مرد جي ملڪيت ۽ غلام بڻجي پيئي. سماجڪ وهنوار جو روپ بدلجي ويو. نين ڪوجنائن ڪري قدرت جو غيب ڏينهون ڏينهن ظاهر ٿيندو ويو. انساني شعور کي اوج ملي. جهونن وهمن جي جڳهه نون عقيدن ۽ خيالن ورتي. مثلا گهڻن ديوتائن جي بدران هڪ خدا جو تصور (وحدانيت) پيدا ٿيو. قبيلي بندي مان قومون پيدا ٿيون. ان ڪري ماڻهن ۾ قوميت جو جذبو اڀرڻ لڳو.

انهن نين حالتن جي ترجماني ڪرڻ لاء نئين ساهتڪ ڌارا ”رومانيت“ جنم ورتو. ليڪن اهو ياد رکڻ کپي ته مٿيون تبديليون ساڳئي وقت نه آيون پر آهستي آهستي آيون ۽ ادب جو روپ ۽ بناوت پڻ يڪدم نه بدليا. ديومالا وارو ادب انهن حالتن ۾ به ڪيترا سال هلندو رهيو. نه صرف ايترو پر روماني ڌارا، هن ادب کي ڦيري گهيري نين حالتن مطابق استعمال ڪيو.

روماني دور جي ادب ۾ انساني محبت، تصوف، ڀڳتي ۽ قوميت جي جذبي سان ٽمٽار ٿيل شعر، قصا ۽ ناٽڪ ملندا - مثلا ليلا مجنون، شيرين فرهاد، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، روميو جوليٽ، رستم سهراب وغيره.

جهڙيءَ طرح ديو مالا واري ساهت ۾ حقيقت جـي جي ڀيٽ ۾ ڪلپنا جو ڀاڱـو گهڻو آهـي تهڙيءَ طرح رومانيت واري ادب ۾ وري بلند جذبات جـو عناصر گهڻو آهي. جيتوڻيڪ ان جي بنياد ۾ به حقيقت لڪل آهي. مٿين پيرا ۾ ڏنل قصا ساهت ۾ اڄ کان اڳـ، ۾ لوڪ ڪهاڻين جي روپ ۾ عام ماڻهن جي جيوت جـو انگ بڻجي چڪا هئا. صحتمند رومانيت حقيقي زندگيءَ کان منڪر ٿي نٿي سگهي. انڪريئي ته ٽئگور پنهنجي هڪ ڪوتا "رومانيت پسند" ۾ چيو، "ماڻهو مونکي روماني چوندا، ٺيڪ آهي، مان هن جي ڳالهه ڪيان ٿو...... مگر هن حقيقي دنيا ۾ منهنجا سڀ رستا ڏنل وائنل آهن. مان انهو قرض ادا ڪرڻ ٿو چاهيان...جتي ڏک آهي، اسٽري ڏهڪايل ۽ ڌڪاريل آهي، اتي مان رومانس جي رنگين چادر ڦٽي ڪري، لوهي زره پايان ٿو."

ليڪن جنن لي رومانيت زندگيءَ کان منهن موڙي لي لنن ٿي اها کوکلي بڻجي ٿـي پوي. پوءِ ان مان مبهمي، مايوسي ۽ فراريت لهڪندي آهي. گورڪي

جي لفظن ۾ اها ”حقيقت دي رنگ ڏيئي ماڻهن کي ان سان سمجھوتو ڪرڻ لاءِ ٻرپائي ٿي. يا ماڻهن کي حقيقتن کان دور وٺي ٿي وڃي ۽ اندروني دنيا جي بي معني ۽ بي مصرف گورک ڌنڌن ۾ ڦاسائي سمهارڻ ٿي چاهي، جئن فاني زندگيءَ جي ڳجهارت، موت وغيره مسئلا، جي خيال ذريعي نه، پر وگياني علم جي مدد سان ٿي حل ٿي سگهن ٿا.“

ههڙي قسم جي رومانيت اڄڪلهه هندستان ۾ رهسيه وادي ۽ ڇاياوادي ڪي شعر ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. رهسيواد جي خصوصيت آهي آتما پرماتما، جيو جڳت وغيره بابت روحاني راز سلجهڻ. ڇاياواد حقيقت کي ڇڏي پاڇي پٺيان ڊوڙندي ٿي رهي. اها آسمان جي تارن، بي مقصد ٽڪندڙ بادلن، بي پايان سمنڊ جي ڇولين جي نيلي ساراهه ۾ پاڻ کوهي ٿي ڇڏي، يا خيالي محبوب جي تارن، بادلن، لهرن، چندرما جي ڪرڻن ۽ سنجها جي روشنيءَ ۾ تلاش ڪري ٿي. اهڙي رومانيت جون جهلڪون سنڌي شاعريءَ ۾ به موجود آهن. مثلاً:

سرڳواسي نرمل جيوتاڻي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:—

ڪڪر ٽٽجي آيو هو آڪاس تان
گنگا سنڌو ٽٽجي هو ڪئلاش تان
ٽٽي دنيا گلشن وڌي آس سان
ٿيون دليون معطر سنڌس واس سان
سڄو عمر جل جي اڇل ۾ چلي ويو
مونکي مدهه جو محبوب پل ۾ ملي ويو

انين آهي ته ڪنهن وقت رهسيواد جاگيرداري دور ۾ متئين طبقي جي مخالفت (ڌرمي ٻوليءَ ۾) ڪري ترقي پسند رول ادا ڪيو، جڻ ڀارت جي قومي هلچل جي شروعاتي دؤر ۾ ڇاياواد ڪيو هو، جنهن ٻابت هينئر هن ليک ۾ ذڪر نه ٿو ڪجي.

حقيقت نگاريءَ جو جنم

زمانو بدليو. سرمائيداري نظام وجود ۾ آيو. وگيان جي کوجنائن هنري انقلاب آندو، جنهنڪري ان نظام جون پاڙون پختيون ٿيون. انساني شعور زبردست ترقي ڪئي. عقلپسندي (Rationalism) جي لهر شاهي پيماني تي ڦهلجڻ لڳي. لوٽ ڪسوٽ ڪري بک، ۽ بيروزگاري وڌڻ لڳي. اهڙي وقت حقيقت نگاري ادب ۾ داخل ٿي کوکلي رومانيت کي شڪست ڏني. ۽ اها ڌارا يورپ ۾ ۱۹ صديءَ ۾ ۽ هندستاني ساهت (سنڌيءَ سميت) ۾ ۲۰ صديءَ ۾ پيدا ٿي. البت ان ڌارا جون جهلڪون ۱۹ صديءَ کان اڳ ۾ ڇپيل ساهت ۾ پڻ نظر اچن ٿيون. اڄ ساهت جي هر شاخ کي حقيقت نگاريءَ جي ڪسوٽيءَ تي ئي ڪسيو وڃي ٿو.

منشي پريمچند هڪ هنڌ لکي ٿو، ”اسين هاڻي ڪنهن راجا جي الوڪڪ ويرتا يا راڻيءَ کي هوا ۾ اڏامي راجا وٽ پهچڻ يا ڀوتن پريتن جي خيالي چرترن کي ڏسي خوش نه ٿا ٿيون. اسين انهن کي حقيقت جي ساهميءَ ۾ توريون ٿا ۽ ذرو به هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ نٿا چاهيون.

اڄ ڪالهه ناولن ۽ آکاڻين ۾ اسپاويڪ ڳالهين جي
گنجائش ڪانهي. اهي اسين پنهنجي زندگيءَ جو ئي
عڪس ڏسڻ چاهيون ٿا. انهن جي هڪ هڪ سٽ،
هڪ هڪ ڪردار کي حقيقت جي روپ ۾ ڏسڻ ٿا
چاهيون، انهن ۾ جيڪو ڪجهه هجي سو ان طرح هجڻ
کپي جئن ساڌارڻ بڌيءَ وارو شخص، انکي حقيقت
سمجهي."

سوال ٿو اٿي ته حقيقت کي ڪيئن پيش ڪجي؟ جئن
جو تئن انجو نقل ڪجي يا ان کي تنقيدي يا تخليقي
نگاهه کان پيش ڪجي؟ ان سوال جي جواب مان
حقيقت نگاريءَ جا چار نمونا پيدا ٿيا آهن: ١- فوٽوگرافڪ
حقيقت نگاري يا فطرت نگاري (Naturalism)
٢- تنقيدي حقيقت نگاري (Critical realism) ٣-
تخليقي حقيقت نگاري (Creative realism) ۽ ٤-
سماجوادي حقيقت نگاري (Socialist realism).

فطرت نگاري

هن جو جنم داتا مشهور فرينچ ليکڪ ايملي زولا هو.
هيءَ ڌارا حقيقت کي هوبهو پيش ڪرڻ جي قائل
آهي. اها قدرت کي باريڪ ۾ باريڪ روپ ۾ پيش
ڪري ٿي ۽ تفصيلن جا ايترا ته ڍير پيش ڪندي آهي
جو ان ۾ سماجڪ حقيقت گويا گم ٿي ويندي آهي.
اڪري سماجڪ زندگي هڪ طرف ته ان جا مسئلا
۽ اخلاقي قدر ٻئي طرف نظرانداز ٿي ويندا آهن. هيءَ

ڪنهن به واقعي کي ان سان لاڳاپو رکندڙ واقعن کي لڙيءَ جي روپ ۾ نٿي ڏسي، ذهني ڪشمڪش ۽ خواهشن جو ذڪر ڪندي هر شخصيت کي وساري وهندي. اها سماج جي اونداهي پاسي جي ئي جوڙ تصوير ڪڍي ان ڳالهه جي دعويٰ ڪندي آهي ته ان سماج جو حقيقي نقشو ڪڍيو آهي، سماج جي گندگي ڏيکاري آهي ۽ انجي ناسورن کي ئي نقاب ڪيو آهي.

زولا جيتوڻيڪ پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل ناولن ۾ فطرت نگاريءَ کي ترڪ ڪري تنقيدي حقيقت نگاريءَ کي اپنايو ته به هن کان پوءِ پيدا ٿيل ليکڪ فطرت نگاريءَ جي اگري نموني ۾ پيروي ڪري رهيا آهن. سنڌي ساهت ۾ ڪنهن ليکڪ شعوري طرح هن جي ڌارا جو پرچار نه ڪيو آهي. البت انِ جون جهلڪون ۽ عناصر ڪن لکيتن ۾ ضرور ڏسڻ ۾ اچن ٿا جئن ته مرحوم مرزا قليچ بيگ جو ناول "زينت" ۽ سرڳواسي لعلچند امرڏني مل ڄڳتياڻيءَ جو ناول "چوٿ جو چنڊ" ۽ ناٽڪ "سيٺ ڪين ويٺ" ۽ "عملدار رعيت آزار"، ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جون ڪهاڻيون "موهني ٻائي" ۽ "آنند سندريڪا"، سرڳواسي جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ جو "چمڙا پوش جون آکاڻيون" ۽ شري هريداس ڀيرو مل آڏواڻيءَ جو ڪتاب "اندر جا آدما". هنن ليکڪن حقيقت کي هوبهو ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ساڳي وقت سماجڪ زندگيءَ ۽ اخلاقي

قدرن کي نه وساريو آهي، اُلٽو انهن جو ايترو ته ويچار رکيو اٿن جو ڪن رچنائن جي بنيادي آدرشوادي ٿي پيئي آهي.

نوجوان ليکڪن جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ پڻ فوٽوگرافڪ حقيقت نگاريءَ جون جهلڪون ملن ٿيون. مثلاً: عبدالستار جي "رحيما"، آنند جي "سگ"، رام امرلعل جي "انساني مرغي"، ڪيرت جي "ٽرس ايندو محبت جو زمانو"، سڳن جي "هي آگ جلن تا پروانا"، ڪلپنا جو ناول "آوارا" وغيره، جن ۾ ڪٿي ڪٿي جنس ۽ اگهاڙو ذڪر ملي ٿو.

تنقيدي حقيقت نگاري

شرت چندر فوٽو گرافڪ حقيقت نگاريءَ جي باري لکيو، "ڪلا انسان جي رچنا آهي، اها پرڪرتي ناهي. سنسار ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ۽ تمام گنديون ڳالهيون ٿين ٿيون اهو ساهتڪ سامگريءَ لاءِ ناهي. پرڪرتيءَ يا سماج جو هوبهو نقل ڪري فوٽوگرافي ٿي سگهي ٿي، ليڪن ڇا ان کي چتر چئبو؟ روزانين اخبارن ۾ ڪيترين آنند ڏيندڙ، ڀيانڪ گهٽنائون ڇپجن ٿيون، ڇا اهي ساهت آهن؟... اهي سڀ ٿي سگهنديون پر نه سچو ساهت."

يورپ جو مشهور ناول نويس بالزڪ، شرت چندر کان ١٠٠ سال کن اڳ ۾ هن وانگر سوچيندي تنقيدي حقيقت نگاريءَ جو باني ٿيو. يورپ جي ٻين مشهور

ليکڪن جهڙوڪ ٽالسٽاءِ، گوگول، دوستوسڪي، ڊڪنس، برونٽي، اسٽينڊ هال وغيره هن ڌارا جي ذريعي يورپي ساهت ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. هنن ليکڪن حقيقت کي جئن جو تئن ڪري پيش ڪرڻ بدران سماجي زندگيءَ جو حقيقي ۽ اونهو چٽ چٽيو. سماج ۾ جيڪي خرابيون ڏٺائون تنهن جي ايمانداريءَ سان تنقيد ڪيائون، ان ۾ ڪا به لڪي ڇپي نه ڪيائون. سماج جي تضادن کي کولي ڏيکاريائون. پر هنن وٽ زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪو به وگيانڪ حل ڪونه هو. انڪري هنن جي ناولن جا نائڪ يا نائڪائون ٻيڙيءَ ۾ يا آپگهات ڪن ٿا يا چريا ٿي پون ٿا يا وري جهڙي حالتن سان سمجهوتو ڪن ٿا. اهو سڀ ان ڪري ٿيو جو هو ايندڙ ۽ وڌندڙ حقيقت جي صورت کي ڏسي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته تاريخ هنن جي نگاهه محدود ڪري ڇڏي هئي. انڪري ان حقيقت نگاريءَ اسان کي اهو نه ٻڌايو ته سماج ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي، پر ان جو ڀاوي (ايندڙ) روپ ڪهڙو ٿيندو، ان بابت ڪجهه نه ٻڌايو. ان اسان جي اڳيان سوال کڙا ڪيا، ليڪن انهن جا وگيانڪ جواب نه ڏنا.

اسانجي بزرگ ليکڪن جي رچنائن مان خاص ڪري جديد ڪهاڻيءَ جي باني مرزا نادر بيگ، جن جون ڪهاڻيون پڙهڻ سان تنقيدي حقيقت نگاريءَ جي چٽي جاڻ ملي ٿي. مثلا ”موهني“، ”ماءُ جو ڏهر“، ”موهني

جي آهه"، وغيره، جيڪي ١٩٣٠-١٩٣٣ع ۾ ڇپيل آهن. هنجي ڪن ڪهاڻين ۾ تخليقي حقيقت نگاري پڻ نظر اچي ٿي. مثلا "انقلاب" ڪهاڻيءَ ۾ نائڪا زهره پنهنجي پسندي خلاف شادي ڪيل مڙس کي ڇڏي وڃي ٿي، جو هو ڪيس جيون ساٿي بدران ڪيڏ وٽو سمجهي ٿو. ٻي ڪهاڻي "اڇوت" ۾ هڪ برهمڻ جوان ۽ اڇوت جوانڙيءَ جي محبت ۽ ميلاپ ڏيکاريل آهي.

نادر بيگ ڪانسواءِ ٻين بزرگ ليکڪن، جن ڪهاڻيءَ ۾ تنقيدي حقيقت نگاري کي پيش ڪيو آهي، سي آهن- پريداس پيرومل، امرلعل هنگوراڻي، شيوڪ موٽواڻي، آسانند مامتوراءِ، عثمان علي انصاري ۽ لطف الله بدوي. امرلعل جي ڪن ڪهاڻين ۾ تخليقي حقيقت نگاريءَ جي جهلڪ پڻ ملي ٿي، جنهن سندس شاهڪار ڪهاڻي "آدو عبدالرحمان" مان ظاهر آهي.

شيوڪ موٽواڻيءَ جي ناول "آشيرواد" (١٩٣٦) پهريون ڪامياب اصلوڪو ناول آهي جنهن ۾ تنقيدي حقيقت نگاريءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ناول ۾ قومي ۽ سماجڪ جيون جو چٽر چٽيل آهي ۽ وڌوا وواهه جي زوردار حمايت ڪيل آهي. پروفيسر رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي ناولن "لطيفا" ۽ "وڌوا" ۾ پڻ هن ڌارا جون جهلڪون ملن ٿيون.

سنڌي ناٽڪ ۾ تنقيدي حقيقت نگاري کي پيش

ڪرڻ جو شرف ڪي - سي - د رباڻي، پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ ۽ جيٺانند ناگراڻي ڪــي آهي، جن ئي پهرين ان ڏارا وارا چڱا ناٽــڪ لکيا. هنن جي ناٽڪن ۾ تخليقي حقيقت‌نگاري پڻ موجود آهي.

سنڌ ۾ ورهاڱي کان ٿورو پوءِ ١٠ ڪن سالن ڪهاڻين ۾ فطرت نگاري ۽ تنقيدي حقيقت نگاريءَ جو هڪ دور شروع ٿيو هو. انهن ۾ سماج جي ڏاڍاين ۽ ٻڇڙاين کــي بي نقاب ڪيو ويو هو، جنجا ليکڪ هئا:- جمال ابڙو، غلام رباني، رشيد ڀٽي، بيگم چنا، حيدر بخش جتوئي، اياز قادري، جمال رنــد، ع - ق - شيخ، شيخ حفيظ، حميد سنڌي، سراج، ابــن حيات پنهور، نجم عباسي، ثميره زرين، آغــا سليم، امر جليل، محمد دائود بلوچ، بشير مورياڻي، نسيم کرل، قمر شهباز، طارق اشرف، رشيده حجاب، ماهتاب عباسي، اقبال پروين، ناصــر موراڻي وغيره. هنن جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي تخليقي حقيقت نگاريءَ جــي جهلڪ پــڻ پيش ڪيل هئي. هاڻي گذريل ٥، ٦ سالن کان ته سنڌ ۾ تخليقي حقيقت نگاريءَ وارين ڪهاڻين جو خاص دور شروع آهي، جيڪي مٿين ڪهاڻي نويسن کانسواءِ ٻين هنن پڻ لکيون آهن:- عبدالقادر جوڻيجو - رسول بخش پليجو - منير احمد - ارباب سنڌي - عبدالحق عالماڻي - علي بابا - مدد علي - هدايت بلوچ - شميم عـــزيز - شوڪت حسين - اســد بر قاضي -

منظور قريشي، گلزار احمد، بيدل مسرور، ممتاز مهر، نسيم ٿيبو وغيره.

تخليقي حقيقت نگاري

سماجڪ زندگي ڪا سڌي سنئين ۽ بيٺل چيز ناهي. اها بدلبي رهي ٿي. انڪري حقيقت پڻ بدلبي رهي ٿي. انڪانسواءِ سماج کي هڪ طبقو هڪ نظر سان ڏسندو ته ٻيو ٻيءَ نظر سان. انڪري ليکڪ کي صرف حقيقتن کي تنقيدي نگاهه سان پيش نه ڪرڻو آهي، پر انهن جي جدا جدا تصويرن ۽ تضادن جي تهه ۾ وڃي، انهن سان جنسي جنگ جوٽي صحيح تصوير چونڊي پيش ڪرڻي آهي، جو ته بقول گورڪي: ”ليکڪ نه صرف قبر کوٽڻ جو ڪم ڪري ٿو، بلڪ هڪ دائيءَ جو به ڪم ڪري ٿو.“ اهڙي ليکڪ کي تخليقي حقيقت نگار چئجي ٿو. هو نه فقط حقيقت جو چٽر چٽي ٿو، پر انکي بدلائڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪري ٿو، نه رڳو زندگيءَ جي تنقيد ڪري ٿو، پر ان کي بهتر بنائڻ لاءِ پيغام پڻ ڏئي ٿو، ڇو جو هو عڪاس نه آهي پر نقاش آهي.

سنڌي ساهت ۾ هن ڌارا کي گهڻي ۾ گهڻي اوج نوجوان ترقي پسند اديبن ڏني آهي، جيڪي ١٩۴٢ واري هلچل جي دور ۾ ساهتڪ ميدان ۾ لٿي پيا. هنن ۾ موجوده سماج خلاف بغاوت ڪرڻ جو جوش ۽ جذبو آهي. جنهن سان ڪو به سمجهوتو نه ڪري، هو هڪ

اهڙيءَ نئين سماج جي اڏاڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جا انساني لوٽ ڪسوٽ کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيندي. ان ڪري هنن پنهنجن لکڻين ۾ نه فقط رڳو سماجڪ زندگي پر راڄنيتي ۽ آرٿڪ زندگيءَ جو پڻ ڀر چٽاءُ ڪ چٽر چٽيو آهي ۽ ڪيترن وقتن تي مسئلن جو حل پيش ڪيو آهي. ورهاڱي کان اڳ ۾ ٻن ڇهن سالن جي لنڊي عرصي ۾ ئي، هنن اهڙيون پنجاه کن ڪهاڻيون لکي ورتيون، جن مان ڪجهه آهن - نارائڻ ڏيوناڻيءَ جي "ڏاڙيل" جيوت نرياڻيءَ جون "مهين واري دادي"، "بي نڪو" ۽ "پريم ۽ پيٽ"، آنند جون "سومان"، "مٽي مائٽي" ۽ "ڦڙڪ" اياز جون "پاڙيسري" ۽ "ڪلڪي" ڪيرت جي "جليبين جو چور" لڇمڻ راجپال جي "نئون زمانو"، مالهيءَ جي "غم جي ڪهاڻي"، گوبند پنجابيءَ جي "نيلو" ڪرشن کٽواڻيءَ جي "ڪتي جو موت"، ليکو ٽلسياڻيءَ جي "منجري ڪولهڻ"، آسر جي "ترقيءَ جي راهه تي" وغيره.

ورهاڱي بعد مٿين ڪهاڻي نويسن (هڪ ٻن کي ڇڏي) کانسواءِ ڀارت جي ٻين جن سنڌي ڪهاڻي نويسن تخليقي حقيقت نگاريءَ وارين ڪهاڻيون لکيون آهن، سي آهن: ليرت ٻسنت، سگن آهوجا، سندري اتمچنداڻي، موهن ڪلپنا، چيناند ٽساب، گووردن ڀارتي، گنو سامتاڻي، ڪرشن راهي، پوپٽي هيرانندڻي، تارا ميرچنداڻي، ڪلا پرڪاش، موهن گيهاڻي، هيم ناگواڻي، سندر اگناڻي، ٿنن ٻرسواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، ڪيرت مهرچنداڻي، نارائڻ ڀارتي، ڄمونس لونگ، ڀڳوان ٽلواڻي، لکمي ڪلاڻي وغيره.

گلي سدارنگاڻيءَ جو ١٩٤١ ۾ لکيل ناول "الحاد" اسانجو پهريون تخليقي حقيقت نگاريءَ وارو ناول آهي. اُن ۾ هندو مسلم ايڪتا، انتر ڄاتي شادي، استريءَ جي آزادي ۽ برابري ۽ ساميواد جي حمايت ڪندي، حقيقت جي تخليقي صورت پيش ڪيل آهي.

ورهاڱي کانپوءِ به تخليقي حقيقت نگاريءَ واري سنڌي ناول به ڪافي ترقي ڪئي آهي. اهڙا ناول ٢٥-٣٠ ٿيندا، جنجا ليکڪ آهن: گوبند مالهي، سندري اُتمچنداڻي، موهن ڪلپنا، ڪلا پرڪاش، پوپٽي هيرانداڻي، ارجن سڪايل، موتي پرڪاش، چندو لعل جئسنگهاڻي، سندر حشمترا ۽ وغيره. هنن ليکڪن مان ڪن ان ڌارا جو ڀرپور چٽر نه ڪن رڳو جهلڪ پيش ڪئي آهي. سنڌ ۾ اهڙو ناول آهي عثمان ڏيپلائيءَ جو "سانگهڙ"، جيڪو هرن جي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ آهي.

ڪلپنا جي رپورتاژ "اڃا رات باقي آهي" ۾ به تخليقي حقيقت نگاريءَ جون جهلڪون ملن ٿيون.

ساڳيءَ طرح پروفيسر ملڪاڻي، مالهي، بسنت، ڪيرت، سندريءَ، گوورڌن ڀارتي، هريڪانت، جيون گرسهاڻي، موتي پرڪاش، ڪلپنا، ڏيپلاڻي، سراج، آغا سليم، مراد مرزا، شمير چنا جي ناٽڪن ۾ به اسانکي تخليقي حقيقت نگاريءَ جي صورت نظر اچي ٿي.

سماجوادي حقيقت نگاري

زندگي هڪ پيچيدي حقيقت آهي ۽ سماج سدائين آسان مان پيچيدي ٿئي ويئي آهي. انڪري اڄ ڪامياب ليکڪ لاءِ انساني وڪاس ۽ سماج جي تبديليءَ کي سمجهڻ ضروري آهي، جنهنلاءِ جيڪا تيز نگاهه کپي، سا مارڪسواد ئي ڏيئي سگهي ٿي. مارڪسواد جهڙي وگيانڪ فيلسوفيءَ ۾ وشواس ڪندڙ ليکڪ حقيقت کي سماجي ۽ تاريخي پس منظر ۾ ڏسي ٿو ۽ سوچي سمجهي حقيقت جي اڳتي وڌندڙ روپ کي پيش ڪري ٿو. اهو ليکڪ سماجوادي حقيقت نگار سڏجي ٿو. هيءَ ڌارا ليکڪ کان تقاضا ڪري ٿي ته هو زندگيءَ ۽ انجي انقلابي وڪاس جو سچو ۽ اتهاسڪ طور صحيح چتر چٽي. ليکڪ اهو تڏهن ڪري سگهندو، جڏهن هو اڄ ۽ سڀان جي حقيقت کي صحيح نموني ڏسندو ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هلندڙ ڪشمڪش سمجهي سگهندو. اها نواڻ ۽ جهوناڻ جي جدوجهد ئي سماجوادي حقيقت نگاريءَ جو مکيه جزو آهي. ان ڌارا جو جنم داتا هو مئڪسم گورڪي.

هن حقيقت نگاريءَ جي عمر تمام ننڍي آهي، انڪري ڀارتي ساهت ۾ ان ڌارا واريون رچنائون تمام ٿوريون آهن. ليڪن مستقبل ان ڌارا جو ئي آهي. انجو اهو مطلب نه ڪونهي ته هاڻي تنقيدي ۽ تخليقي حقيقت نگاري جي اهميت ڪانهي.

گوبند پنجابيءَ جون ”هوءَ موٽي آئي“ ۽ ”اُٺ سڄ اکيون“ آنند جون ”کوڏڙو“ ۽ ”چرپر“ جيٺانند لاب جون ”نوان پورهيت“ ۽ ”الوکو ميلاپ“ سڳڻ آهوجا جون ”مان سوچيندو آهيان“ ۽ ”مائي باپ“ ڪيرت جون ”پاڪستان کي الوداع“ ۽ ”لڇي“ اُلم جون ”پيريءَ جو توشو“ ۽ ”قافلو وڌندو رهيو“ ڪرشن کٽواڻيءَ جون ”گيتا“ ۽ ”آشا“ سندريءَ جون ”ممتا“ ۽ ”تفاوت“ ڪهاڻيون هن ڌارا واريون ڪهاڻيون آهن. هنن ليکڪن جي ڪن ٻين ڪهاڻين ۾ به اُنجي جهلڪ نظر اچيٿي.

مالهيءَ جي ناول ”زندگيءَ جي راهه تي“ سندريءَ جي ناول ”ڪرندڙ ديوارون“ ۾ سماجوادي حقيقت نگاري پيش ڪيل آهي ۽ هنن جي ناولن شرم ٻوٽي ۽ پريت پراڻي ريت نرالي ۽ سراج جي تازي شايع ٿيل اتهاسڪ ناول ”پڙاڏو سو سڏ“ ۾ پڻ هن ڌارا جون جهلڪون ڏسل آهن. هنن ٻنهي ليکڪن ۽ ڪيرت جي ڪن ناٽڪن ۽ اياز جي سنگيت ناٽڪن ۾ پڻ اها ڌارا پيش ڪيل آهي.

شعر ۾ حقيقت نگاري

حقيقت نگاريءَ جي ڌارا نه رڳو سنڌي نثر جي جدا جدا شاخن تي اثر ڪيو آهي، پر خود سنڌي ڪويتا تي پڻ ڀرپور پرڀاءُ وڌو آهي.

بيوس کي ئي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ حقيقت نگاري کي پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي. هن جي ڪوتائن ۾ فطرت نگاري، تقليدي ۽ تخليقي حقيقت نگاريءَ جي جهلڪ صاف ملي ٿي.

بيوس ته حقيقت نگاريءَ جو قائل هوئي، پر جيڪي شاعر رومانيت پسند آهن، تن تي به هن ڌارا جو اثر ٿيل آهي. مثلا رومانيت پسند شاعر پروفيسر ليکراج عزيز به حقيقت نگاريءَ وارا شعر چيا آهن، جيڪي هن جي مجموعن- "پيغام عزيز" "گلزار عزيز" ۽ "صراحيءَ" ۾ ڏنل آهن. حيدر بخش جتوئي- پرسرام ضيا- هري دلگير- ڊاڪٽر سدارنگاڻي- نارائڻ شيام- شيخ اياز- پريو وفا- عبدالڪريم گدائي- سڳن آهوجا- ارجن شاد- گوورڌن ڀارتي- مولي پرڪاش- ڪرشن راهي- ارجن سڪايل- نياز همايوني- تنوير عباسي- بردو سنڌي- آنچل- واسديو نرمل. لکميچند پريم- اندر پوجواڻي- ارجن حاسد- ايم ڪمل- لڇمڻ ڪومل- همدرد- هريڪانت- امداد حسيني- قمر شهباز- آثم ۽ وفا ناٿنشاهي- ذوالفقار راشدي، پريو ناشاد- پروانو- اَرشد- نديم- فتاح- رنگريز- بخاري- محسن- مسرور- عبد. نثار- مجرم- سجاولي- پياسي وغيره.

هن ليک ۾ ورهاڱي بعد جن ليکڪن ۽ رچنائن جا نالا ڏنا ويا آهن، سي فقط مثال طور ڏنا ويا آهن جو ته ٻيا به ڪي وڏا ليکڪ آهن، جنهي ڪن رچنائن ۾ حقيقت نگاري سمايل آهي. اڄ سنڌ ۽ هند ۾ نوان نوان ليکڪ ۽ شاعر به پنهنجين شروعاتي رچنائن ۾ حقيقت نگاري پيش ڪري رهيا آهن.

اڄ ئي هيٺيان ۽ ٻيا ڪتاب گهرائي پڙهو

سنڌي نثر جي تاريخ (ليکڪ پروفيسر ملڪاڻي)	۱۲-۵۰
واريءَ ڀريو پلاند (نارائڻ شيام جون ڪوتائون)	۲-۰۰
حمل جو ڪلام	۱-۰۰
گانڌي سوتر (سنڌيڪار - وشنداس ڀڳتياڻي)	۲-۵۰
شاهه، سچل، سامي (ليکڪ ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا)	۲-۰۰
هڪ پرش ٻي استريون (ڊاڪٽر سڪايل جو ناول)	۲-۰۰
ڪوهه ۽ باهه (ڊاڪٽر سڪايل جو ناول)	۲-۰۰
ليمن (سڪايل جو نهرو امن انعامي ڪتاب)	۲-۵۰
سونهري ڪرڻا (کيمچند سمن جون ڪهاڻيون)	۱-۲۵
ساهتيه سار (ليرت بسنت جو ڪتاب)	۵-۰۰
وسنت ورکا (” ” ” ”)	۳-۰۰
صراحي (عزيز جو ساهتيه اڪيڊمي انعامي ڪتاب)	۵-۰۰
اَدبي آئينو (عزيز جي مضمونن جو ڪتاب)	۳-۰۰
سامي (عزيز جو، سنت ڪويءَ بابت ڪتاب)	۲-۲۵
غريبان مار (عزيز جو لکيل وڏو ناٽڪ)	۲-۰۰
آبشار (عزيز جي شعرن جو مجموعو)	۲-۰۰
گل وخار (عزيز جو تنقيدي ڪتاب)	۲-۲۵
ٻيما (نرمل جيوتاڻيءَ جو ناول)	۱-۵۰
ٻيلا (منشي پريمچند جي پٽ امرتراءِ جو ناول)	۱-۰۰
سرو وست سرڳ (ليکڪ آلم)	۰-۷۵

نئين دنيا، اي-۴، هيراباد مينشن، سيتلاديوي روڊ، بمبئي-۱۶

ٽڪڙي ۽ صحيح سپلاءِ واسطي

فون ڪريو نمبر ٣٥٢٥٥١ تي

اچي گڏ جو

پيگوٽي ائنڊ ڪمپني

لکپڙهه ڪريو

پتو: ٣٢١، ويٺلڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-۴

موٽر پرزن جي سڀني گهرجن لاءِ

اسانجي اسپيشل لائين آهي — اسٽينڊرڊ ٢٠-
هيرلڊ - اسٽينڊرڊ ڏهه هارس پاور ۽ وئنگارڊ.
انڪانسواءِ آلمبسيڊر - فيائٽ ۽ ٻين
انگريزي لارين ۽ موٽرن وغيره لاءِ
اسان وٽ اچو.

بيوس جي شاعري

بيوس اسانجو پهريون شاعر هو جنهن جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين راهه کولي. حقيقت نگاريءَ جي راهه، جيڪا زندگيءَ جي نون حقيقتن ۽ عمل جي راهه آهي. بيوس کان اڳي، اڪثر سنڌي شعر تي رومانيت جي ڌارا جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جذبات پرستي، سجاوٽ، انفراديت ۽ رنگين تصور، رومانيت جون خاص خصوصيتون آهن. انهيءَ حقيقت ۽ عقل کي هيٺائون درجو ڏنو ويو ٿو. ٻئي طرف حقيقت نگاري، زندگيءَ جو حقيقي چٽ پيش ڪري ٿي، جنهن ۾ جذبات، سجاوٽ، انفراديت ۽ رنگين تصور کي هيٺائين جڳهه ڏني وڃي ٿي. ٿوري ۾ رومانيت ۽ حقيت نگاريءَ ۾ اهو فرق آهي ته هڪ ۾ جذبات جي حڪمراني هوندي آهي ته ٻئي ۾ حقيقت جي.

ڪشنچند تيرٿداس ”بيوس“ جو جنم ١٨٨٥ع ۾ ٿيو جنهن سال ڪانگريس وجود ۾ آئي. انوقت هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي پاڙ ڪافي پڪي ٿي چڪي هئي. ١٨٥٧ واري بغاوت جي ناڪاميابيءَ صاف ڏيکاريو ته هندستان جو جهونو جاگيرداري نظام، انگريزن جي آمد لئين سرمائيداري نظام اڳيان سٽ نه جهلي سگهندو، ٿو ته

اهو پنهنجا ڏينهن پورا ڪري چڪو هو.

انگريزن جي اچڻ سان هندستان ۾ هڪ نئون طبقو وچولو طبقو پيدا ٿيو، جيڪو انگريزي تعليم، ريتين رسمن کان خاص متاثر ٿيو ۽ جنهن هندستان جي جهوني سماج کي سڌارڻ ٿي چاهيو. اهڙي طرح ملڪ ۾ سماج سڌار هلچل شروع ٿي، جنهنجا باني هئا راجا راءِ موهن راءِ ۽ سر سيد احمد خان.

هن هلچل سان گڏ ٻي هڪ سوديشي هلچل پڻ شروع ٿي، جنهنجو وري اُديش هو، ڌاريءَ شيءِ بدران پنهنجي ديسي چيز واپرائڻ ۽ اُن لاءِ سڪ پيدا ڪرڻ. اها سوديشي هلچل، ڦري قومي هلچل بڻي، جنهن ۾ هندستاني جنتا سرگرم ڀرو ورتو ۽ انگريزن جي ظلم ۽ زور زبردستيءَ جو مقابلو ڪيو. انهن ٻنهي هلچلن جو دور جي ساهت تي وڏو اثر ٿيو.

اسانجي سنڌ پڻ ان اثر کان آجي نٿي رهي سگهي. بيوس وچولي طبقي مان آيو هو ۽ اسڪولي ماستر هو. هنجو ان وقت جي حالتن کان متاثر نه ٿيڻ عبث هو. هنجي شروعاتي شعر ۾ اسانکي ڪيترائي سڌار وادي وشيه نظر اچن ٿا، پر جئن جئن قومي هلچل زور پڪڙڻ لڳي ۽ روسي انقلاب جو اثر هندستان تي ٿيڻ لڳو تئن تئن هنجا موضوع پڻ بدلجڻ لڳا. اهي سڌار ۽ سوديشي هلچل جي وشين کان اڳتي وڌي، آزادي ۽ ايڪتا

انسانيت ۽ اُنتيءَ ۽ برابريءَ ۽ برادريءَ جو سنيهو ڏيڻ لڳا.

بيوس جڏهن زندگيءَ کي ڏٺو، تڏهن ان جو چتر چٽيو اٿس. نه صرف ايترو پر هن ٻولي به سليس ۽ سهڪ ڪم آندي آهي. انڪري هن جي ڪوتا لوڪپسند ٿي پيئي آهي. جڏهن وقت قدرت جي نظارن جو بيان ڪري ٿو، انوقت اهي نظارا اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا. نديءَ بابت چوي ٿو:-

کيتن ۾ جي خوشيءَ سان، ڪنهن ول ٻير پايان،
پندار برڪتن سان، سرسبز سي ٿيايان،
گلزار ۾ گلن جا، ڪي رنگ ٿي رچايان،
ڌرتيءَ جي فرش ٿي ٿي تهه مخملي وڇايان.
منهنجي ڦڙي ڦڙي ۾ جلوو ۽ جان آهي،
هر جيو جي رڳن ۾ منهنجو نشان آهي.

سچ پچ ان پوئين بند ۾ مونکي ايتري ته زندگي ۽ حرڪت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا بيوس جي ٿورن شعرن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهو بند جيترو ٿي سليس آهي، اوترو ٿي سچائيءَ سان نمٽار آهي.

بيوس مکڙيءَ جي بيتابيءَ جو ڪيڏن نه دلڪش نموني ۾ ذڪر ٿو ڪري:-

سرهي سڳند آهيان، ٻاهر اچڻ ٿي چاهيان،
هي ڪوٽ ڪيڏن ڊاهيان، پردي جو پٽ لاهيان؟

ڪڏهن بهار ايندو،
ڪوهو خلاص ٿيندو؟

اِنڪي جي جوانيءَ جي پيشانيءَ جو اظهار ڇٽڇي ۽ جڳاني - اِها جواني جيڪا معصوم آهي، پاڪ آهي. آسمان کي مخاطب ٿيندي پيوس، تشبيهن سان نمتار ڪوتا ۾ چوي ٿو:-

تيزي نظر نهارين، ڌرتيءَ تي پاهه پارين،
ماٺي نگهه سان تارين، تو هيٺ ڪير هارين،
تنهنجا پسه نيڻ نيارا، سج چنڊ تاتو وارا.

پيوس محبت تي ٻه چار شعر مس لکيا آهن. پر جڏهن سنجيدي ۽ صحتمند پڙنگ سان انجو ذڪر ڪري ٿو، سو داد لائق آهي. ”شڪنتلا“ جي پيار جو ورنن ڪندي پيوس، هندستاني اِستريءَ جي دل جو نقش چٽي ڇڏيو آهي. شڪنتلا چوي ٿي:-

چوي دل لکي ڏي، لڄ تي جهلي،
ڌرم ۽ شرم تو پرڪ ڪان پلي،
حيا جي حڪومت هٿن تي هلي،
ڪيا ٿي، سگهان سور دل ڪيئن سلي؟
اي آنسوءَ ۽ پريم دوا! ڇا لکان ؟
پتاپر پرهه جو لکڻ ڪيئن سکان ؟

ليڪن پيوس اِستريءَ کي مرد جو مالڪ مڃيندي ۽ هنکي مرد جو همراه تو سمجهي ۽ همدي اوايريءَ جي

تقاضا نه ڪري. بيوس پهريون جديد سنڌي شاعر آهي جنهن استريءَ جي آزاد ۽ برابر هستيءَ جي ضرورت محسوس ڪرائي آهي. چوي ٿو:-

ٻن پرن سان ٿي پکي پرواز ٿو پورو ڪري،
هڪ پرو هرگز اڏامي سگهي، جو لاچار آهه،
اڌ رنگي انسان جنهن جو اڌ زنده ۽ اڌ مئل،
ڇا ڪندو ترقي، ڀلا جو خود وجود بيمار آهي.

بيوس جو قومي شعر ڌارين جي غلاميءَ خلاف نفرت، ملڪ لاءِ محبت، ايڪتا ۽ قوميت جي جذبي سان سرشار آهي. اهو ايترو ته لوڪپسند آهي جو ڪيترن موقعن تي ڳايو ويندو آهي. ان شعر کي ڇپجي اڄ ٣٠، ٣٥ سال ٿي ويا آهن ته به اڃا دلين ۾ پيو ڳونججي ۽ ڪنهن وقت وات مان نڪريو وڃي:-

”ڀوڳ سهندو پٽيون ٿيندو، غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڏٺو جنهن کي نديءَ هوندي آهي آزاد اوراڻو.“
”اهي ماڻهو پلي مرڪن جي پاروڻن ۾ لوڏي ڏين،
نه صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نه پي خدمت،
جگر پنهنجا ڪٽي ڏيندئون، مٺو اولاد موڪليندئون،
اهائي پاس پاسيندئون ته رهندي ملڪ جي عظمت.“

پوءِ ان شعر نه سچ پچ لوليءَ جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي. ليڪن جڏهن بيوس ڏسي ٿو ته مائر ملڪ تي صدقي ڪرڻ بدران ڌرم ۽ مذهب جي ڪٽرپڻي تان

صدقي نڀڻ لاءِ اولي ٻيون ڏسين، تڏهن درد وچان پڪاري ٿو:-

ساز هنديءَ ۾ سرن جي ملاوٽ نه رهي،
ڪاڻ اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي،
هرڪو ٻر پنهنجي ۾ بيوس ٿو نيارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هندستان مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

بيوس ان نفاق کي دور ڪرڻ لاءِ، جنهنجي ضرورت محسوس ڪئي، سا هئي قوميت. هو قوميت کي مخاطب ٿي چوي ٿو:-

"جان پوي ٿيهي نظر ٿي، تنهنجي اوچي چوٽ تان،
سڀ تفاوت جا جبل ڏسجن ٿا واريءَ ڪوٽ جان؛
مختلف هستين ۾ آڻي صحبتي ميلاپ تون؛
ٿي سريلي ساز کي ميلي ڪڍين آلاپ تون."

بيوس جا ٻه شعر "قوميت" ۽ "انسان" آڪٽوبر ۽ ڊسمبر ۱۹۳۵ ۾ منشي پريم چند جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪتل هندي اخبار "هنس" ۾ ڇپيا هئا، جي شري شيوڪ ڀوڄراج ترجمو ڪيا هئا. منهنجي سمجهه ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جا اهي پهريان شعر هئا، جي هنديءَ ۾ ڇپيا هئا.

غريب مظلوم انسان لاءِ همدرديءَ جو احساس ته بيوس جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو، جو ته هن پنهنجي زندگي هستي ورهه گذاري هئي. هو هميشه دلسان جانسان پيار

تو ڪري، انهن جڏهن ڪوئي سرمايہ ڌڻين جي پرڻما کي پيار ڪيڏو آهي ۽ هروقت ايشور در ڀلائي آراڌنا ڪندو آهي تہ شل هنکي ڪو سور واءُ نہ لڳي. اهڙي ئي اُلاهه امنگ وچان چوي ٿو:-

”اَلا جهڙي ۾ شال غريبن جي جهوپڙي،
جنهن ۾ مزو مچي مٺي ٻي ويڙهي جوار لي،
سادو گذر وڃي نہ طمعن لئوار لي،
پورهيو وڃي ٿو واڻ وڏاري جيار لي،
غالب ٿئي نہ حرص خوشيءَ جي جمار لي،
بيوس جتي جلائي نہ چنتا جي چوچڙي،
اَلا جهڙي ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.“

هيءُ شعر اهڙو تہ چٽو آهي، جو جهوپڙيءَ جي زنده تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ٿي. نہ صرف هڪ جهوپڙي پر سڄو ڳوٺ اچي ٿو سامهون بيهي - اهو ڳوٺ جتي هندستان جو لکين آدم اهڙي جيون گذاري ٿو. شعر ۾ اهڙي تہ مقناطيسي ڪشش ڀريل آهي، جو ٻڌڪ بيوس سان گڏ بيوس ٿي چوندو:-

”اَلا جهڙي ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.“

هڪ انسان هٿان، ٻيو انسان ڪيئن ٿو ٻڙجي، تنهن جي چٽر چٽڻ جو شرف بہ ڀهراڻ ڀروس کي عطا ٿيو آهي. هيٺيان شعر ”ٻاءَ هاري“ ۽ ”پورهيت“ انها زنده مثال آهن. انهن ۾ هاري ۽ مزدور جي جيوت جي

حقيقي تصوير اکيان آڻي ٿو بيهاري، جنهنکي پڙهندي انساني لوٽ کسوٽ ڪندڙن خلاف نفرت هڪ طرف ٿي پيدا ٿئي ٿي ته هاريءَ ۽ مزدور لاءِ همدردي ٻئي طرف ٿي پيدا ٿئي. هاريءَ کي چوي ٿو:-

تنهنجي تصوير مڃيهان قوم جو ڪنياءُ ٿئي،
تنهنجي بد حال مڃيهان عام جو اپذءُ ٿئي.
مات تنهنجي مان غضب ناڪ ٿو غوغاءُ ٿئي،
جان جند پنهنجي جفن ۾ پگهاري ڳاري،
ته به دلاور ٿي اچا دل نه ٿو هاري، هاري!

۽ جڏهن شاعر هاريءَ کي روشن آئيندي جي اميد ٿو ٻڌائي، تڏهن اسانجي دلين ۾ پڻ خوشيءَ جي لهر اڀري ٿي. چوي ٿو:-

”آءُ ڏس جوش نظر سان ڪول هن هٿ جي تري،
جنهن سوا سنسار ۾ ڪنهنجي نه اڄ ڪائين سري،
ڪئن نه آهي بخت جي بهتر نشانن سان ڀري،
مال، ڌن، عزت لي آهي سوڀ ان جي سرسري،
اٿ، اُٿي چاڙهو نظر سان ڏر نصيبن لي نظر،
جا بجا پورب، پڇم ۾ آهه پورهيت جي لهر.“

۽ پوءِ پورهيتن کي للڪاري چوي ٿو:-

مالڪاڻي ڇڪڙي ۾ پيڙجڻ ڪيسين روا؟
پنهنجي دل جي پيڙ اندر پيڙجڻ ڪيسين روا؟

هڪ شعر ۾ محنت جي ڏسو ته ڪهڙي نه وڏائي

ٿو ڪري :-

"قيمتي هيري ڪٽيءَ کان آهه قطرو قيمتي،
خون جو، هاريل خوشيءَ سان ٻار ٻکهر جي واسطي."

هڪ طرف ٻيوس پورهيتن جي پورهئي جي وڏائي ڪري ٿو ته ٻئي طرف هو شاهوڪارن جي لوٽ ڪسوٽ جو پانڌو ڦوري ٿو. "شاهوڪار" شعر ۾ شاهوڪارن کي مفت خور، خون چوس، آزاريندڙ زار، ڏڪاري وغيره لقبن سان ياد ڪري ٿو ۽ پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو:-

جئن وڏيو ڌن مان، رلبو شان شاهوڪار جو،
لٿن وڏيو، دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

ٻيوس هن بند ۾ سڄي ڄڳ جي سچائي ظاهر ڪئي آهي. هي ٻه سٽون ئي، سرمائيداري نظام جي لعنت کي اگهاڙي ۽ بي نقاب ڪن ٿيون. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هي پهريون دفعو هو، جو ٻيوس "زار" کي پيڙيندڙ آزاريندڙ يعني لوٽ ڪسوٽ ڪندڙن جو عيوضي نشان ڪري ڪتب آندو. هن کان اڳي ٻئي ڪنهن شاعر پنهنجي شعر ۾ "زار" لفظ ئي استعمال نه ڪيو هو.

اسانکي خبر آهي ته زار، رشيا جو شهنشاه هو، جنهنجي ڪيل ظلم ۽ آزار جي، ١٩١٧ واري آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب، سدائين لاءِ پاڙ پٽي ڇڏي. اهو انقلاب، لينن جي رهبريءَ هيٺ آيل هو، جنهنجو نه فقط اسانجي سنڌ تي، پر سموري سنسار تي پرڀاءُ پيل

آهي. بيوس، جنهن سلسلي ۾ پنهنجي شعر ۾ ”آزار“ لفظ جو استعمال ڪيو آهي، اهوئي ڏيکاري ٿو ته هن آڪٽوبر انقلاب ۽ سوشلسٽ خيالن جو اثر جهليو هو. ان حقيقت جي تصديق خود بيوس جي هڪ مکيه پيروڪار پروفيسر رام پنجواڻي ان، ١٧ سيپٽمبر ١٩٦٧ واريءَ ”هندواسي“ ۾ ڇپيل پنهنجي ليک ۾ ڪئي آهي ته ”بيوس سوشلزم جو سهائڪ هو ۽ ڪميونزم جو ڪانکي هو.“ ۽ اهو هڪ مکيه سبب هو جو بيوس نه، فقط شاهوڪارشاهيءَ واري سرشتي جي اوگهڙ ڪئي آهي، پر مٿي ذڪر ڪيل ان سٽن جي شعر ۾ سرمائيداريءَ جي آزار جو سبب ۽ انجي خصوصيت پڻ ٻڌائي آهي، جا آهي شاهوڪار جو وڌيڪ شاهوڪار ٿيڻ. ۽ جڏن شاهوڪار وڌيڪ شاهوڪار ٿيندا، تڏن غريب وڌيڪ غريب ٿيندا ۽ آزربا، جيڪا حقيقت اڄ به اکين ڏسون ويٺا.

بيوس اڃا به اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه هن سرمائيداري سماج ۾ هرڪا چيز ”ناڻي“ تي ٿي وڪامي، حڪومت پڻ هڪ ”واپاري راڄ“ آهي ۽ ”عوام کي عوام جي هستي تي به اختيار ناهي.“ جڏن هيٺينءَ ڪوتا ۾ چوي ٿو:-

نياءُ پڻ ناڻي وڪامي ٿو واپاري راڄ ۾،
ڪوڙن ڪلدار لئه، لاچار ڪي آچار ناهه.
لٽ رهي سو بدحالو، لڙڪ لوهوءَ سان پيل،
عام جي هستي مٿان، جنس عام کي اختيار ناهه.

ليڪن بيوس کي يقين آهي تہ هي "واپاري" نظام گهڻو وقت نہ هلندو، ضرور بدلجندو، ڇو تہ هن دنيا ۾ هر ڪا جهوني چيز بدلجندي رهي ٿي ۽ نئين چيز انجي جڳهہ وٺندي رهي ٿي ۽ جيڪو شخص پنهنجو عقل هلائي، اِن نواڻ واريءَ چيز جو ساٿ نٿو ڏئي، سو پاڻ لاءِ مصيبت ٿو خريد ڪري، جنهن هڪ شعر "نوائي" (نواڻ) ۾ چيو اٿس:-

عيب شايد ٿئي سيان، اڄ ٿي نزاڪت جنهنکي،
سا ڪٿي چيز، نہ تبديل جي عادت جنهنکي،
ٿي هنرمند نوائيءَ جي نہ قيري سان ٿري،
پنهنجي تقدير چڙهي چوٽ ٿي، بيوس ٿي ڪري."

اسانجي هن لوڪ-پياري ڪويءَ برابر پاڻکي، نوائيءَ جي قيري سان قيرايو ۽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نئين زماني جي جهلڪ پسائي ۽ پهرئين ترقي پسند شاعر هجڻ جو شرف حاصل ڪيائين. هڪ طرف، بيوس جديد سنڌي شاعريءَ ۾، ترقي پسنديءَ جي شروعات ڪرڻ جي دان ڏني، تہ ٻئي طرف قدامت پرستيءَ کان بہ هو پنهنجا پلاند آجا ڪرائي نہ سگهيو، جنهن خاص ڪري هنجي "سامونڊي سيون" وارن شعرن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن ڪوتائن ۾، بيوس ويدانت وارا جهونا آتمڪ رهسيہ ۽ روحاني راز پيش ڪيا آهن، جيڪي جديد وگيانڪ ۽ نئين زماني جي حقيقتن سان

اڻ ٺهڪندڙ آهن. اهو بيوس جي شاعريءَ جو هڪ تضاد آهي.

ويدانت جي ويچارن مطابق هي سنسار مايا آهي، سپنو آهي، ايشور جو کيل آهي ۽ ايشور، انسان ۽ جڳت جي وچ ۾ ڪوبه تفاوت ڪونهي. رڳو انسان جي اکين تي اگيان (بي علمي) ۽ اهنڪار (غرور) جو پردو چڙهيل آهي جو هو پاڻ کي، اُپائڻهار کان الڳ ڀيو سمجهي. انهن خيالن وارا بيوس جا ڪي شعر هيٺ ڏجن ٿا:-

١- سپني جي سنسار مٿي ڇو موهيو من مستانو آهه،
دنيا جنهن کي چئجي ٿي، سو ڀاڻ مسافرخانو آهه.
٢- ڪايا پلٽ جڳت جي آهي، دؤر دنيا هن فانيءَ جا،
ڪوڙا کيپ تو ڪٺي چاڙهيا، مورک من مستانيءَ جا.
٣- تي محل-مايا اندر محلات جي راڻي رهي،
ماهتابي منهن مثل تي آهه وارن جو نقاب.
٤- جي ڀسان خاڪيءَ ۾ باقي ۽ فنا اندر بقا،
حڪمت کان سنسار ٻند ۾ سرس سرهائي اچي.

هنن شعرن مان نظر اچي ٿو ته بيوس جو نظريو ڪجهه رهسيوادي يعني مسٽزم وارو هو. بيوس جي ڪجهه شعرن تي رهسيواد کان سواءِ، آدرشواد جو پڻ رنگ چڙهيل لڳي ٿو. آدرشواد، اڪثر ڪري ڪڙن حقيقتن کان ڀڄڪي، اهڙن سهڻين چيزن جو چٽ پيش ڪندي

اهي، جي گهڻو ڪري حقيقي يا ممڪن نہ هونديون آهن ۽ اهي، موجود حالتن کي ڦيرائڻ جي بدلي ۾ ماڻهن جي دلين ۾ ڦيرو آڻڻ تي زور ڏيندي آهي يا انهن سان سمجهوتو ڪرڻ جي قائل ٿيندي آهي. ان نقطہ نگاهہ جي جهلڪ بيوس جي "جهوپڙي" "مزورڻ" "شاهوڪار" وغيره شعرن ۾ صاف نظر اچي ٿي.

ٿوري ۾ ائين چئجي تہ بيوس جي ڪوتا ۾ جتي يٿارٿ واد (حقيقت نگاري) ۽ پرگتي واد (ترقي پسندي) جا جزا سمايل آهن، اتي رهسيہ واد ۽ آدرش واد جا بہ عناصر موجود آهن.

بيوس جي شعر ۾ فن ۽ ٻولي جون چُڪون آهن. جيڪي هن ليک ۾ ڏنل ڪن شعرن مان بہ نظر اينديون. عزيز انهن ڏانهن ڌيان ڇڪائي اسانکي سجاڳ ڪيو آهي. پر جنهن نموني ۾ هن صاحب اهو ڪم ڪيو آهي، سو نہ فقط صحتمند ڪونهي، پر ان مان نقصان رسڻ جو انديشو آهي. هنجي تنقيد گهڻو تڻو ڪوتا جي روپ (Form) تي آهي. هو بناوت (content) جي اهميت، ليکڪ جي وچارن ۽ ماحول کي ڄڻ وساري ويٺو آهي. تنقيد لاءِ صرف سخن فهمي ئي ڪافي ناهي، پر انسان سماج جي وڪاس ۽ الهام جي ڄاڻ پڻ تمام ضروري آهي.

مان عزيز جي بيوس تي ڪيل تنقيد سان شامل راءِ

ناهيان نه پارسيءَ وارا اُچار جن جو لکڻ سنڌيءَ ۾ ڪم آڻجن. ڪڏهن به ٻوليءَ مان لفظ ڪڍڻ سان گڏ هروڀرو ر ضروري ناهي ته انجا اُچار جن جو لکڻ قائم رکجن. انهن لفظن کي پنهنجا اُچار ڏيڻ سان ئي ته انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ چڱيءَ طرح سمائي سگهبو. باقي عزيز جي اها گهر واجبي آهي ته هڪ شعر ۾ هڪ لفظ جو ساڳيو ئي اُچار ڪم آڻڻ کپي.

عزيز، تنقيد ڪندي، بيوس جي ڪن لفظن ۽ سٽن جي معنيٰ صحيح نه ڪئي آهي. مثلاً:- چٽڻ جي معنيٰ، واڇار ڪرڻ، هن کي صحيح نٿي لڳي. ”جهوپڙي“ ۽ ”ستار قدرت“ جي چڱن شعرن جي سٽن جي معنيٰ ڇڪي تاڻي غلط ڪئي اٿس. هڪڙي هنڌ ته عزيز عجيب دليل اهو ٿو ڏئي ته جهوپڙيءَ ۾ مايا جو ذڪر نٿو لڳي، ته اها سياويڪ ڳالهه آهي، پر انجي بيان ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب. انجي معنيٰ ته ڪابه سياويڪ ڳالهه شعر ۾ بيان نه ڪجي. پر ته خود عزيز جو ڪافي شعر سياويڪ ڳالهين سان ڀرمار آهي، سو به رد ڪرڻو پوندو.

ڪيترن به فن ۽ ٻوليءَ جي ڪن خامين جي باوجود، بيوس جي شاعري، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم ۽ نئون نرالو اضافو آهي.

سنڌيت جي هلچل

ليکڪ: اُتم

برنارڊ شا چوي ٿو، "آزاد قوم سدائين قوميت جي ذڪر کان آجي رهندي آهي، جيئن تندرست انسان هڏن ۽ پنهنجي جسم جي چنتا ۾ نه هوندو آهي. پر هڪ واريءَ کانئس اهو پدارت کسيو ته، ته تيسين کيس کي ڪين اُجهندو، جيسين وري اُن کي هٿ نه ڪيو اٿس. جيسين سندس طلب پوري نه ٿي آهي، تيسين ڪنهن اپديشڪ، سڌارڪ يا فيلسوف کي هوءَ ٻڌڻ واري ناهي. هوءَ سواءِ ايڪتا ۽ قوميت جي ٻي ڪنهن ۽ اهم ڪاروبار ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيندي."

برنارڊ شا جي مٿين حوالي ۾ هڪ اهو سچ سمايل آهي، جنهن جو تجربو اسين سنڌي اڳيئن ڏسي رهيا آهيون. جيستائين اسين سنڌي پنهنجي جنم ڀُومِيءَ کان جدا نه ٿيا هئاسين، تيستائين اسان کي سنڌيت (سنڌي قوميت) جي ياد ئي نه هئي. ليڪن هاڻي اهو جذبو ايترو ته سرشار ٿي ويو آهي، جو ڪيترن ئي واعظن ۽ اپديشڪن جي "جذب ٿي وڃو" جي صلاحن کي ٺُڪرائي ڪري، اهائي تند پئي تنواري اٿئون ته اسان کي ٻين جاتين سنگ سمجهي ورتاءُ ڪيو وڃي،

حق ڏنو وڃي، انهن جهڙوئي نگرواسي سمجهي سهوليتون ۽ سهنج ڏنا وڃن.

ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ به، جڏهن اسانجي سنڌي ڀائرن جي آزاد هستي ختم ڪئي ويئي يعني جڏن ئي پاڪستان ۾ جدا جدا پرانتن کي گڏي ون يونٽ حڪومت جو سرشتو زوريءَ مڙهيو ويو ۽ سنڌ جي نقشي ۽ نالي کي ڪم آڻڻ به عظيم گناهه ليکيو ويو، تڏهن سنڌين جي قوميت جو جذبو (يعني سنڌيت)، هڪ ٻرندڙ جبل وانگر ڦاٽي نڪتو آهي. اڄ هو 'غدار' ۽ 'ڪافر' هجڻ جي لقبن جي پرواهه نه ڪري پاڻکي موهن جي دڙي جي سڀيتا جا وارث سڏائڻ ۽ راجا ڏاهر ۽ هيمون ڪالاڻي کي پنهنجو قومي هيرو ڪري سمجهڻ ۾ فخر ٿا وٺن ۽ "سلام عليڪم" جي بدلي "جيئي سنڌ" جي نعري سان هڪٻئي کي ڪيڪارين ٿا. نه رڳو ايترو پر پنهنجي آزاد هستي قائم ڪرڻ لاءِ هنن جي- ايم- سيد، حيدربخش جتوئي ۽ شيخ اياز جي رهبريءَ ۾ زبردست هلچل هلائي آهي، جنهنلاءِ هنن انيڪ جيلون سٺيون آهن، جنهن ۾ مردن سان گڏ سنڌي زالون پڻ ڪلهو ڪلهي ۾ لائي بيٺيون آهن. مثلاً مس صهرا ماروئي، رياض ميمڻ ۽ اڪرم سلطانه ون يونٽ خلاف بکم هڙتال ڪئي.

هند ۽ سنڌ ۾ جيڪا سنڌيت جي هلچل هلي رهي

آهي، ان سلسلي ۾ سنڌيت بابت سمجهاڻيءَ جا ٻه اکر چوڻ بي جاءِ نه ٿيندا. سنڌيت آهي سنڌ پڻو يعني سنڌي قوميت، جيڪا سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلچر وغيره مان اڪي ٿي. ڪلچر ۾ ادب آداب، پوشاڪ پهراءُ، سڀاءُ ۽ ڪلا سڀ اچي ٿا وڃن. يعني سنڌي جاتيءَ ۾ ٻين جاتين وانگر ڪيترين نراليون خصوصيتون آهن، جيڪي هندستان جي مرڪب (composite) ڪلچر کي اوچ ڏين ٿيون.

اسانجي ليکڪن وقت بوقت خصوصيتن ڏانهن ڌيان پئي ڇڪايو آهي. اسانجي مشهور اديب ديوان ڏيارام **گدومل** ۱۹۳۲ ۾ لکيو، "سچي سنڌي سنسڪرتي آهي راڳ، ۽ سنگيت ۽ سچو سنڌي ساهت آهي صوفي مت جي تاريخ. راڳ ۽ سنگيت جي شوق ۽ هندو مسلم ميل ميلاپ مان اسان ۾ جيڪا پانهپ ۽ لوڪشاهيءَ جي ڀاونا پيدا ٿي آهي، سا هندستان جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي ۾ ورلي نظر ايندي... سنڌين جي، سڀ مان گڏ ڪٺڻ واري سڀاءَ ۽ مهمان نوازيءَ مان انهن نه سمجهڻ گهرجي ته ڪو کين ڌرم لاءِ چاهه ڪونهي يا هو ٻاٽڪي "لڄ" ٿا سمجهن... سماجڪ طرح سنڌ هندستان جي سڀ ويل حصن ۾ اڳيان آهي... هدن وٽ ڪاڏي رڌڻ ۽ کائڻ جون ڪي نه پابنديون ڪونهن، پوشاڪ جي لحاظ کان هو سرو ديسي (Cosmopolitan) آهن.

جنس ٻاهر جو پيدا جهڙو ٻين هنڌ آهي اهو هتي عدم موجود نه هجو ... ٻيهڪ ۾ نه سنڌي ايران تي ٻڌرو آهي."

سنڌي واقعي پرڏيهائي پسندرا آهن. سال ۱۹۵۸ ۾ جڏهن بمبئيءَ ۾ سنڌي اديب مسٽر **عبدالله چنا** ۽ بيگم چنا گهمڻ آيا، تڏهن چيائون ته هتي اسين سنڌيءَ کي پري کان ئي سڃاڻي ٿي وياسين. ڀلا ڇو نه سڃاڻندا؟ هُو مڪاني ماڻهن کان نرالو جو آهي.

سنڌي سڀيتا جي خصوصيتن کانسواءِ، سنڌي ڪلا، ساهت ۽ ٻوليءَ کي پڻ ڪي پنهنجون خصوصيتون آهن، جي ان سنڌيت جو انگ آهن. سنڌي ٻولي پراچين ٻولي آهي ۽ سنسڪرت جي ڀيڻ آهي. اها ٻين ٻولين کي مدد ڪرڻ جي سمرٿي رکي ٿي. اڄڪلهه ته اهي کوجنائون ٿي رهيون آهن ته سنڌي سنسڪرت کان به آڳاٽي ٻولي آهي. سنڌي بيت، ڪافي، لاڏو ۽ سنڌي سر-ڪوهياري، حسيني، مارُو، ڀيروي ۽ سنڌي ناچ - ڀهراڻو، جهمر، ڀڳت، اهڙيءَ طرح سنڌي ساز - نڙ، بورينڊو، يڪتارو وغيره آهن، جي سڀ ٻين کان علحدا، هڪ خاص نموني جا آهن. اسانجي جنڊيءَ ۽ ڪاشيءَ جي سرن جو هنر پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

اسان وٽ لوڪ ساهت جو اڻ اکٽ ڀنڊار آهي. سنڌ ۾ ئي لوڪ ساهت جي اٽڪل چاليهن ڪتابن ڇپائڻ جي

رت آهي. انهن مان ڏهہ کن ڪتاب ڇپجي بہ چڪا آهن. هتي هندستان ۾ بہ سنڌي لوڪ ساهت لاءِ ڪوشش ٿئي پيئي. لوڪ گيتن جا بہ ڪيترائي قسم آهن. مثلاً- ماروئي، هامرچو، لڪيو، ڀانيڙو، منجڪ، منجيئڙو، لينالالو، آرسي وغيره. لوليءَ جا بہ جدا جدا نالا آهن جهڙوڪ "جهانگارا" وغيره.

جڏهن ئي ڀارت جي ڀُوميءَ تي پير ڏنا هوسين تڏهن ئي اسانکي ڪيترن ڪانگريسي اڳواڻن ۽ ڪيترن فرقيپرست شخصن اهو ئي اپديش ڪيو تہ سنڌيت کي وساري هنن جائين ۾ پاڻکي جذب ڪري ڇڏيو. هنن جا مکيہ دليل اهي ئي هئا تہ سنڌ سان گڏ سنڌيت کي بہ ڇڏي آيا. اسانکي پنهنجو خاص ڪلچر ڪونهي. ۽ اسانجي مسلم ڪلچر جو اثر آهي، جو ڀارتي ڪلچر سان نٿو ٺهڪي. جيتوڻيڪ ٢٢ سالن جي آزمودي کان پوءِ اُنهن دليلن جو دم تہ نڪري ويو آهي پر چوندا آهن مرسين مرسين ٻي نہ ڇڏسين. سو هي بار بہ دليل دهرائيندا اچن. سچ تہ اسين سنڌ مان قيمتي ۾ قيمتي چيز "سنڌيت" کي ڪڍي آيا آهيون، جيڪا سنڌو، آريہ ۽ مسلم ڪلچرن جو يگانو ميلاپ آهي ۽ جا هندستاني ڪلچر سان اڻ ٺهڪندڙ ڪانهي ڇو تہ هندستاني ڪلچر اڄ سنڌو ڪلچر، دراوڙي، آريہ ۽ مسلم ڪلچرن جو ميلاپ آهي. اڄ ڏائين تہ ريڳو اسانجي ٻار هندستان ۽ پاڪستان ۾ وهندڙ

هندن ۽ مسلمانن جي رسمن ۽ رواجن، هٿ چاٽ وغيره
تي مٿين ڇٽن تي ڪلهورن جي ڇاپ ظاهر ٿيني آهي.
جڏهن هندستاني ڪلهور مان ٻين ڪلهورن جي اثر کي
جدا ڪٿا ڪرڻ چاهيون ته پوءِ اسين پنهنجي ڪلهور کي
هٿ وٺي ڇو ڪنگال ڪريون؟ نئين زماني جي اقتضا
”ٿون ٻه رهه مان ٻه رهان“ مطابق ته هر ڪنهن ڪلهور
کي اوچ ملڻ کپي، جنهن مان هندستان جو مرڪب
ڪلهور ٻه قلبو قولبو ڇو ته اسين ٻه انجو حصو آهيون.

٢٢ سالن جي سنڌيت جي هلچل اهو سڌ ڪيو آهي
ته اسان پنهنجي اباڻي ورثي کي سنڀالڻ ۽ انجي سنئن
جزن کي ترقي ڏيڻ جي سجاڳي پڻ اڀري رهي آهي.
ساڳئي وقت اهو ٻه قبولڻو پوندو ته سنڌيت خلاف پڻ
لهر جاري آهي. انهن ٻنهي جي ڪشمڪش اسان جي
جاتيءَ لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش آهي. جڏهن
ماضيءَ جا ورق ورائجن ٿا ته ڏسجي ٿو ته ڪيئن نه
جاتي مرندي لڳي وئي آهي.

اڄ اسان وٽ پنهنجي مرڪزي سنسٿا اکل ڀارت
سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا آهي، جيڪا ٻوليءَ، تعليم،
ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي هلچل ۾ مدد ۽ مطلب آڻڻ لاءِ
ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ راڄنيتي اڳوانن جي غير
حاضريءَ ۾، سرڪار ۽ سنڌين جي وچ ۾ ڳنڍ اٽڪي رهي
آهي. ٢٠، ٢٢ سال اڳ ۾ ڏاڍا ته چڙهيو، ٻو اسانجا

ڪانگريسي اڳوان به سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ خلاف
هئا ۽ هاڻي ٻئي اسانجي ٻوليءَ جا حمايتي بڻيا آهن.
سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي، سنڌيت جي هلچل جي وڏي
۾ وڏي سوڀ آهي.

گهٽو ۾ گهٽو نقصان جنهن سٺو آهي، سا آهي اسانجي
تعليم، جنهنجو ڪارڻ آهن- پرانتڪ سرڪارين جو ماٽيلو
ورتاءُ ۽ هند سرڪار جو ٿڌو رخ ۽ ٻن ليپين هلائڻ واري
منجهائيندڙ نيتي. انهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو
اجمير ۾ جتي پنجن سنڌي هاءِ سڪولن ۾ اڳ ۾ مئٽرڪ
تائين سنڌي ماڌيم هوندو هو، هاڻي رڳو پرائيمري تعليم
تائين محدود آهي. ٻئي طرف مهاراشٽر ۽ گجرات پرانتن
۾ جتي سڄي هندستان جي سنڌين جو اٽڪل اڌ آدم
رهي ٿو، اتي سنڌي تعليم، جيڪي سو ترقي ٿي ڪئي
آهي. انهن هنڌ سنڌين جا نوان سڪول، ڪاليج کليا
آهن ۽ جيستائين سنڌي خانگي ڪاليج ۽ سيڪنڊري
سڪول موجود آهن، تيستائين سنڌي تعليم جو آئيندو
سلامت آهي. ٻنهي پرانتن جي ٥٠ کن سنڌي سيڪنڊري
سڪولن مان فقط ايڪڙ ٻيڪڙ سڪول ۾ ديوناگري لپي
رستي تعليم ملي ٿي (جنهنلاءِ به متين درجن ۾ ڪيترا
سنڌي لپي جا ڪتاب ڪم آڻيندا آهن) باقي ٻين ۾
سنڌي لپيءَ ۾. جنهنڪري ديوناگري لپيءَ جو پرچار
هوندي به، عملي طرح، ڪو مونجهارو پيدا ڪري نه
سگهيو آهي، خاص ڪري جڏهن بمبئي ميونسپل
ڪارپوريشن کي هاءِ ڪورٽ جي فتوي پٽاڻا ٻارن کي
ديوناگري لپي بدران سنڌي لپي ۾ پاڙهڻ جو بندوبست

ڪرڻو پيو آهي.

انهن ٻنهي پرانتن ڪانپوءِ دهلي ٿي هڪ شهر آهي جتي سيڪنڊري سڪولن ۾ ديوناگري لپي چالو آهي ۽ ڪمال ته اهو آهي ته اتي ديوناگري جا ڪتاب ئي پورا ڪونهن. پر اتي به هينئر سنڌي لپيءَ لاءِ تهرڪ زور وٺي رهيو آهي. راجستان ۽ مڌيه پرديش ۾ پڻ سنڌي لپي زور آهي. جيڪي انگ اکر موجود آهن سي ڏيکارين ٿا ته سڄي هندستان ۾ سنڌي سيڪنڊري سڪولن ۾ پڙهندڙ شاگردن مان رڳو ٥، ٦ سيڪڙو ديوناگري لپي رستي تعليم وٺن ٿا. پر اٽڪل ٢٠، ٢٥ سيڪڙو، غير-سنڌي ڪانوينٽ وغيره سڪولن ۾ پڙهن ٿا. ۽ بمبئي ۾ ته سنڌين ۾ اڄڪلهه انگريزي رستي تعليم ڏيڻ جو مرض وڌي رهيو آهي، جنهن سنڌي جاتيءَ جو ترت ڌيان لهڻو.

ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ ۽ سنڌيت جي هلچل جي زور ڪانپوءِ ڪيترن دور دور هنڌن جي ننڍن ننڍن شهرن جي سنڌين ۾ سجاڳي آئي آهي جو هو پنهنجن ٻارن لاءِ سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ رستي تعليم لاءِ سرڪار ۽ ميونسپالٽيءَ کان تقاضا ڪن ٿا. انڪري هڪ طرف ڪي ماڻهو سنڌي ٻوليءَ رستي تعليم ڇڏي انگريزيءَ يا هنديءَ رستي تعليم لاءِ چاهه ڀريا ڏيکارين ته ٻئي طرف سنڌيءَ معرفت، تعليم لاءِ پڻ تقاضا ٿي رهي آهي.

اسانجي سنڌيت جي هلچل جو اثر تعليم سان گڏوگڏ

ساهت تي پڻ پيڙ آهي ۽ جيڪا حالت تعليم ۾ آهي سا لڳ ڀڳ ساڳي حالت ساهت ۾ به آهي. اُتي به زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش جاري آهي ۽ سراسري طور زندگيءَ جو زور ڪجهه وڌيڪ آهي. البت گذريل ڇهن سالن ۾ سهولتن جي نه ٿيڻ ڪري سنڌيت جي هلچل کي جيڪو ڌڪ لڳل آهي، تنهن جو اثر ساهت جي وڪاس تي به ٿيو آهي ۽ ڪجهه وقت ساهتڪ ماٺائي پيدا ٿي ويئي آهي. اُن لاءِ ساهتڪارن جو پنهنجو آپو ۽ چڙهت، لگن ۽ اڀياس جي ڪمي پڻ جوابدار آهي. ليڪن سراسري طور ڏسجي ته ورهاڱي بعد جي ٢٠، ٢٢ سالن ۾ سنڌي ساهت - ڪهاڻي ۽ ڪوتا، ناول ۽ ناٽڪ ڪوجنا ۽ آلوچنا - زبردست ترقي ڪئي آهي. صحتمند ۽ سٺن قدرن ۽ ترقي پسند ۽ انسانيت پسند لاڙن جو، رجعت پسند ۽ هاڃيڪار قدرن ۽ لاڙن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ اثر آهي جو اڃا به گهڻو وڌي سگهي ٿو جيڪڏهن اسانجي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا چستيءَ ۽ سجاڳيءَ سان ساهت جي وڪاس بابت عملي ڪم ڪري، ڇو ته سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ کانپوءِ نه سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ انيڪ راهون کليون آهن. مثلا هند سرڪار پاران هڪ ڪروڙ رپين خرچڻ جي رٿ وغيره. هڪ طرف ديوناگري لپيءَ وارن جو اڳوان جيرامداس دولترام چاهيندو ته ان ڪروڙ مان يا ته کيس پرچار لاءِ ڳپل حصو ملي يا ته مرڪزي سرڪار، ڪروڙ جي رٿ واپس وٺي. جيرامداس ان ڪروڙ جي لالچ تي ۽ پنهنجي سرڪاري حيثيت جو اجوڳو فائدو وٺي،

ضمير فروش ليکڪن کي خريد ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف سيا وري ڪروڙ رپين لاءِ سرڪار خلاف ڪورٽ جا در کڙڪائڻ واري آهي. ڇهن سالن بعد ليٽ اها، اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن سڏائڻ ۾ سوڀاري ٿي آهي. سميلن جي پڌرائيءَ سان ئي ساهتڪارن ۾ سرگرمي شروع ٿي ويئي آهي، سو جيڪڏهن سيا، ساهت جي ترقي لاءِ ڪا عملي رٿ ڪم آڻيندي ته وويڪ-وڪاٽيل ساهتڪار ٻه سيا وٽ واپس ايندا.

اڄ سنڌيت جي هلچل گهٽي ۾ گهٽي اوچ سنڌي سنسڪرتي (ڪلچر) کي ڏني آهي. اڄ سڄي هندستان ۾ سنڌي گيت ۽ سنگيت، ناٽڪ ۽ نرت-ڪلا ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي. ناٽڪن جون گولڊن جبليون ملهائجي رهيون آهن. هي ڪاميابيون موٽ ۾، خود سنڌيت جي هلچل کي ٻڻ هٿي ڏيئي رهيون آهن. هن ڪلچر ۽ ڪلا جي ڏس ۾ بهتريءَ جي گهٽي گنجائش آهي، خاص ڪري پنهنجي نجي سنڌي چيز بدران ڌاريءَ چيز تي گهڻو مدار رکيو وڃي ٿو. مثلا ناٽڪ اڪثر ترجما آهن، سنڌي سر ۽ ڌنون گهٽ ڪم اچن ٿيون ۽ سنڌي ناچ جو ته جڻ ڏڪار آهي. جنهن سنڌي ڪلا تي سنڌيت جي هلچل جو گهٽ ۾ گهٽ اثر ٿيو آهي سا آهي سنڌي چترڪاري. ورهاڱي بعد ڪي ناليرا سنڌي چترڪار پيدا ٿيا آهن پر هنن سنڌيت جي جهلڪ ڪمر ڪا ڀسالي آهي. ٿوري ۾ سنڌيت جي هلچل کي اُهـ فقط ولده رکاو آهي پر زور ٻڻ وناٽو آهي.

اڄ ئي اسانکان هيٺيان ڪتاب گهرائي پڙهو

مهاتما ۽ لينن (الم جو لکيل نرالو ڪتاب)	٢-٠٠
پياسي ڌرتي، پياسي دلڙيون (ڪرشن چندر جو ناول)	٢-٥٠
گيت سنهري سنڌوءَ جا (شيخ اياز جو تازو ڪلام)	٢-٠٠
ڪرندڙ ديوارون (سندري ۽ اتمچنداڻي جو ناول)	٢-٠٠
پريت پراڻي ريت نرالي (سندري اتمچنداڻي جو ناول)	٢-٥٠
اڇا وار ڳاڙها گل (سندري ۽ جون نيون ڪهاڻيون)	٢-٠٠
امن سڏي پيو (سندري اتمچنداڻي جو انعامي ڪتاب)	٢-٥٠
پياري چيز (سگن آهوجا جون ڪهاڻيون وغيره)	١-٥٠
ڀارت - روس دوستي (الم جو انعامي کوجناتمڪ ڪتاب)	٢-٠٠
چونڊ ڀارتي ڪهاڻيون (ليکڪ يشپال، ڪرشن چندر)	٢-٠٠
ڪنول ڄاڳي اٿيا (سگن آهوجا جو سهڻو ناول)	٢-٥٠
ناچُ (مالهي، سندري ۽ ٻين جا سنڌي ناٽڪ)	١-٥٠
ٽئگور - هڪ جهلڪ (الم جو تنقيدي ڪتاب)	١-٥٠
انسان جو نصيب (شولوخوف جو ناول - ترجمان الم)	١-٠٠
هڪ سسئي، سؤ سور (امرتا پريتم جو ناول)	١-٧٥
پيار يا واسنا (ليو ٽالسٽاءِ جو ناول ۽ ترجمان الم)	١-٥٠
پتنگن پهه ڪيو (الم ۽ ٻين جون سنڌي ڪهاڻيون)	١-٥٠

نئين دنيا، اي-٤ هيرآباد مينشن سينٽلا ديوي روڊ، بمبئي-١٦

بڪ لورس ڪارنر، ڏوبي تلاءُ، بمبئي-٢.

سندر بڪ اسٽال، گرگام روڊ، بمبئي-٢،

جگديش بڪ ڊيپو، سنڌو نگر-٢ (الهاسنگر-٢).

جنرل موٽر مارٽ

پيٽرول ڊيزل - ڪار ۽ ٽرڪ جي پرزن جا

خاص ماهر

پتو:- ۱۳، ناگنداس مينشن، گرگام روڊ، ٻمبئي-۴

فون:- آفيس (۳۵۶۹۱۰) ۽

گهر (۵۲۸۱۲۴—۵۲۱۹۶۴—۵۳۵۶۵۲)

* * *

ڪمار موٽر اِسٽورس

وِلي جيپ جي پرزن جا خاص ماهر

پتو:- ۱۲-بي، پينهام لين، ٻمبئي-۴.

فون:- ۳۵۵۴۶۷ تار: Frinch Marks

هڪ دفعو اسان وٽ ضرور اچو

هري سنس HARISONS

۳۲۴، وٺل ڀائي پٽيل روڊ، ٻمبئي-۴

فون: ۳۵۴۲۸۱

ضيا جو مذاقي شعر

سنڌيءَ ۾ مذاقي ساهت ٿورو آهي. ان ۾ به مذاقي شعر ته تمام ٿورو آهي، جنهن ۾ سرڳواسي پرسرام ضيا جي خاص ڏيڻ آهي. هن جيترو مذاقي شعر لکيو آهي اوترو جديد دور ۾ شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر لکيو آهي. ٻن سون کان به مٿي اهڙا شعر اٿس جيڪي نه فقط ”سپاهيءَ جا سخن“ ۽ ”سگريٽ باز جا گفتا“ جي سري هيٺ ڇپيل آهن پر سندس اوائلي مجموعي ”گلزار رنجور“ (١٩٣٦) ۾ به جنجي جهلڪ ملي ٿي. البت ائين آهي ته ورهاڱي کانپوءِ ڇپيل شعر جي آڌار تي ئي هنکي مذاقي شاعر چئي سگهجي ٿو.

مذاق ٻن قسمن جو آهي. هڪ ڌرو يعني هلڪو، جيڪو کن پل لاءِ کلائيندو، ٽهڪ به ڏياريندو آهي پر دل دماغ اندر ٽڪي نه سگهندو آهي. ٻيو نفيس مذاق ليندو آهي، جيڪو مرڪائيندو، کلائيندو، ڪڏهن ڪڏهن ٽهڪ به ڏياريندو آهي پر انکان وڌيڪ اڪثر ڪري دل ۽ دماغ ۾ هلچل مچائيندو اندر ۾ ويهي ويندو آهي.

ضيا جي شعر ۾ ٻنهي لفظن جو مذاق موجود آهي. البت هلڪو مذاق ڪجهه سرسري آهي. هن اهو شعر جيتوڻيڪ ٢٠،٢٢ سال کن اڳ چيو آهي، ته به اڄ تائين انجي گهڻي حصي پنهنجي تازگي ۽ اهميت نه وڃائي آهي. انجو سبب اهو آهي جو اُهو اسانجي روزاني زندگيءَ جو حقيقي چٽ آهي، جنهنکي چٽڻ لاءِ هن زندگيءَ کي سُونجهي واڱر باريڪبينيءَ سان ويجهائيءَ تان ڏٺو. هن زندگيءَ جي سياسي، آرٿڪ ۽ سماجڪ پهلن جي ترجماني ڪئي. ڪڏهن سامراجين جي نيتي، سرڪار جي نيتي، پوليس جي ڏاڍائيءَ تي طنز ڪيائين ته ڪڏهن ليڊرن، مکين چوڌرن، ٻاون ٻانيڻن ۽ زردارن ۽ پرشٽاچارين جي اوگهڙ ڪيائين ته ڪڏهن غريبن جي حق ۾ آواز بلند ڪيائين.

سامراجي انگريز اسانکي ويڙهائي هليا ويا. ملڪ جي حالت اهڙي بڻي آهي، جو ڪي آياڻا ته چوندا وتن ته ڀلي پنهنجي راڄ کان ته انگريزي راڄ سٺو هو. الهن تي مذاق ڪندي شاعر چوي ٿو:-

ويو هليو انگريز پر ٻازڙؤن وجهي ويندو رهيو
اڄ ڪري ساراهه چٽون ويٺا، هو ٻازيگر چڱو.

ضيا اسانجي اڳواڻن ۽ سندن سرڪار تي خوب چوٽون ڇنديا آهن. الهن شعرن ۾ طنز جو عنصر گهڻو آهي، جو ڪٿي ڪٿي اهڙو لاثاني آهي جو نشتر واڱر چڀي

ٿو وڃي. ليڊرن لاءِ ٣٤ سال اڳ ”گلزار رنجور“ ۾ هڪ شعر لکيو هئائين، تنهن جي صداقت اڃا به قائم آهي. هن جي واتان چوائي ٿو:-

اسانکي صرف ڳالهه واسطي ٿي ليڊري گهرجي
نه مطلب قوم سان ۽ نه وطن جي بهتري گهرجي
ٻه گهو چوغو، ٻه گهي ٽوپي چڏي چا لاءِ ڏيان آءٌ
مونکي چمڙي مان هڪ ٿي ڳوٿري ناٽي پري گهرجي.
ڏاڏي جو حال ٿيو هيٺو، ملڻ ٿي نوڪري مشڪل
ٽڏهن مان ٿو چوان، مونکي ٿي اڳواڻي وري گهرجي.

سرڪار تي ڪيل طنز ۾ چوي ٿو:-

”بي شڪر آهيو اوهين ڪنهن جا نه ٿورا ٿا مڃيو
بس رڳو سرڪار تي ڪوڙا ٿڪر وينا پيو.“
”سچ چئي سپاهي ڏوهه ڪري ٿو ملڪ پنهنجي
سان ٻوهه ڪري ٿو
رکڻ ڪپي هٿ وات ۽ ڪن کي- مٿان چئو ’مهراڄڻ‘ کي.“
”غريبن کي غريبيءَ ۾ هميشه، خوش رهڻ گهرجي
ڏسي ڪنهن جي ’اميري‘ کي نه سڙ هرگز ڪرڻ گهرجي
جي پنهنجو حق هٿي گهرندين، وڳوڙيءَ جو لقب ملندءِ.“

اسانجي غريب شرنارٿين، جي ڏکن ڏڌي جيوت ڏسي چوي ٿو ته انهن کان ته جيل بهتر آهي:

چڱو ڪئمپ کان اڄ آهي جيلخانو
’سپاهي‘، جي سک چاهين، ٿيءُ ٽون رڙاڙ،

شرنارٿي ڪئمپ جا جنسي ڪٿي لڳ آهي جتي ڪيترن کي نه پورو اُجهو آهي، نه اٽو آهي، نه لٽو آهي، نه علم آهي؛ نه پنهنجي شرم حياءُ لڪائڻ لاءِ پوشيدگي آهي. اهڙي لڳ لنهن جو چٽر بين ۽ ڪيترن شعرن ۾ چٽيو؛ انهن ۾ ”پٽي تي پوهوءَ ماءِ“ واري شعر ۾ اهو چٽر پڪائو آهي:-

پٽي تي پوهوءَ ماءِ
ڪنڌ پيچي ڪانگريسين جو- ڪيو انهن ڪنياءِ

لٽا نديءَ تي ڌوئي ويٺي
اڳوانن کي لوٺي ويٺي
منهن کي سڄائي سٽي تي ڪپڙا
لنڪو انس ڪو تاءِ- پٽي تي پوهوءَ ماءِ

ٻارهين وارو پير کو پڇندن
لال سائين کا اٿتي هٽندن
ڪئمپ ۾ آئي ڦٽو ڪيائون
ڏيٺي آئي جو پاءِ- پٽي تي پوهوءَ ماءِ

پيڙ لڳي تي ڪاڪوسن تي
وهن ٿيون پيشر لڌهن ڪسن تي
الٽو مکي چوي، زالن کي
ناهي شرم حياءِ- پٽي تي پوهوءَ ماءِ

ملي ٿو راشن ڪٿان سمورو
ڳجهه ڳاري ڪريون وقت ڪي پورو
ڪير جي خاطر ٻار رُئن ٿا
لهندو ڪير سماءُ- پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

ٻٽيچ آهن پنهنجيءَ ۾ پورا
مطلبي آهن مڪي سمورا
هٽن واسط جون لباڙون
سچو ڪندا ٿهراءُ- پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

پوهوءَ ماءُ جون ٻڌي هي ڳالهيون
سوناٿيءَ جون اکيون ٿيون آليون
وسري ويا سگريٽ چڪڙي
دل کي لڳو ڌڪاءُ- پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

مٿيون سڀ شعر پڙهڻ سان دل سچ پچ پُرجيو اچي ۽ پنهنجن پيارن سندن لاءِ هڏ ڪرڪڻ لڳي ٿو. ۽ اهو اونهو احساس ٿئي ٿو ته اسان سندن ورهاڱي جي ڪري ڪيتريون نه مصيبتون ۽ مشڪلاتون ڏٺيون آهن ۽ اسان سان اهڙو گناهه ڪيو ويو آهي جو الهاس ڪڏهن به، گنهگارن کي معاف نه ڪري سگهندو. هن شعر ۾ جا سليساڻي ۽ رواني، لطافت ۽ صداقت آهي، سا هن کي پڪ لوڪ- ڪوتا بڻائي ٿي ڇڏي. هن ڪوتا ۾ ناٽڪي عناصر به زوردار آهي.

ضيا هڪ ٻيءَ والان اهائي ٻولي چوائـــي اٿس جيڪا هوءَ روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائينديون آهن. هـن شعر ۾ حقيقت جي اهڙي نہ اثرائتي تصوير ڪيڇي اٿس جو اسانجي اکين آڏو سڄي ڪئمپ جو چٽ ڦرڻ لڳي ٿو. هن سڄيءَ ڪوتا ۾ مرڪ ۽ لڙڪ جـــو مڏر ميلاپ سمايل آهي.

ڪئمپ ۾ جتي پوهوءَ ماءُ جهڙا ايماندار انسان ڏکي جيوت ڪاٽي رهيا آهن، اُتي اهڙا سائينءَ جا سنوار ٻـا ڍونگي بہ آهن جيڪي پاٽڪي غـريب سڏائي سڄن ٻچن غريبن جي حق کي ويٺا مارين. اهـڙن ڍونگين جو ضيا خوب ڀانڊو ڦوڙيو آهي. چوي ٿو:-

چون زوردار ڪئمپن ۾ بکيا آهيون ڏکيا آهيون
اُتي لپ لئہ گهڻن ايمان پنهنجي کـي وڃايو آ
گهڻائي هونـــد وارا هوند ۾ اڻ هوند ٿا سمجهن
ڏٺـــي لنڪي "اميريءَ" ۾ سڄو سڪڻو بڻايو آ.

ساڳيءَ طرح جن ڪوڙا ڪليم ڀريا آهـــن تـــن لاءِ چوي ٿو:-

ڀري فارم ڏنا آهـــن هزارن پنهنجي ملڪيت جـــا
هيئنر بس والدڪائيءَ ۾ رسيدن کـــي ڏسن ويٺا
ٻڌن جنهن دم حڪومت طرفان جاين جي مٺا ڪيندي

هٿن ۾ مرڻ جون انڱوريون اکين ۾ لڙڪن وهندا.
اهڙي شعر ۾ ڏسو سنڌين جي ڪوڙي شان واري
مصوريءَ کي ڪيئن نه مذاقي طرز ڏني اٿس:

ٻچڙا ڇڏيسون پنهنجي وطن جي
اڃا ته آهي اسون لکن جي
هرڪو هندي ٿيو حيران
ڪٿي آهيون ڪ ته آهيون خان.
گهر ٻاري اسين ڪريون ڏياري
سنڌيون سڀائيءَ ۾ نه ٻهاري
سوچيون نفعو لکي نقصان
ڪٿي آهيون ڪ ته آهيون خان.

اسانجي گهرو جيوت کي ڪيئن گهُڻ لڳي رهيو آهي، انکان ۽ خوب آگاهه ڪيو اٿس. ڇوڪرن ۽ ٻارن ۾ پنهنجي، ان ۾ پٽ جو جهيڙو لڳو پيو آهي. مردن مان اخلاق ۽ ٻارن مان حياءُ موڪلائيندو ٿو وڃي ۽ ٻئي ٽوٽي ٿيندا ٿا وڃن. ڏسو:-

”ڪهڙي منهن سان ٻار گهران ٿر، ويٺو آهن ٿون بيڪار
ڪتب ۾ ٿو ڪي مولڪي، سب کي، ڪاراڻي سرڪار
ٻاڻ سڄو ڏينهن ڪٽون ڇڪن ٿر، ڇوڪرن ٿي بس مار.“
”سنڌ ۾ هڪ هو، مگر هيءَ ڪيئي دادا ليکراج
جن کي هردم چاولن کي هٿ ڪرڻ جو شوق آ
ملڪيتون مڙسن جون ڇڏيون پنهنجون پاڪستان ۾
هن حياءُ ۽ شرم وارن کي ڇڏڻ جو شوق آ“

نه فقط گهرو جدوجهد، پر سڄي سماجڪ جدوجهد کي اهو گهڻو اڳڀرو رهبر آهي، جنهن ڏانهن شاعر اشارو ڪيو آهي. ڇو اهڙو نه لوڪرائون نه عام ۽ عقل کي نه پر پاهرين سرلهن کي ليون وڪامن. هر چيز پٽسي لي لي وڪامي، اڏڻ جو ڪو ڏٺي سائين ڪولهي:

" اڳر خواصرت ڪالي ڇوڪري آ
نه اُن لاءِ هـرڌم رکي نوڪري آ."

"آئو ڏٺي دشا ڪرباڻا - پاڻي پيڪ لڳ انکو پرباڻا
گاڏهالڳ پي ماهر کي وڪامي."

" ناڻي کي لـو نياڻ وڪامي
اڏڻ پل پيو سڙي ۽ ڪامي."

ليڪن ضيا کي وشواس آهي ته اهڙي زندگي سدائين قائم نه رهندي، ضرور بدلبي. انڪري ته هڪ مذاقي شعر ۾ اڳوالن کي مخاطب ڪري چوي ٿو:

ڇگر آئو ميدان ڇڏي ڏيو
ڪم نه ڪرائو تا هڻي پوي ٿيو
جوش ۾ جدتا اچي رهي آ، بدليو آهي زمانو.

مٿين مثالن مان ڏسبو ته ضيا صاحب مذاقي شعر ۾ نه فقط عام ماڻهن جي جدوجهد ۽ سنڌيت جو چٽو چٽو
اها عام فهم ٻول چال جي اصطلاحن سان
ڀريل آهي، جو شعر ۽ شاعر لوڪ-

5259
Crit.
54